مکتوبات شریف
اور
سوانح حیات

امام العارفین

سید محمد راشد روضہ ذی قدس سرہ


ولادت ۔ سنہ ۱۲۸۳ھ

مؤلف


ڈاکٹر نذر حسین سکندری

ناشر:

مدرسہ صبغۃ الہدیٰ شاہ پور چاکر (سانگھڑ)



www.maktabah.org



www.maktabah.org



www.maktabah.org

تحقيقي مقالو

براءِ پي. ايڇ. ڊي. اسلامڪ ڪلچر
سنڌ يونيورسٽي جامشورو

مڪتوبات شريف

حضرت پير سيد **محمد راشد** روضي ڌڻي رحمة الله عليه
جو سنڌي ترجمو ۽

سوانح حيات

محقق: **ڊاڪٽر نذر حسين سڪندري**

ناشر:
مدرسه صبغة الهدىٰ
شاهپور چاڪر

www.maktabah.org

www.maktabah.org


بسم اللہ الرحمن الرحیم

مقعبات شریف

رضوی ڈٹی

رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ

www.maktabah.org

ڪتاب جاسمورا حق ناشروٽ محفوظ آهن

رحمة الله عليه

ڪتاب جو نالو: مڪتوبات شريف پير سيد محمد راشد روضي ڈٹي جو ترجمو ۽ سندن سوانح حيات

جامع: عارف باللہ خليفو محمود نظاماڻي رحمة الله عليه

تحقيق:- ڈاڪٽر نذر حسين سڪندري

پروف ڏسندڙ: مولانا قربان علي سڪندري

ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: پٽو برادران ڪمپوزنگ سينٽر لطيف آباد ۽ حيدرآباد سنڌ

معاون ڪمپوزنگ: فيض محمد پٽاڻي سڪندري حيدرآباد

پهرئين اشاعت: جولاءِ ۱۹۹۶ء - صفر المظفر ۱۴۱۷ھ

تعداد اشاعت هڪ هزار

ٽائيٽل ۽ اشاعتي نگران: مولا بخش سڪندري، ڪراچي

مطبع: احمد برادرس پرنٽرز، ڪراچي

ناشر: مدرسه صبغة الهدیٰ. نيو ڪالوني شاهپور چاڪر

قيمت: ۲۲۵ روپيا

خصوصي معاون

عاليجناب مير محمد خان وساڻ

عالي جناب عزت مآب مير محمد خان وساڻ صاحب (شهداد پور) هن مڪتوبات شريف کي پنهنجي ذاتي خرچ سان ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. الله تعالیٰ کين پنهنجي حبيب ڪريم صلی الله عليه وسلم جي طفيل دارين جي سعادت ۽ دين دنيا جون برڪتون نصيب فرمائي. آمين

ملڻ جو هنڌ

مدرسه صبغة الهدیٰ نيو ڪالوني شاهپور چاڪر ضلع سانگهڙ سنڌ

www.maktabah.org



شبیہ مُبارک اعلیٰ حضرت پیر سیّد

شاہ مَردان شاہ ثانی (پیر پاگارہ ہفتم)

سجادہ نشین درگاہ شریف پیر جو گبوٹ (کنگری)

www.maktabah.org

www.maktabah.org

* انتساب *

اعليٰ حضرت مرشدي ومربي پير سيد شاهمردان شاه ثاني

* جن جي نظر عنايت سان هي ڪم سرانجام ٿيو.
* جن جي فيض عام سببان، جمعيت علماءِ سڪندريه جي عالمن جي جماعت جو وجود نظر اچي ٿو.
* جن جي خصوصي توجه سان پوري سنڌ ۾ سوين ديني ادارا مسلڪ اهل سنت ۽ دين متين لاءِ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن.
* جن جي سرپرستيءَ ۾ ملڪ و ملت جي حفاظت ۽ جهاد لاءِ هزارين حر مجاهد هميشه ڪمربسته رهن ٿا.
* جن جي وسيع النظري ۽ فراخ دلي سببان، ڪيترائي ڪمزور ۽ مسڪين محفوظ رهن ٿا.
* جن جي وسيع ۽ شاهي دسترخوان تي، ڪيترائي يتيم، حاجتمند ۽ محتاج هروقت پنهنجون مرادون ماڻي رهيا آهن.

ڪچا يي قبول ٿين، آيل آديسين جا
جي منجهه حضور اچن، تن جالڻا حق حساب جا.

ڊاڪٽر نذر حسين سڪندري
ليڪچرار
پير سيد صبغة الله شاهشهيد
ڊگري ڪاليج سانگهڙ

www.maktabah.org

به اکر

از رشحات قلم ابو البيان، حضرت علامه، مفتي اعظم

مفتي عبدالرحيم سکندري

پرنسيپال مدرسه صبغة الهدىٰ شاه پور چاکر، ضلع سانگهڙ

بِاسْمِهٖ سُبْحَانَهٗ وَتَعَالٰي

زير نظر کتاب، حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي قدس الله سره العزيز جن جي مکتوبات شريف جو سنڌي ترجمو آهي.

اصل کتاب "عربي ۽ فارسي" ۾ لکيل آهي. لغت ۾ "مکتوب" معنيٰ هٿ سان لکيل خط، جنهن جو جمع آهي. مکاتيب ۽ مکتوبات.

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي قدس الله سره العزيز جن جي مکتوبات شريف، تصوف جي انهن چند کتابن مان هک اهم کتاب آهي، جيکي تصوف جو علمي سرمايو آهن. مثلاً فتوحات مکيه، مثنوي مولانا روم ۽ مکتوبات امام رباني مجدد الف ثاني، وغيره.

پير سائين روضي ڏٽي قدس سره جن جي مکتوبات شريف ۾ هيءَ خصوصيت نمايان آهي ته ان ۾ شريعت ۽ حقيقت کي هک هنڌ، ڪري ڏيکاريو ويو آهي.

شريعت ۽ طريقت جو جيکو جدا تصور عام صوفين ۾ صدين کان مروج هيو، ان کي هن مکتوبات شريف ۾ ختم ڪيو ويو آهي. شريعت ۽ طريقت بابت حضرت پير سائين روضي ڏٽي عليه الرحمة والغفران جن جو مسلڪ هن طرح آهي:

هک پيري پاڻ فرمايائون ظاهر وارا، شريعت، طريقت حقيقت ۽ معرفت جو هن طرح مثال ڏيندا آهن ته شريعت ستڙ جي مثال آهي ۽ طريقت پهراڙ جي مثال، حقيقت چادر جهڙي ۽ معرفت دستار سمجهڻ گهرجي، مگر اسان جو مذهب ۽ طريقو اهو آهي (ظاهر وارن جي برخلاف) شريعت ئي اسان لاءِ دستار ۽ متي جو چٽ آهي. (ملفوظات شريف ص۸۶ ج۱).

www.maktabah.org

سندن متئين فرمان مبارڪ مان صاف ظاهر آهي تہ شريعت، طريقت آهي ۽ طريقت، شريعت. بلڪ هيئن چوڻ مبالغو نہ ٿيندو تہ سندن مسلڪ مبارڪ موجب سڀ ڪجهہ شريعت ئي آهي.

مڪتوبات شريف ۾ ڇا آهي؟

پاڻ وقت بوقت پنهنجي باڪمال خليفن ۽ همعصر جيد عالمن کي سندن سوالن جا جواب لکي روانہ فرمائيندا هيا. تصوف ۽ طريقت جي ڏکين مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ سنڌ جا مشهور عارف ۽ عالم، حضرت جن ڏانهن رجوع ڪندا هيا، تہ پاڻ اسرار حقيقت جي طالبن، راهہ طريقت جي سالڪن جي تسلي لاءِ ڪين تفصيلي تحقيقي خطن مبارڪن ذريعي ڪين مطمئن ڪندا هيا. جن جي روشنيءَ ۾ حق ۽ حقيقت جا متلاشي پنهنجو "گوهر مقصود" حاصل ڪري ونندا هيا.

مڪتوبات شريف کي ڪتابي صورت ۾ گڏ ڪرڻ جي سعادت، حضرت جن جي باڪمال خليفي عارف بالله محمود فقير نظاماڻي ڪڙيئي شريف وارن کي نصيب ٿي. جنهن جا مختلف نسخا، سنڌ جي ڪتب خانن ۾ محفوظ رهندا آيا.

اڄ ڪان ٻاويهہ سال اڳ، اسان جي پياري دوست مرحوم حاجي نواز علي چنڙ (ويندل سرهاري ضلع سانگهڙ) جي معرفت اسان کي مڪتوبات شريف جو هڪ نادر نسخو هٿ آيو، جيڪو نهايت حسين قلم سان لکيل آهي. حسن اتفاق ڪٽي چئجي جو ان نادر نسخي ملڻ کان چند ڏينهن بعد، درگاهہ شريف حضرت پير سائين پاڳاره مدظلہ العالي جن جي جامع مسجد جو خطيب، سنڌ جي عظيم ديني درسگاهہ جامعہ راشديہ جو مهتمر، استاد العلماءَ حضرت علامہ مولانا محمد صالح صاحب نور الله مرقده جن، اسان وٽ مدرسہ صبغةَ الهدىٰ شاهپور چاڪر (شاخ جامعہ راشديہ درگاهہ شريف) ۾ دعا فرمائڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا. سندن خدمت مبارڪ ۾ متيون مڪتوبات وارو نسخو پيش ڪيم تہ پاڻ ڏسڻ شرط، اکين تي رکي، آبديده ٿي ويا ۽ بار بار فرمائيندا رهيا، بابا خدا ڪري جو منهنجي حياتي ۾ مڪتوبات شريف جو ترجمو ٿي شايع ٿئي. ڪافي دير تائين مڪتوبات شريف کي سيني سان لائي، باري تعالىٰ جا شڪرانا بجا آڻيندا رهيا ۽ بي انتها خوشيءَ جو اظهار فرمائيندا رهيا.

حضرت استاد سائين عليه الرحمةَ جا اهي الفاظ، اڄ بہ فقير راقم الحروف جي ڪنن ۾ گونجي رهيا آهن جو فرمايو هيائون تہ زندگيءَ ۾ پهريون پيرو مون کي مدرسہ صبغةَ الهدىٰ شاهپور چاڪر ۾ مڪتوبات شريف جي زيارت نصيب ٿي آهي ۽ الله تعالىٰ

www.maktabah.org

کان دعا آهي ته مدرسہ صبغۃ الهدیٰ کي ئي هن بي بها سرمايي جي ترجمي کرائڻ ۽ شايع کرڻ جي سعادت نصيب ٿيندي.

الحمدلله والمنۃ جو منهنجي نهايت ئي شفيق ۽ مهربان، فياض استاد سائين عليه الرحمۃ جي دعا مقبول ۽ منظور ٿي آهي، جو مدرسہ صبغۃ الهدیٰ شاهپور چاکر جي نوجوان فاضل، منهنجي ننڍڙي پاءُ عزيزم ڈاڪٽر نذر حسين سکندري، طول الله عمره کي مکتوبات شريف جي ترجمي کرڻ ۽ صاحب مکتوبات شريف جي سوانح حيات تي لکڻ جي سعادت نصيب ٿي آهي، ۽ ان جي شايع کرڻ جي سعادت وري مدرسہ صبغۃ الهدیٰ شاهپور چاکر جي پاڳي ۾ آئي آهي.

عزيزي ڈاڪٽر نذر حسين سکندري (ليکچرار گورنمنٽ پير سيد صبغۃ الله شاه شهيد) کي تحقيقي ۽ علمي کم جو شوق دامنگير ٿيو، جنهن اڄ کان تقريبًا نو سال اڳ سنڌ يونيورسٽي جامشورو (حيدرآباد) ۾ داخلا ورتي تحقيقي کم شروع کيو، ۽ پنهنجو موضوع "مکتوبات شريف جو ترجمو ۽ حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي عليه الرحمۃ جي سوانح حيات" منتخب کيائين، ستن سالن جي محنت ۽ رات ڏينهن جي جاکوڑ کان پوءِ "جوينده يا بنده" جي مصداق فبروري ١٩٩٤ ۾ پنهنجي منزل مقصود کي پهچي پي ايڇ - ڊي جي ڊگري حاصل کيائين.

اين سعادت بزور بازو نيست
تانه بخشد خدائے بخشنده

مکتوبات شريف جو مالڪ کنهن تعارف جو محتاج نه آهي. اوهان اڳتي هن ئي کتاب ۾ سندن زندگي جو تفصيلي احوال پڙهندا. آءٌ هت صرف هي ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته حضرت جن جيئن معرفت جا آفتاب هيا، تيئن ظاهري علمن جا بي بدل عالم پنهنجي وقت جا عظيم محدث ۽ مفسر، تصوف ۽ تاريخ جا ماهر، لغت ۽ فقه جا بي نظير محقق، ۽ برجسته مصنف ۽ مفتي ٿي گذريا آهن. حضرت جن لاءِ گهٽو کري سنڌ جا ماڻهو هي راءِ رکندا آهن ته پاڻ صرف برگزيده ۽ باڪمال پير هيا. پر سندن مکتوبات شريف جي مطالعہ کرڻ کان بعد معلوم ٿو ٿئي ته پاڻ جيئن رشد ۽ هدايت جي زور دار شمع روشن فرمايائون جو روزانہ هزارين ماڻهو پتگن وانگر مٿن قربان ٿيندا رهندا هيا تيئن وقت جا جيد عالم ۽ تصوف ۽ طريقت جا روحاني پيشوا به هر وقت، کانئون پنهنجا علمي عقده حل کرائڻ لاءِ هميشه حاضريون پريندا رهندا هيا، هر وقت سندن خدمت ۾ جيئن فقيرن،

www.maktabah.org

ذاکرن ۽ زاهدن جون پلٽڻيون لٽيون پيون هونديون هيون، تيئن عالمن جا انبوهه، وٽن موجود ڏسڻ ۾ ايندا هيا. محترم غلام رباني آگرو صاحب جي بقول:

حضرت روضي ڏٽي عليه الرحمة جي فيض جو سنڌ اهڙو نظارو ڪڏهن ڪونہ ڏٺو هوندو ۽ نڪو ڏسندو. اهڙي باڪمال ۽ برگزيده پير، عارفن جي امام، سنڌ جي ولين جي سرتاج حضرت پير سيد محمد راشد روضي ڏٽي قدس الله سره العزيز جن جي مڪتوبات شريف ۽ سوانح حيات شايع ڪرڻ جي سعادت مدرسه صبغة الهدىٰ شاهه پور چار (شاخ جامعه راشديه درگاه شريف) حاصل ڪري رهيو آهي. جنهن لاءِ هي ناچيز باري تعالىٰ جي بارگاهه ۾ سربسجود ٿي شڪر بجا آڻي رهيو آهي. دعا آهي الله تعالىٰ، اسان جي فاضل محترم ڊاڪٽر نذر حسين سڪندري صاحب کي مزيد خدمت ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

بي انصافي ٿيندي جو آءٌ پنهنجي نهايت واجب الاحترام عزت مآب جناب مير محمد خان وساڻ صاحب، شهداد پور وارن جو تذڪرو نہ ڪريان جن نهايت خلوص ۽ عقيدت سان مڪتوبات شريف جي اشاعت جو سمورو وزن پنهنجي سر تي ڪڍي، مالي امداد ڏئي، هي سعادت حاصل فرمائي آهي. الله تعالىٰ کين پنهنجي حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جي طفيل ديني ۽ دنيوي سعادتون ۽ نيڪ بختيون نصيب فرمائي. آمين بجاهِ حبيبهِ الڪريم وصلي الله تعالىٰ عليه وآلهٖ واصحابهٖ اجمعين.

فقير عبدالرحيم سڪندري
خادم ومهتمم مدرسه صبغة الهدىٰ
شاهه پور چاڪر

۲۱- اپريل ۱۹۹۶ع
۲- ذو الحج سن ۱۴۱۶هـ

www.maktabah.org

فهرست

مضمون	صفحو
مهاڳ	۱۸
باب اول	
فصل پهريون	
راشدي خاندان جو احوال	۲۶
شاهه صدر لکي	۲۷
فصل بيو	
شجره نسب سيد محمد بقا شاهه لکياري	۳۳
پيدائش سيد محمد بقا شاهه لکياري	۳۳
طريقت ۾ قدم	۳۵
شادي ڪرڻ جو واقعو ۽ اولاد	۴۱
اولاد جي تربيت جو طريقو	۴۳
علمي مقام	۴۵
دنيا داري کان بيزاري	۴۷
شهادت جو واقعو	۴۸
ميان صاحب جا مختصر شعر	۵۰
صحبتي ۽ همعصر	۵۱
فصل ٽيون	
سوانح حيات حضرت پير سيد محمد راشد روضي ڈٹي	۵۲
حضرت جن جي ولادت جو احوال	۵۴
تعليم ۽ تربيت	۵۷
تحصيل علم	۶۱
راهه طريقت ۾ قدم	۶۴
صاحب ارشاد و تلقين	۶۶
مسند نشيني	۶۸
سندن اولاد	۷۴

www.maktabah.org

اولاد ۽ جماعت جي تربيت	۷۹
اهل شريعت	۸۷
سنت سان پيار	۹۲
خدا پاڪ سان محبت جو انوکو مثال	۹۷
فصل چوٽون	
شخصيت ۽ ڪردار	۱۰۱
رزق،روزي متعلق سندن رايو	۱۰۵
متابعت جوعجيب انداز	۱۰۸
ڏکي رستي سان سفر ڪرڻ	۱۰۹
خود احتسابي	۱۰۹
گلا ڪندڙن کي سهڻي صلاح	۱۱۱
مزاح ۽ خوش طبعي	۱۱۳
فڪر فردا	۱۱۴
پيٽ پري کائڻ کان منع	۱۱۵
سماجي شغل،مشغوليون	۱۱۷
سندن زندگي جو آخري احوال ۽ وصال	۱۱۹
باب ٻيو	
فصل پهريون	
سندن مشهور خليفا ۽ انهن جون خانقاهون	۱۲۳
خليفو حضرت سيد محمد حسن شاهه جيلاني سوئي وارو	۱۲۳
خليفو محمود نظاماڻي رحمه الله تعالیٰ عليه ڪڙئي گهنور وارو	۱۲۵
خليفي صاحب جي ولادت	۱۲۶
قادريه طريقت اختيار ڪرڻ جو احوال	۱۲۸
ڪڙئي ۾ خانقاهه ۽ مسجد جو قيام	۱۳۸
خليفي صاحب جن جو علمي مقام	۱۴۲
سندن وصال	۱۴۳
خليفو نبي بخش لغاري	۱۴۶

www.maktabah.org

حضرت جن جا فيض يافته مختلف خليفا	۱۵۲
فصل ٻيو	
مسلڪ سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه	
ملفوظات ۽ مڪتوبات جي روشني ۾	۱۵۷
وقت جو مجدد	۱۵۸
ميلاد النبي جي اهميت سندن نظر ۾	۱۶۰
ماتم کان منع ڪرڻ	۱۶۲
مرشد جي ضرورت	۱۶۵
اهل مماتي کان مدد طلبڻ جي باري ۾ سندن مسلڪ	۱۶۷
اولياءَ الله سان عقيدت	۱۶۹
نذر ۽ نياز	۱۷۱
فصل ٽيون	
تاريخي غلطي جو ازالو	۱۷۳
نتيجو	۱۹۰
باب ٽيون	
فصل پهريون	
سندن شعر وشاعري تي هڪ اجمالي نظر	۱۹۱
سندن ڪلام جي خصوصيت	۱۹۲
فصاحت ۽ بلاغت	۱۹۲
سلاست ۽ رواني	۱۹۴
جدت ۽ ايجاد	۱۹۴
درد	۱۹۵
شاعري جومقصد	۱۹۵
لاکيٽي لطيف جو متن اثر	۱۹۶
پير سائين روضي ڏٽي، جو مولودن ۾ حصو	۱۹۷
جمالياتي تصور	۱۹۸
وحدت الوجود جو عنصر ۽ خود شناسي	۱۹۹

www.maktabah.org

حضرت جن جي شاعري جو پرواز	١٩٩
قرآني تضمين	٢٠٠
جانورن جي نالن جو بيان	٢٠٠
وطنيت جو جذبو	٢٠١
مجاز جي مهميز	٢٠١
منظر ڪشي	٢٠٢
نيڪن جي صحبت اختيار ڪرڻ	٢٠٣
عام اصطلاحي شاعري	٢٠٤
عام سنڌي محاوري ۽ پهاڪن واري شاعري	٢٠٤
تجنيس حرفي	٢٠٥
استعارو ۽ تشبيهه	٢٠٦
انتخاب ڪلام حضرت روضي ڏڻي رحمه الله عليه	٢٠٨
فصل ٻيو	
تصوف جو تعارف	٢٣٢
تصوف جي شروعات	٢٣٦
اسلامي تصوف	٢٣٧
تصوف جي تعليم جو مقصد	٢٤٠
صوفين جي روحاني تربيت جو طريقو	٢٤٢
فصل ٽيون	
سنڌ ۾ تصوف	٢٤٦
سهروردي سلسلو ۽ ان جا بزرگ	٢٥٣
سنڌ ۾ نقشبندي طريقو	٢٥٨
قادري سلسلي جو مختصر تعارف	٢٦٦
قادري سلسلي جا مقامات	٢٦٧
چشتي سلسلي جو مختصر تعارف	٢٧٦
سنڌ ۾ چشتي سلسلو	٢٧٨

www.maktabah.org

فصل چوٽون

ان دور جون روحاني ۽ مذهبي حالتون ۲۸۱

ان دور جون سياسي حالتون ۲۸۶

حضرت پير سائين روضي ڈڈي جن جي دور ۾ سنڌ جي معاشي حالت ۳۰۰

باب چوٽون

فصل پهريون

مڪتوبات روضي ڈڈي ۾ مذڪور صوفيانه اصطلاحات جو مختصر جائزو ۳۰۵

روح متعلق سنڌن رايو ۳۰۵

نفس شناسي جو علاج سنڌن نظر ۾ ۳۰۸

نفس مطلق ۳۰۸

مطمئنه ۽ اماري نفس بابت سنڌن نظريو ۳۱۰

لوامي نفس جي سچاڻپ ۳۱۱

تزڪيه نفس ۳۱۲

رضا جي حقيقت ۳۱۳

مبتدي ۳۱۷

منتهي سنڌن نظر ۾ ۳۱۹

حال بابت حضرت جن جو خلاصو ۳۱۹

مقام سنڌن نظر ۾ ۳۲۰

عارف جي منزل سنڌن نظر ۾ ۳۲۰

امر ۳۲۱

وجد ۳۲۲

صدق دلي ۳۲۲

زهد ۳۲۲

منافق ۳۲۳

ڪامل انسان ۳۲۴

ناقص ۳۲۴

www.maktabah.org

خوف ۽ حزن	۳۲۴
قرب	۳۲۵
جلال ۽ جمال	۳۲۶
خواطر	۳۲۷
توحيد	۳۲۸
فقر	۳۲۹
علم	۳۳۰
شريعت	۳۳۲
طريقت	۳۳۳
حقيقت	۳۳۴
معرفت	۳۳۵

فصل ٻيو

ملفوظات ۽ مڪتوبات جي اهميت	۳۳۷
ملفوظات شريف تي هڪ اجمالي نظر	۳۴۰
مڪتوبات شريف هڪ نظر ۾	۳۴۲
مڪتوبات جا موضوع	۳۴۳

فصل ٽيون

مڪتوبات حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي جو ترجمو ۽ مختصر تعارف	۳۴۶
قلمي نسخن جو تذڪرو	۳۴۶
مڪتوبات جي ترجمي ڪرڻ وقت طريقئ ڪار	۳۴۷
مڪتوبات سان لاڳاپيل مضمونن جو ذڪر	۳۴۸
مڪتوبات ۾ تصوف جو اپياس	۳۴۹
نتيجي تائين رسائي	۳۴۹
تحقيقي تجزيو	۳۵۰
مڪتوبات شريف تاريخ جي روشني ۾	۳۵۱

www.maktabah.org

ترجمو خط ع ۱	۳۵۳
ترجمو خط ع ۲	۳۵۷
ترجمو خط ع ۳	۳۶۰
ترجمو خط ع ۴	۳۶۵
ترجمو خط ع ۵	۳۶۶
ترجمو خط ع ۶	۳۶۷
ترجمو خط ع ۷	۳۷۱
ترجمو خط ع ۸	۳۷۳
ترجمو خط ع ۹	۳۷۸
ترجمو خط ع ۱۰	۳۸۱
ترجمو خط ع ۱۱	۳۸۳
ترجمو خط ع ۱۲	۳۸۶
ترجمو خط ع ۱۳	۳۸۷
ترجمو خط ع ۱۴	۳۸۸
ترجمو خط ع ۱۵	۳۹۰
ترجمو خط ع ۱۶	۳۹۲
ترجمو خط ع ۱۷	۴۰۶
ترجمو خط ع ۱۸	۴۰۹
ترجمو خط ع ۱۹	۴۱۲
ترجمو خط ع ۲۰	۴۲۸
ترجمو خط ع ۲۱	۴۵۰
ترجمو خط ع ۲۲	۴۷۵
ترجمو خط ع ۲۳	۴۸۱
ترجمو خط ع ۲۴	۴۹۰
ترجمو خط ع ۲۵	۴۹۶
ترجمو خط ع ۲۶	۵۰۱
ترجمو خط ع ۲۷	۵۰۵

www.maktabah.org

ترجمو خط ع ۲۸	۵۰۹
ترجمو خط ع ۲۹	۵۱۲
ترجمو خط ع ۳۰	۵۱۴
ترجمو خط ع ۳۱	۵۱۶
ترجمو خط ع ۳۲	۵۱۷
ترجمو خط ع ۳۳	۵۲۱
ترجمو خط ع ۳۴	۵۲۳
ترجمو خط ع ۳۵	۵۲۸
ترجمو خط ع ۳۶	۵۳۰
ترجمو خط ع ۳۷	۵۳۳
ترجمو خط ع ۳۸	۵۳۵
ترجمو خط ع ۳۹	۵۳۷
ترجمو خط ع ۴۰	۵۳۹
ترجمو خط ع ۴۱	۵۴۰
ترجمو خط ع ۴۲	۵۴۰
ترجمو خط ع ۴۳	۵۴۲
ترجمو خط ع ۴۴	۵۴۳
ترجمو خط ع ۴۵	۵۴۵
ترجمو خط ع ۴۶	۵۴۶

فصل چوٹون

اصل فارسي متن مكتوب ع ۱	۵۵۰
اصل فارسي متن مكتوب ع ۲	۵۵۱
اصل فارسي متن مكتوب ع ۳	〃
اصل فارسي متن مكتوب ع ۴	۵۵۵
اصل فارسي متن مكتوب ع ۵	۵۵۷
اصل فارسي متن مكتوب ع ۶	〃
اصل فارسي متن مكتوب ع ۷	۵۶۰

www.maktabah.org

اصل فارسي متن مکتوب ع ٨	٥٦٢
اصل فارسي متن مکتوب ع ٩	٥٦٤
اصل فارسي متن مکتوب ع ١٠	٥٦٤
اصل فارسي متن مکتوب ع ١١	٥٦٥
اصل فارسي متن مکتوب ع ١٢	٥٦٦
اصل فارسي متن مکتوب ع ١٣	٥٦٨
اصل فارسي متن مکتوب ع ١٤	٥٧٠
اصل فارسي متن مکتوب ع ١٥	٥٧١
اصل فارسي متن مکتوب ع ١٦	٥٧٢
اصل فارسي متن مکتوب ع ١٧	٥٧٣
اصل فارسي متن مکتوب ع ١٨	٥٧٥
اصل فارسي متن مکتوب ع ١٩	٥٧٦
اصل فارسي متن مکتوب ع ٢٠	٥٧٧
اصل فارسي متن مکتوب ع ٢١	٥٧٨
اصل فارسي متن مکتوب ع ٢٢	٥٨٠
اصل فارسي متن مکتوب ع ٢٣	٥٩١
اصل فارسي متن مکتوب ع ٢٤	٥٩٢
اصل فارسي متن مکتوب ع ٢٥	٥٩٥
اصل فارسي متن مکتوب ع ٢٦	٦٠٢
اصل فارسي متن مکتوب ع ٢٧	٦٠٣
اصل فارسي متن مکتوب ع ٢٨	٦٠٤
اصل فارسي متن مکتوب ع ٢٩	٦٠٥
اصل فارسي متن مکتوب ع ٣٠	٦٠٥
اصل فارسي متن مکتوب ع ٣١	٦٠٧
اصل فارسي متن مکتوب ع ٣٢	٦٠٨
اصل فارسي متن مکتوب ع ٣٣	٦٠٩
اصل فارسي متن مکتوب ع ٣٤	٦١١

www.maktabah.org

اصل فارسي متن مكتوب ع ٣٥	٦١٢
اصل فارسي متن مكتوب ع ٣٦	٦١٣
اصل فارسي متن مكتوب ع ٣٧	٦١٩
اصل فارسي متن مكتوب ع ٣٨	٦٢٤
اصل فارسي متن مكتوب ع ٣٩	٦٣٥
اصل فارسي متن مكتوب ع ٤٠	〃
اصل فارسي متن مكتوب ع ٤١	٦٣٧
اصل فارسي متن مكتوب ع ٤٢	٦٤١
اصل فارسي متن مكتوب ع ٤٣	٦٤٢
اصل فارسي متن مكتوب ع ٤٤	٦٤٢
اصل فارسي متن مكتوب ع ٤٥	٦٤٣
اصل فارسي متن مكتوب ع ٤٦	٦٤٤

ضميمو

شجره نسب حضرت پير سائين روضي ڏٿي رحمة الله عليه جن جو	٦٤٥
سلسلو طريقه نقشبندي	
شجرو طريقه قادري جو	٦٤٧
اهي نالا جن كان معلومات ملي	٦٤٩
لائبريريون	٦٤٩
كتابيات	٦٥٠

www.maktabah.org

مهاڳ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ وَالصَّلَاةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ * بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ * عَلَّمَ الْاِنْسَانَ مَالَمْ يَعْلَمْ * وَقَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ اُطْلُبُوا الْعِلْمَ وَلَوْ كَانَ بِالصِّيْنِ

اما بعد!

سنڌ ۽ پاڪستان جي عالمن ۽ تاريخدانن کان هي ڳالهه هرگز مخفي ناهي ته برصغير يعني پاڪ و هند ۾ ديني عالمن ۽ صاحب دل صوفي، فقيرن سماجي نظام ۾ عدل ۽ مساوات قائم ڪرڻ لاءِ ظاهري ۽ باطني علمن جي درس تدريس سان گڏ، عملي طور جهاد ڪري اعليٰ مثال پيش ڪيا آهن.

سنڌ جو هي خطو، ديني تهذيب، تمدن ۽ تعليم ۾ نمايان رهيو آهي. فقهه، حديث، تفسير ۽ ٻين مروج علمن ۾ اهڙا عالم فاضل ٿي گذريا آهن، جن ديس کان ٻاهر ٻي دنيا ۾ به، سنڌ جي علمي ۽ ادبي روايتن کي برقرار پي رکيو.

سنڌ سڀوري جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾، جتي مذهبي تهذيب ۽ تمدن پنهجا اعليٰ نمونا ۽ مثال ڇڏيا آهن، انهن مان اتر سنڌ ۾ حضرت پير سائين سيد محمد راشد المعروف روضي ڏٿي رحمةُ اللّٰه تعاليٰ عليه جن جو خاندان، اسلامي تهذيب ۽ صوفين جي تعليم جو اعليٰ درسگاه ۽ يادگار رهيو آهي.

هن خاندان جون مذهبي، سياسي ۽ سماجي خدمتون، تاريخ سنڌ جو هڪ اڻ مٽ باب آهن ۽ سنڌ اندر رونما ٿيندڙ هر تبديلي ۾ هن خاندان جو اثر نمايان رهيو آهي. خاص ڪري قيام پاڪستان، ۽ سنڌ جي آزادي جي حوالي سان، حضرت پير سائين، سيد محمد راشد روضي ڏٿي رحمةُ اللّٰه تعاليٰ عليه جي خاندان جون اعليٰ مدبرانه خدمتون وسارڻ جهڙيون نه آهن.

انگريزن خلاف اعلان جنگ، ۽ انهن سان لڙڻ جا مثال به هن ئي خاندان قائم ڪري ڏيکاريا. اهڙين عظيم هستين جي سماجي خدمتن، عام ماڻهن جي دلين ۾ وطن جي محبت ۽ ان جي خدمت جو اهڙو جذبو پيدا ڪيو جو نيٺ آخر غاصب قوم کي برصغير ڇڏڻو پيو.

www.maktabah.org

هن خاندان ۾ هڪ طرف سياسي، سماجي ۽ مدبر شخصيتون پيدا ٿيون، ته بي طرف پنهنجي وقت جا جنيد، عارف، ڪامل ۽ بي بدل صوفي پيدا ٿيا. جن جو تصوف ۾ اعليٰ مقام هو ۽ سنڌ ۽ هند جي صوفي عالمن جي فهرست ۾ سندن نالا سرفهرست هئا. اهڙن پلارن شخصن مان حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن پنهنجو مٽ پاڻ هئا.

سنڌ جي اها تاريخي شخصيت پنهنجي دور ۾ مقبوليت جي ان اعليٰ مقام تي پهچي چڪي هئي، جتي ٻيو ڪو ورلي پهتو هوندو. مختصر مدت جي عرصي ۾ سندن عام مقبوليت ۽ پذيرائي کي ڏسندي يقين سان چئي سگهجي ٿو ته کين وک وک تي تائيد ايزدي، ۽ باري تعاليٰ جي خاص مهرباني، هر وقت شامل حال پئي رهي. جنهن جو ثبوت اهو آهي جو سندن صوفيانه تعليم ۾، ديني خدمتن ۽ تصوف جي اعليٰ اخلاقي قدرن جو اثر، ان وقت جي هر عام وخاص، ننڍي خواهه وڏي، پوڙهي توڙي جوان، مرد توڙي عورت، امير خواهه غريب تي هڪجهڙو رهيو. ان ڪري سندن معتقدن ۽ مريدن جو سلسلو، سنڌ کان ٻاهر ڏورانهين علاقن کڻ ڪاٺياواڙ، افغانستان، بلوچستان، بهاولپور رياست، جيسلمير ۽ جوڌپور تائين پکڙجي ويو.

سندن مريدن ۾ ڪي اهڙا به باڪمال، عارف ۽ عالم پيدا ٿيا، جن پنهنجي مربي اعظم کان وقت بوقت تصوف جا اهڙا ته پيچيده مسئلا پڇي حل ڪرايا، جيڪي تصوف جي عام ڪتابن ۾ ذڪر ٿيل ڪو نه هئا. حضرت جن پنهنجن باڪمال مريدن، خليفن، کي سندن علمي استعداد مطابق جوابات موڪليندا رهيا. جيڪي مڪتوبات جي صورت ۾ اڄ اسان وٽ موجود آهن. جن جي افاديت کان ڪنهن کي به انڪار نه آهي.

سنڌ جي مذهبي گهراڻن ۽ درسگاهن ۾ هن مڪتوبات جا مختلف نسخا، مختلف صورتن ۾ ڇپيا هئا. جن جي نشاندهي، سنڌ جا سڃاڻ عالم مختلف وقتن تي ڪندا آيا، ۽ ان مڪتوبات شريف جو تاثير، اهل ذوق لاءِ ماضيءَ جي مقابلي ۾ اڄ به ائين ئي زياده مقبول آهي جيئن پوٽا ۽ سؤ سال اڳ هو.

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن، سنڌ جي تاريخ ساز ديني شخصيتن ۾ شمار ٿين ٿا. سندن شخصيت ۽ تعليم کي گڏ ڪرڻ ۽ عام مذهبي ماڻهن لاءِ آسان ڪري پيش ڪرڻ، سنڌ جي عالمن، اديبن تي علمي فرض آهي. سنڌ جي محققن، عالمن، اديبن، تاريخي ميدان ۾ سنڌ جي ان عظيم صوفي سپوت جي تشخص کي اجاگر ڪرڻ لاءِ پنهنجي وسيلن آهر هرممڪن ڪوشش

www.maktabah.org

ڪئي آهي، ان سلسلي ۾ جن عالمن، محققن پاڻ موڪيو تن ۾، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر نبي بخش خان، شير محمد نظاماڻي، قاضي فتح الرسول نظاماڻي، سيد خادم حسين شاهہ، مولانا محمد قاسم مشوري، مفتي محمد رحيم صاحب، مفتي عبدالرحيم سڪندري صاحب جن جا نالا قابل ذڪر آهن.

راقم الحروف کي ديني تعليم جي فراغت کان پوءِ سنڌ يونيورسٽي ۾ اعليٰ تعليم ۽ تحقيقي موضوعن تي ڪم ڪرڻ لاءِ پنهنجي هم عصر دوستن جي مشورن ۽ معاونت سان مختلف موضوعن جي تلاش رهي. موضوع جي تلاش سان گڏ، ان ڏڪئي ڪم جي رهبري ۽ رهنمائي لاءِ منهنجي نظر انتخاب سنڌ جي مشهور محقق، عالم، اديب، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جن تي پيئي، جيڪي نهايت فياض ۽ محقق عالم آهن، ان دوران مون کي سندن خدمت ۾ بارها حاضر رهڻ جو موقعو ب نصيب ٿيو.

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمه الله تعاليٰ عليه جن سان منهنجي ذاتي ۽ خانداني عقيدتمندي ۽ غلامي واري نسبت کي ڏسندي، علامہ قاسمي صاحب منهنجي لاءِ هي موضوع (مڪتوبات حضرت پيرسيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جو سنڌي ترجمو ۽ سوانح حيات) منتخب فرمايو. جيڪو مون پنهنجي لاءِ سعادت دارين سمجهي قبول ڪيو، ۽ رجسٽريشن ڪرائڻ بعد توڪلت علي الله جو سندور ٻڌي ڪم شروع ڪري ڏنو. جيڪو نيٺ علامہ قاسمي صاحب جن جي رهنمائي هيٺ بفضله تعاليٰ پورو ٿيو. حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي شخصيت ۽ سندن مڪتوبات، الڳ الڳ موضوع آهن، جيڪي علمي اعتبار سان مون کي علم لاءِ هڪ چئلينج جي برابر هئا، مون پنهنجي مهربان استاد جي رهنمائي ۾ انهن ٻنهي موضوعن تي هر آهنگي ڪرڻ ۾ ڪنهن حد تائين ڪاميابي حاصل ڪئي آهي.

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي سوانح حيات يڪجا ڪرڻ ۽ سندن مڪتوبات کي عربي ۽ فارسي کان سنڌي ۾ ڪرڻ، مون لاءِ هڪ وڏو مشڪل ڪم هيو، ليڪن الله تعاليٰ جي مدد ۽ استاد محترم جي رهنمائيءَ، منهنجي هن مقالي کي پوري ڪرڻ ۾ مدد فرمائي، جنهن جو تفصيل هن ريت آهي.

مون پنهنجي هن تحقيقي ڪم کي ڇهن بابن ۽ پندرهن فصلن ۾ تقسيم ڪيو آهي. پهرئين باب ۾ چار فصل آهن، پهرين فصل ۾ راشدي خاندان جو تفصيلي احوال ڏنل آهي، جنهن ۾ حضرت شاهہ سيد علي مڪي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي

www.maktabah.org

سنڌ ۾ آمد کان وٺي، حضرت شاهه صدرالدين رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي احوال تائين معلومات ڏنل آهي. ٻئي فصل ۾ حضرت پير سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي والد ماجد حضرت پير سيد محمد بقا شاهه لکياري جي شجره نسب، سندن پيدائش، طريقت ۾ قدم رکڻ، عملي زندگي ۽ زهد وعبادت کان سواءِ سندن نجي زندگي گذارڻ جا واقعا قلمبند کيا اٿم ۽ پٽ سندن اولاد جي تربيت، علمي مقام، دنيا داري کان نفرت ۽ آخر ۾ سندن شهادت جو واقعو بيان کيو اٿم ۽ ان ئي فصل ۾ سندن مختصر شاعري جي جهلک ۽ ان وقت جي معروف سنڌي عالمن، عارفن، بزرگن سان سندن رسم وراهه ۽ هم عصرن جو ذکر پڻ کيل آهي.

ٽئين فصل ۾ صاحب مکتوبات حضرت پير سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي سوانح حيات بيان ٿيل آهي. جنهن ۾ سندن ولادت جو احوال، ۽ اڳين بزرگن جون سندن لاءِ پيشين گوين، تعليم و تربيت تحصيل علم، راهه طريقت ۾ قدم، ۽ باطني عروج بابت سندن مجاهدانه کوششون ۽ صاحب ارشاد و تلقين هجڻ جو احوال، مسند نشيني جو ذکر ۽ سندن روحي عروج بابت تفصيل سان بيان کيو ويو آهي.

ان ساڳئي ئي فصل ۾ سندن اولاد ۽ جماعت جي تربيت، اهل شريعت هجڻ جو بيان، ۽ پنهنجي عملي زندگي ۾ سنت رسول کي اهميت ڏيڻ ۽ ان تي کاربند رهڻ جو ذکر ۽ سنت رسول مقبول سان پيار ۽ خدا پاڪ سان محبت ۽ عقيدت جا اعليٰ مثال پيش کيل آهن.

ان ئي باب جي چوٽين فصل ۾ سندن شخصيت ۽ کردار، رزق روزي متعلق سندن نظريئي سان گڏوگڏ عبادت جا اعليٰ مثال ۽ طريقا ۽ هر کم ۾ متابعت رسول کي اولين حيثيت ڏيڻ جو احوال، خود احتسابي جهڙا زرين اصول قائم کرڻ ۽ عام طرح کامياب زندگي گهارڻ جا طريقا، سندن نرم مزاجي ۽ خوش طبعي ۽ بي تکلفي جي ذکر سان گڏوگڏ، سندن زندگي جي آخري دور کي بيان کيو ويو آهي.

ان کان پوءِ ٻئي باب جي پهرين فصل ۾ "سندن خليفا ۽ انهن جون خانقاهون" جو عنوان قائم کري ان ۾ سندن مشهور خليفن، جهڙوڪ سيد محمد حسن شاهه جيلاني سوئي شريف وارو، خليفو محمود نظاماڻي ڪڙيئي گهنور وارو، خليفو نبي بخش لغاري، خليفو الهه رکيو ۽ خليفي سارنگ رحمةَ الله عليهم اجمعين جو اجمالاً ذکر کيو ويو آهي.

ان کان پوءِ ان باب جي ٻئي فصل ۾ سندن مسلڪ کي ملفوظات ۽

www.maktabah.org

مکتوبات جي روشني ۾ پيش ڪيو اٿم، جنهن ۾ عرس جي اهميت، ماتم ڪرڻ بابت سندن رايو، مرشد جي ضرورت، اولياءَ الله کان استمداد، ۽ نذر نياز وغيره جو ذڪر ٿيل آهي. اهڙي طرح ان باب جي ٽئين فصل ۾ سندن ذات جي باري ۾ ضروري وضاحت ۽ گذريل لکتين جو جائزو پيش ڪيو ويو آهي.

تنهن کان پوءِ ٽئين باب جي پهرئين فصل ۾ سندن شعر و شاعري تي هڪ اجمالي نظر جي عنوان سان مختصر تعارف، سندن ڪلام جي خصوصيت، فصاحت، بلاغت، سلاست ۽ رواني، جدت ۽ ايجاد، درد ۽ شاعري جو مقصد، لاکيڻي لطيف جو متن اثر، مولودن ۾ سندن حصو، جمالياتي تصور، وحدت الوجود جو عنصر ۽ خود شناسي، سندن شاعري جو پرواز، قرآني تضمين، حب الوطني جو جذبو، مجاز جي بيان ۾ حقيقت جو اپٽار ۽ اپياس، منظر ڪشي، نيڪن جي صحبت اختيار ڪرڻ، عام اصطلاحي شاعري، عام سنڌي محاوري ۽ پهاڪن واري شاعري، تجنيس حرفي، استعارا ۽ تشبيهن جي بيان ڪرڻ کان پوءِ سندن انتخاب ڪلام پيش ڪيو ويو آهي.

اهڙي طرح ان باب جي ٻي فصل ۾، تصوف جو تعارف ۽ ان جي ابتدا، اسلامي تصوف، تصوف جي تعليم جو مقصد، صوفين جي روحاني تربيت جا طريقا بيان ڪيا اٿم.

ان کان پوءِ ان باب جي ٽين فصل ۾ سنڌ اندر تصوف ۽ صوفين جي چئن سلسلن سهروردي، قادري، نقشبندي ۽ چشتي بزرگن جي خانقاهن جو ذڪر ڪيو اٿم، ان کان پوءِ ٽئين باب جي چوٿين فصل ۾ ان دور جون مذهبي، سياسي ۽ اقتصادي حالتون، پڙهندڙن جي دلچسپي لاءِ پيش ڪيون ويون آهن، ته جيئن عالمن، اديبن ۽ محققن کان سواءِ ٻوري ڄاڻ واري ماڻهوءَ کي به اهو پتو پئجي سگهي ته ان دور ۾ سنڌ جون حالتون ڪهڙي طرح هيون؟

آخري چوٿين باب جي پهرين فصل ۾ مکتوبات شريف حضرت پير سائين روضي ڏٽي رحمة الله تعالىٰ عليه جن جي نظريئي موجب صوفيانه اصطلاحات جي مختصر تشرح بيان ڪئي وئي آهي، هونئن ته تصوف جا صوفيانه اصطلاحات تمام گهٽا آهن، ليڪن اختصار کان ڪم وٺندي، صرف انهن صوفيانه اصطلاحات جو هتي بيان ڪيو آهي، جيڪي سندن مکتوبات ۾ آندل آهن.

ان کان پوءِ چوٿين باب جي ٻي فصل ۾ ملفوظات ۽ مکتوبات جي

اهميت بيان ڪيل آهي، جنهن ۾ ڇاڻايو ويو آهي تہ حضرت جن جي ملفوظات شريف ۽ مڪتوبات شريف، تصوف جي اسرار و رموز جو اهڙو تہ دستاويزي مواد آهي، جنهن ۾ ڪامياب زندگي گذارڻ، ۽ دين دنيا جون سعادتون حاصل ڪرڻ ۽ حقيقت جي طالبن ۽ راهہ سلوڪ جي پانڌيئڙن جي رهنمائي ۽ هدايت واسطي اڻ ڪٽ خزانو سمايل آهي. ان کان سواءِ اهو بہ ڇاڻايو ويو آهي تہ ملفوظات ۽ مڪتوبات جهڙي طرح روحاني معلومات جو بهترين سرمايو آهن. اهڙي ريت تاريخي، سياسي ۽ جغرافيائي طور تي بہ منجهن تمام گهٽي معلومات ڏنل آهي. جهڙوڪ ان دور جي سياسي تبديلين جا اشارا ۽ اهم واقعات جي نشاندهي سان گڏوگڏ ان دور جي ماڻڪن، مقامن، ڳوٺن، واهٽن، پرڳڻن ۽ ديهن جي وقوع محل جو ذڪر ٿيل آهي، ۽ پڻ ان باب ۾ حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمۃ اللہ تعالیٰ عليه جن جي مڪتوبات شريف جا موضوع، ۽ خطن جو تعداد ڇاڻائيندي اهو بيان ڪيو ويو آهي تہ اهي جملي خط ڪيترن ماڻهن ۽ ڪهڙن موضوعن بابت تحرير فرمايل آهن.

ان کان پوءِ چوٿين باب جي ٽئين فصل ۾ مڪتوبات حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمۃ اللہ تعالیٰ عليه جن جي ترجمہ جو مختصر تعارف پيش ڪيل آهي. جنهن ۾ قلمي نسخن جو تذڪرو، مڪتوبات جي ترجمي ڪرڻ وقت طريقہ ڪار، مڪتوبات سان لاڳاپيل مضمونن جو ذڪر، مڪتوبات ۾ تصوف جو اپياس، نتيجي تائين رسائي، ذاتي رايو، مڪتوبات جي تاريخي تجزيي پيش ڪرڻ بعد اصل ۴۶ ڇائيتاليهہ خطن جو ترجمو پيش ڪيو ويو آهي.

مڪتوبات شريف ظاهر ۾ تہ خط آهن پر حقيقت ۾ اهي علمي، تاريخي ۽ صوفياڻي نثر ۾ اهم دستاويز آهن، جن ۾ تفسير، قرآن، حديث، فقہ، اسماءُ الرجال، سيرت ۽ اڳين صوفين بزرگن جا احوال ۽ تصوف جي اهم ۽ معتبر ڪتابن جا حوالا ڏنل آهن. ان ڪري ان ڳالهہ جي وضاحت ڪرڻ ضروري آهي تہ سندن مڪتوبات شريف جهڙي طرح باطني بصيرت رکندڙ طالبن لاءِ خدا شناسيءَ جو هڪ عظيم ۽ اعليٰ دستاويز آهي تہ اهڙي طرح ظاهري تعليم حاصل ڪندڙن لاءِ پڻ هڪ وڏو علمي خزانو آهي.

آخر ۾ هن باب جي چوٿين فصل ۾ اصل عربي، فارسي، مڪتوبات جو متن ڏنو ويو آهي تہ جيئن اصل ڪتاب محفوظ ٿي وڃي ۽ آئيندہ جي محققن لاءِ

www.maktabah.org

آساني ٿئي.

متن جي آخر ۾ هڪ ضميمو پڻ شامل ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ حضرت پير سائين جن جي خانداني شجري کان سواءِ نقشبندي ۽ قادري طريقي جو شجرو ڏنل آهي. اهڙي طرح منهنجي، پنج سالہ محنت ۽ ڪوشش جو نچوڙ، هن مقالي جي صورت ۾ چئن بابن ۽ پندرنهن فصلن کان سواءِ، هڪ ضميمي تي مشتمل آهي، ۽ آخر ۾ انهن شخصيتن جي نالن جو ذڪر بہ ڪيو ويو آهي. جن سان ملاقاتين ذريعي مزيد معلومات ملي ۽ هن مقالي کي سينگارڻ ۾ مدد ملي، ۽ انهن لائبريرين جي بہ نشاندهي ڪئي ويئي آهي. جتان مختلف مواد سهيڑيو ۽ گڏ ڪيو ويو.

آخر ۾ آئون انهن جملہ همعصرن دوستن، عالمن جو نهايت مشڪور آهيان، جن هن علمي خدمت ۾ مون سان مدد فرمائي. خصوصًا پنهنجي شفيق استاد محترم علامہ قاسمي صاحب جن جو نهايت ٿورائتو آهيان، جن جي رهبري هيٺ هي علمي ڪم پايئہ تڪميل کي پهتو.

علامہ قاسمي صاحب جن منهنجي هر قدم تي رهنمائي فرمائي، جو آئون سندن ئي توجهہ ۽ شفقت هيٺ هي تحقيقي مقالو پيش ڪري رهيو آهيان.

هن موقعي تي آئون پنهنجي والد محترم الحاج محمد محراب فقيرخان جو ٿورائتو آهيان، جن حضرت جن جي ڪلام سهيڑڻ ۽ سموهڻ ۾ منهنجي مدد فرمائي.

ان کان سواءِ برادر بزرگ محترم شفيق استاد علامہ مفتي عبدالرحيم سڪندري صاحب جن جي ٿوري بيان ڪرڻ ۽ شڪرانو فرض ٿو سمجهان. جن جي علمي ۽ مالي معاونت سبب هن تحقيقي ڪم کي پوري ڪرڻ ۾ ڪافي مدد ملي. جيڪڏهن سندن شفقت پربو سايو نہ رهي ها تہ شايد هن مقالي کي پورو نہ ڪري سگهان ها.

ان سان گڏوگڏ مان پنهنجي پراڻي رفيق ۽ عظيم ساٿي محترم (مرحوم) ڊاڪٽر ڪليم الله ساريو صاحب جن جو ٿورائتو آهيان، جن جي مشورن ۽ مهربانين سان هن ڪم کي پايئہ تڪميل تائين پهچائڻ ۾ ڪافي مدد ملي.

آخر ۾ جناب (هن وقت مرحوم) محترم محمد قابل ڊاهري (نيوز ايڊيٽر روزنامہ مهراڻ) ۽ برادرم ڊاڪٽر حافظ غلام محمد ڊاهري صاحب جن جو بہ

www.maktabah.org

ٿورائتو آهيان، جن هن معاملي ۾ منهنجي کاڻي معاونت فرمائي.

ان سان گڏ سنڌ يونيورسٽي جي استادن ۽ انتظامي شعبي جي معاون کارکنن لاءِ دعاگو آهيان. جن جي وقت بوقت معاونت ۽ رهنمائي، منهنجي هن ڪم کي آسان ڪندي رهي.

منهنجي هي خدمت، علمي ۽ ادبي ميدان ۾ حرف آخر نه آهي. جيڪڏهن منهنجو هي مقالو ڪنهن به اديب ۽ عالم جي اڳيان اچي يا حضرت پير سائين جن جي عقيدتمندن جي نظر مان گذري ته مقالي جي خامين کي منهنجي ڪم علمي تي محمول ڪندي معاف فرمائڻ سان گڏ رهبري به ڪندا ته مون لاءِ باعث فخر ٿيندو.

بپوش گر خطا بيني، ڪه هيچ بشر از خطا خالي نيست.

وما توفيقي الا بالله وآخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين

دعا جو خادم العلم

نذر حسين سڪندري

www.maktabah.org

باب اول

فصل پهريون:

راشدي خاندان جو احوال

سنڌ ۾ جيڪي سادات سڳورن جون موجوده گاديون آهن انهن جا وڏا اصل ۾ عربستان کان آيا. انهن بزرگن جو سنڌ ۾ اچڻ يا ته جهاد جي ڪري ٿيو، يا وري اسلامي تبليغ جي سلسلي ۾ تشريف فرما ٿيا، اهڙي طرح لکياري سيدن جي پلاري خاندان جو مورث اعليٰ حضرت سيد علي مڪي رحمة الله عليه به عربستان کان سنڌ ۾ آيو، سيد علي مڪي جو سنڌ ۾ وارد ٿيڻ اسلامي تبليغ جي ڪري ٿيو (١) اهو پلارو بزرگ عباسي خليفي معتمد بالله جي دور ۾ هت آيو. سيد علي مڪي رحمة الله تعاليٰ عليه سيوهڻ جي پرسان سکونت اختيار ڪئي ۽ اها جاءِ ڪجهه عرصي کان پوءِ ايتري ته مشهور ٿي ويئي جو اتي رهندڙ سادات لڪ علوي مان ڦري لکياري جي لقب سان سڏجڻ لڳا. سيد صاحب جي تبليغ سبب اتان آس پاس جا ڪيترا هندو مسلمان ٿيا.

تحفة الڪرام ۾ مير علي شير قانع ٺٽوي لکي ٿو ته "پهريون سيد جيڪو اتي وڃي رهيو، سو سيد علي بن سيد عباس بن سيد حسن بن سيد جعفر بن سيد عمران بن سيد هارون بن سيد عبدالله اشرف بن قاسم بن عبدالله بن امام موسيٰ ڪاظم عليه السلام آهي، حضرت سيد علي بن سيد عباس وقت جو ڪامل بزرگ هيو. سندس روحاني فيض بابت تحفة الڪرام وارو لکي ٿو ته "سيد جي اچڻ کان ٿورو اڳ دلوراءِ جي ظلم کان اروڙ ۽ پانيرا (برهمڻ آباد) جا شهر ويران ۽ برباد ٿي چڪا هئا. دلوراءِ پنهنجي پاءُ ڇڏي بن آمر جي هدايت ڪرڻ تي برن ڪمن کان توبهه تائب ۽ پشيمان ٿي اچي مذڪور سيد جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ پنهنجي نياڻي جو سنگ سندس نڪاح ۾ ڏنائين، جنهن مان ڪيس چار پٽ پيدا ٿيا: ١- سيد محمد شاهه، ٢- سيد مرادیو، ٣- سيد حاجي عرف پرڪيو، ۴- سيد چگون عرف چڪن شاهه عرف عباس (٢) چون ٿا ته سيد علي مڪي رحمة الله عليه خليفي معتمد بالله جي فوجي جرنيلن مان هيو، ليڪن حضرت امام حسن عسڪري جي شهادت ۽ خليفي جي ظلم کان تنگ ٿي، سندس فوجي عهدي کي خيرباد

(١) ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون. ص٣۴٠
(٢) "تحفة الڪرام" (سنڌي) ص٣٦٣)

www.maktabah.org

چئي سنڌ وارو خاندان سنڌ ۾ ڇڏي عربستان هليوويو ۽ پنهنجي باقي عمرجا ڏهاڙا روضي رسول تي خادم ۽ مجاور ٿي رهيو. (۱)

مٿين روايت مان معلوم ٿو ٿئي ته سيد علي مڪي جي اولاد مان چار قبيلا ٿي پيا سي سيئي سادات لکياري خاندان جي نالي سان مشهور ٿيا، جيڪي پوري سنڌ اندر وڏي تعداد ۾ رهن ٿا.

شاهه صدر لکي:

سيد علي مڪي جي اولاد مان شاهه صدرالدين عرف شاهه صدر رحمة الله عليه هڪ نالي وارو بزرگ ٿي گذريو آهي، جنهن بابت مير علي شير لکي ٿو ته: شاهه صدرالدين عرف صدر بن سيد محمد، روشن نشانين ۽ ظاهر ڪرامتن جو مالڪ، وقت جو ولي، زماني جي مشائخ جو سردار، سيدن جو فخر ۽ جملي برڪتن جو جامع هو، سندس اولاد سنڌ ۾ نجيب خاندان ۽ اصل گهراٽي هجڻ ۾ مشهور آهي. (۲)

حضرت شاهه صدر جو مقبرو لکي شاهه اسٽيشن لڳ تعلقه سيوهڻ ضلع دادو ۾ آهي. مٿس ٺهيل روضي جي تعمير جو سال روضي جي دروازي جي مٿان اکريل ڪتبي ۾ هن طرح ڄاڻايل آهي:

سال تعميرش بجستم از خرد
هاتفم گفتا بهشت اهل بيت

(۱۱۵۵هـ)

شاهه صدر رحمة الله تعالىٰ عليه جي مزار مٿان اڏيل مقبري لاءِ منشي لطف الله (۳) پنهنجي روزنامچي ۾ لکيو آهي ته "هي بزرگ اصل عرب مان آيو هو." (۴) ۽ هزارن ماڻهن کي بت پرستي جي اونداهي مان ڪڍي اسلامي شعاع سان منور ڪيائين. هن جو قبو ۱۱۵۵ هجري ۾ نادر شاهه (ايران جي بادشاهه) جي حڪم سان

---

(۱) راشدي خاندان جو شجرو ص۲ (۲) "تحفة الڪرام" (سنڌي)، ص۳۶۴

(۳) منشي لطف الله سورت بندر جو ويڪل هيو ۽ گهٽي وقت کان انگريزي ايسٽ انڊيا ڪمپني ۾ ملازم هو. هو ليفٽننٽ ايسٽوڪ سان گڏجي سنڌ ۾ آيو ۽ وٽس منشي هو. نهايت پڙهيل ۽ قابل هيو. مرات سڪندري (تاريخ گجرات) سندس لکيل آهي.

(۴) منشي لطف الله شاهه صدر لاءِ لکيو آهي ته هي بزرگ اصل عرب مان آيو هو، جيڪا سندس تاريخي غلطي آهي. دراصل شاهه صدر رحمة الله تعالىٰ عليه جو ڏاڏو سيد علي مڪي عربستان کان سنڌ ۾ آيو هو، جيئن اڳ ۾ بيان ٿي چڪو آهي. (مترجم)

www.maktabah.org

تيار كيو ويو هو. منشي لطف الله سندس قبي جي تعمير بابت زباني روايت بيان كندي لكي ٿو ته "هي بزرگ نادر شاهه كي خواب ۾ ڏسڻ ۾ آيو ۽ كيس عمر كوٽ ۾ اچڻ جي دعوت ڏنائين، جتي هن كي وڏو خزانو هٿ آيو، جيئن ته بادشاهه رويائي صادقه (سچي خواب) جي طفيل هي خزانو هٿ كيو هو ۽ سنڌ جي حاكم كان بہ گهٽو پيسو هٿ آيو هوس، هن ان مان گهٽو حصو لكياري سيدن كي عطا كيو ۽ مٽين بزرگ جي مقبري جو بنياد ركيائين. (١)

شاهه صدرالدين رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي بزرگي جي هاك پوري برصغير ۾ مشهور هوندي هئي ۽ اهوئي سبب هيو جو ان دور جون معتبر بزرگ هستيون بہ ساڻس ملاقات ۽ كائنس فيض حاصل كرڻ لاءِ سندس خدمت ۾ پري پري كان ڇكجي آيون ۽ اڄ صدين گذرڻ جي باوجود سندس درگاهه مخلوق خداوندي لاءِ سكون ۽ آرام جي جاءِ آهي. تاريخ ۽ تصوف جي كتابن مان پڻ اهو معلوم ٿيو آهي تہ هند الولي حضرت خواجہ معين الدين چشتي اجميري رحمةَ الله تعاليٰ عليه بہ شاهه صدر جي ملاقات لاءِ وٽس آيو هيو ۽ كيترائي ڏينهن اتي ترسي پيو. (٢)

حضرت خواجہ معين الدين چشتي اجميري رحمةَ الله تعاليٰ عليه جڏهن پنهنجي مرشد حضرت خواجہ عثمان هاروني سان گڏ سيوستان جي سفر ۾ شامل هيو تہ ان دوران شاهه صدر رحمت الله عليه جن سان ملاقات لاءِ وٽس آيو ۽ خواجہ اجميري پنهنجي ملفوظات ۾ ڄاڻائي ٿو تہ "هتي هك درويش شيخ صدرالدين محمد احمد سيوستاني سان ملاقات ٿي جيكو بزرگ ياد الاهي ۾ هيو. مون كافي ڏينهن سندس صحبت ۾ گذاريا. جيكو بہ شخص سندس خدمت ۾ ايندو هيو تہ اهو محروم نہ موٽندو هو ۽ عالم غيب مان كجهہ نہ كجهہ كيس عنايت كندو هو." حضرت اجميري رحمةَ الله عليه شاهه صدر جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻائي ٿو تہ "شاهه صدر رحمةَ الله تعاليٰ عليه عام طرح ايمان جي سلامتي جي دعا واسطي چوندو هيو ۽ فرمائيندو هيو تہ جيكڏهن مان پنهنجو ايمان قبر ۾ سلامت كٽي ويس تہ ڇڻ مون وڏو كر كيو." مطلب تہ جڏهن اهو بزرگ موت ۽ قبر جو احوال ٻڌندو هيو تہ وڏ وانگر ڏكندو هيو ۽ سندس اكين مان خون جاري ٿي ويندو هيو ۽ آسمان ڏانهن منهن كري روئيندو رهندو هو.

---

(١) تاريخ سنڌ ص٨٥.

(٢) دليل العارفين ملفوظات خواجہ غريب نواز اجميري مرتب حضرت بختيار كاكي ص١٥

www.maktabah.org

حضرت اجميري رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن شاهه صدر رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي تصرف ۽ روحاني اثر کي بيان ڪندي وڌيڪ لکيو آهي ته "سنڌس زاروقطار روئڻ سبب اسان تي به گريه طاري ٿي ويندو هيو. جنهن وقت روئڻ کان واندو ٿيندو هيو ته ماٺهن کي مخاطب ٿي فرمائيندو هيو ته اي عزيزو! جنهن کي مرڻو آهي ۽ ملڪ الموت جهڙو حريف ان جي پويان هجي ۽ قيامت جي ڏينهن کيس (خدا تعاليٰ آڏو) پيش پوڻو هجي اهڙي ماٺهو کي نند ۽ آرام، ڪلڻ ۽ خوش ٿيڻ سان ڪهڙو واسطو؟! جيڪڏهن توهان کي مري ويلن جي حال جو جيڪي ڪولين ماڪوڙين ۽ بلائن جي وچ ۾ آهن ۽ مٽي جي قيد خاني ۾ بند آهن ذري جيترو به پتو پوي (جيڪو انهن سان معاملو ٿي رهيو آهي) ته بيني بيني لوڙ وانگر ڳري پاڻي ٿي وجو. (۱)

حضرت خواجه معين الدين چشتي اجميري جي ان بيان مان شاهه صدرالدين رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي زهد ۽ خوف خداوندي جو عجيب نمونو ظاهر ٿئي ٿو، جو پنهنجي پالٹهار جي خوف کان اکين مان رت جا ڳوڙها وهائڻ، قبر ۽ موت کي ياد ڪري ڏڪڻ، اهڙا ته ڪم آهن جيڪي تصوف جي تاريخ ۾ ورلي هوندا. سنڌس اهي ڪم عارف بالله ۽ ڪامل اڪمل ولي الله هجڻ تي دلالت ڪن ٿا. راحت القلوب ملفوظات شريف حضرت خواجه فريد الدين گنج شڪر رحمةَ الله تعاليٰ عليه جنهن کي محمد نظام الدين بدايوني جمع ڪيو آهي ان ۾ آهي ته "هڪ ڏينهن شيخ محمد سيوستاني (عرف شاهه صدر) جي خدمت ۾ حاضر هوس. اتي جي بزرگن ۽ ولين سان ملاقات ڪيم ۽ هو بزرگ ولايت جو صاحب هيو، سندس خدمت ۾ سلوڪ جي باري ۾ گفتگو ٿي رهي هئي ته ان دوران هڪ شخص آيو، جيڪو سلام ڪري اچي ادب سان ويٺو، خواجه محمد سيوستاني ڏسندي ئي ان درويش کي چيو ته حاجتمند آيو آهي. ان ماٺهو ڪنڌ جهڪائي چيو ته ها بيشڪ، تڏهن بزرگ فرمايس ته هي آيت وجي پڙهه ته خدا تعاليٰ توکي پٽ عطا ڪندو. (۲)

اهڙي طرح حضرت فريد الدين گنج شڪر رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي شاهه صدر سان ملاقات جو واقعو مسلم نظامي دهلوي انوار الفريد ۾ هن طرح ڄاڻايو آهي ته "سنڌ ۾ سيوهڻ جي پرپاسي وارو علائقو سيوستان سڏبو آهي، لکي شاهه صدر استيشن جو نالو آهي جيڪا سيوهڻ استيشن جي ويجهو آهي. اتي شاهه صدرالدين جو

(۱) دليل العارفين (مترجم اردو ص٦)

(۲) راحت القلوب (مترجم اردو ص۸۵)

www.maktabah.org

غار آهي جنهن ۾ ڪيترا ڏينهن حضرت بابا (فريد الدين) جو وٽس ترسڻ ٻڌايو ٿو وڃي. (۱)

تاريخ مظهر شاهجهاني وارو قلندر لعل شهباز رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي بيان ۾ لکي ٿو ته "آخر ڪار هندوستان ۾ آيو جتي شيخ فريد الدين گنج شڪر ۽ شيخ الاسلام بهاؤالدين زڪريا جي ملاقات کان علاوه شيخ صدر الدين سان به صحبتون ڪيائين ۽ اتائين سيوهڻ ۾ اچي رهائش پذير ٿيو. (۲)

تاريخ جي ورق گرداني مان معلوم ٿو ٿئي ته جڏهن حضرت شهباز قلندر رحمةَ الله تعاليٰ عليه سنڌو درياه جي سفر دوران پنهنجي ٻيڙي ۾ سوار ٿي لکي شاه صدر جي پرسان لانگهائو ٿيو ته شاه صدر الدين رحمةَ الله تعاليٰ عليه پنهنجي ڪرامت ۽ تصرف سان قلندر جي ڪشتي کي روڪي ڇڏيو ۽ حضرت شهباز قلندر اتان پنهنجي ٻيڙي مان لهي اچي شاه صدر الدين جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. تڏهن حضرت شاه صدر رحمةَ الله تعاليٰ عليه سندن تمام گهڻي خاطر تواضع ڪئي. حضرت شاه صدر رحمةَ الله تعاليٰ عليه حضرت شهباز قلندر کان عمر ۾ وڏو هيو، ان ڪري قلندر شهباز رحمةَ الله تعاليٰ عليه به نيازمندي جو خوب اظهار ڪيو ۽ ان وقت شاه صدر رحمةَ الله عليه جن قلندر شهباز رحمةَ الله تعاليٰ عليه کي فرمايو ته توهان هت سنڌ ۾ سڪونت اختيار ڪيو، تنهن تي قلندر شهباز رحمةَ الله تعاليٰ عليه کير جو پريل پيالو سندن خدمت ۾ پيش ڪيو، جنهن مان سندس اهو مطلب هيو ته سموري سنڌ ولين، ڪاملن، بزرگن سان هن پيالي وانگر پريل آهي ۽ منهنجو هت رهڻ بهتر نه آهي. ان وقت حضرت شاه صدرالدين عليه الرحمةَ ان پريل کير جي پيالي ۾ گلاب جو هڪ گل وجهي فرمايو ته توڙي جو سنڌ ولين سان پريل آهي، تڏهن به توهان سنڌ جي ولين ۾ هن گل وانگر ممتاز هوندا. ان ڪري بهتر آهي ته اوهان هتي مستقل ترسي پئو. جنهن تي حضرت قلندر شهباز فرمايو ته شاه صدر نيڪ نظر است (۳)

ساڳئي ريت اسرار الاولياءَ (يعني ملفوظات حضرت فريدالدين گنج شڪر جنهن جو گڏ ڪندڙ خواجه اسحاق بدر آهي) ۾ ڄاڻايل آهي ته خواجه گنج شڪر فرمايو ته "هڪ دفعو مان سيوستان ۾ مسافر طور تڪيل هوس ۽ مون سان گڏ ٻيا درويش به هئا. شهر کان ٻاهر هڪ غار ۾ هڪ درويش ياد الاهي ۾ مشغول هو. جڏهن مان ان وٽ

(۱) انوار الفريد - اردو- ص۱۲۹

(۲) تاريخ مظهر شاهجهاني مترجم سنڌي ص ۳۳۰

(۳) مهراڻ رسالو شاه صدر نمبر- سال ۱۹۵۸- ص -۸

www.maktabah.org

پهتس ته تلاوت کان فارغ ٿي گهٽي تائين ياد الٰهيءَ ۾ مشغول رهيو. ان کان پوءِ قصو ٻڌايائين ته مان ويهن سالن تائين سير ڪندو رهيس. هڪ ڏينهن هڪ بزرگ کي ڏٺم جيڪو جهنگل ۾ رهندو هو مون دل ۾ خيال ڪيو ته ان کي الله تبارڪ وتعاليٰ ڪهڙي طرح روزي رسائي ٿو. تڏهن ان جهنگل ۾ ويٺل بزرگ منهنجي دل جي خيال کي سمجهي قرآن شريف جي آيت تلاوت ڪئي ۽ فرمايائين ته توهان ڪٿي به هجو، الله تعاليٰ توهان کي رزق رسائيندو، مون رات ان بزرگ وٽ گذاري. سج لهڻ وقت هڪ ماڻهو ان بزرگ کي ماني ڏيئي واپس هليو ويو. جڏهن اهو بزرگ عبادت کان فارغ ٿيو ته مون کي سڏي پاڻ سان گڏ ماني کارايائين ۽ فرمائڻ لڳو ته تون پائين ٿو ته مان ڪٿان کائيندو هوندس؟ هاڻي ڏس ته الله تعاليٰ ڪهڙي طرح رزق پهچائي ٿو. صبح ٿيو مان کائنس موڪلائي واپس آيس ۽ جيڪي ڪجهه ان بزرگ فرمايو مون غور سان ٻڌو ۽ هن هنڌ ويهي رهيس ۽ اڄ مون کي هن جاءِ تي ٽيهه سال گذري ويا آهن. مون کي غيب مان روزي ملندي آهي. (۱)

انهن سيني متين حوالن بابت محترم ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڄاڻايو آهي ته "انهن ملفوظات جا اهي حوالا شاهه صدر عليه الرحمة بابت آهن ۽ سندس بلند عارفانه مقام تي شاهد آهن. ڊاڪٽر بلوچ صاحب وڌيڪ بيان ڪيو آهي ته "انهن حوالن کان سواءِ به شاهه صدر رحمة الله تعاليٰ عليه جي بزرگي ۽ درويشي جون مقامي روايتون تصديق ڪن ٿيون. قديم چوٽي آهي ته ڪٽي شاهه صدر، ڪائي قلندر، جنهن مان گمان نڪري ٿو ته قلندر شهباز، شاهه صدر بعد اچي سيوهڻ ۾ ساڪن ٿيو ۽ ڪيس به شاهه صدر کان روحاني فيض حاصل ٿيو ۽ انهيءَ ڪري متس رجوعات ٿي. (۲)

تحفة الڪرام ۾ مير علي شير قانع، شاهه صدرالدين جي اولاد بابت وڌيڪ ڄاڻائيندي لکي ٿوته "سندس اولاد ڪجهه سيوستاني ۾ رهي ٿي ۽ ڪي ٻيا سڄي سنڌ ۾ پکڙيل آهن. سندس اولاد مان سيد محمد پنهنجي وقت جو ڪامل ولي هيو. سندس وفات جي تاريخ هن مصرع مان نڪري ٿي. "درود خدا برمحمد بود" (۳)

جناب رحيمداد خان مولائي شيدائي سيد محمد جي اولاد بابت ڄاڻائيندي لکيو آهي ته "سندس فرزند سيد اول شاهه رح مجذوب واصل بالله وڏي مقامات جو صاحب هيو (اهڙي طرح) سيد محمد جي اولاد مان سيد محمد شجاع رحمة الله تعاليٰ

(۱) اسرار الاولياء - اردو- ص- ۲۹
(۲) رسالو مهراڻ شاهه صدر نمبر سال ۱۹۵۸- ص ۲۷
(۳) تحفة الڪرام- سنڌي ص- ۳۶۴

www.maktabah.org

عليه نقشبندي طريقي جو مشهور ولي هيو. شاهه صدر رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي اولاد مان سيد محمد اشرف به بلند مرتبي وارو صاحب هيو ۽ سندس ئي اولاد مان سيد ابوبکر جي ڪرامتن ۽ فيض جو غلغلو ٻڌي مغل شهزادو محمد معزالدين سندس دهليز تي دعا پنڌ آيو هو. (۱)

ان مان معلوم ٿو ٿئي ته حضرت شاهه صدرالدين رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن لکياري، جهڙي طرح پاڻ صاحب ڪمال ۽ عارف بالله بزرگ هيا، تهڙي ريت سندن اولاد به پلاري ۽ مرتبي واري هئي. سيد ڪٽ شاهه جيڪو شاهه صدرالدين لکياري جي اولاد مان هيو، سو بزرگيءَ ۾ وڏي مرتبي ۽ شان وارو ٿي گذريو آهي. جنهن لاءِ مشهور آهي ته پنهنجي اصل مسڪن لکي شاهه صدر مان لڏي اچي ڳوٺ رسول پور ننديي سائيدي ضلع خيرپور ۾ سڪونت پذير ٿيو ۽ مستقل طرح اتي ئي ترسي پيو.

راشدي خاندان جي شجري موجب سيد خدا بخش شاهه عرف ڪٽ شاهه صاحب جن کي ست فرزند تولد ٿيا، جيڪي سيئي پلارا نيڪ ۽ بزرگ ولي الله هئا. سيد ڪٽ شاهه صاحب جن جون ڪيتريون ئي ڪرامتون مشهور آهن. سندن جي لاءِ ان علاقي ۾ شهرت بابت هي روايت مشهور آهي ته هڪ دفعو ملتان جو سجاده نشين ان علاقي ۾ آيل هيو. سيد ڪٽ شاهه جن ان سان ملاقات خاطر وٽس ويا، جيئن ته ملتان جو مخدوم صاحب کين ڪو نه سجاڻندو هيو، تنهن سندس آدرياءُ سهڻي نموني ڪانه ڪئي ۽ رات جو ان ملتاني سجاده نشين بزرگ کي حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن خواب ۾ ڏوراپو ڏنو ته تو منهنجي آل مان سيد ڪٽ جو سٽو آڏرياءُ نه ڪيو آهي. تنهن تي مخدوم صاحب سجاڳ ٿي پيو ۽ پچا ڳاڇا کان پوءِ معلوم ٿيس ته سيد ڪٽ شاهه نالي هڪ درويش ڳوٺ رسول پور ۾ رهندو آهي، پوءِ مخدوم صاحب اتي آيا ۽ سائين ڪٽ شاهه صاحب جن کان معافي ورتائون. اهڙي طرح اتان جي پرپاسي ۾ اها ڳالهه عام مشهور ٿي ويئي ۽ پڻ ماڻهن کي سيد ڪٽ شاهه جي اصلي سيد هجڻ جو پتو پيو. (۲)

سيد ڪٽ شاهه جي پنجين پيڑهي ۾ راشدي خاندان جي مورث اعليٰ حضرت پير سيد محمد راشد عليه الرحمةَ جن جو والد محترم حضرت سيد محمد بقا شاهه شهيد عليه الرحمةَ پيدا ٿيو.

(۱) رسالو مهراڻ شاهه صدر نمبر سال ۱۹۵۸ء- ص- ۲۸

(۲) راشدي خاندان جو شجرو- ص ۴

www.maktabah.org

فصل ٻيو

شجره نسب سيد محمد بقا شاهه لکياري

سيد محمد بقا شاهه بن سيد امام شاهه لکياري، حضرت سيد علي مکي جي اولاد مان آهي. سندس نسب ويهين پيڑهي ۾ سيد علي مکي سان ملي ٿو، جيکو هن طرح آهي. سيد محمد بقا شاهه بن سيد امام شاهه بن سيد فتح محمد شاهه بن سيد شڪرالله شاهه بن سيد عثمان شاهه بن سيد خدا بخش شاهه عرف ڪٽ شاهه بن سيد سنجر شاهه بن سيد محمد يوسف شاهه عرف بولڙ شاهه بن سيد حسين شاهه بن سيد مير علي شاهه بن سيد ناصرالدين شاهه بن سيد عباس شاهه بن سيد فضل الله شاهه بن سيد شهاب الدين شاهه (عرف عباس شاهه) بن سيد بهاؤالدين شاهه بن سيد محمود شاهه بن سيد محمد شاهه بن سيد حسين شاهه بن سيد نالي چگو (عرف چڪن شاهه) بن حضرت علي مکي رحمة الله تعاليٰ عليه جيکو متي پندرهين پيڑهي ۾ حضرت امام حسين عليه السلام سان هن طرح ملي ٿو. سيد علي مکي بن شاهه عباس بن شاهه زيد بن شاهه اسدالله بن شاهه عمر بن شاهه حمزه بن شاهه هارون بن سيد عبدالله شاهه بن حسين شاهه بن سيد امام علي رضا بن سيد امام موسيٰ ڪاظم بن امام سيد جعفر بن سيد امام محمد باقر بن سيد امام زين العابدين رضي الله تعاليٰ عنه بن سيد الشهداء حضرت امام حسين رضي الله تعاليٰ عنه.

پيدائش سيد محمد بقا شاهه لکياري

حضرت سيد محمد بقا شاهه ولد سيد امام علي شاهه پهرئين شعبان سن ۱۱۳۵هجري دوران ڳوٺ رسول پور عرف سائيدي ننديي ضلع خيرپور ۾ تولد ٿيو (۱)

(۱) جناب لطف الله بدوي تذڪره لطفي حصه اول ۾ حضرت پير سائين ميان محمد بقا شاهه جي ولادت جو سال شعبان مهينو سن ۱۱۳۴هه ڄاڻايو آهي. جڏهن ته سندن وفات ۱۱۹۸هه آهي. تفسير مفتاح رشد الله وارو ڄاڻائي ٿو ته سندن سموري عمر ٽيهه ورهيه هئي. ان حساب موجب سندن پيدائش جوسن ۱۱۳۵ هجري ڄئبو. ان ڪري بدوي صاحب واري بيان موجب جيڪڏهن سندن پيدائش ۱۱۳۴هجري کي ڪٽي تسليم ڪجي ته پوءِ سندن عمر ٽيهه ورهين جي بجاءِ ڇوهه ورهيه ٽيندي جيڪا ڳالهه مڃڻ جهڙي ناهي، ڇو ته متفقه طريقي سان معلوم ٿيو آهي ته سندن عمر (وفات ۱۱۹۸ هجري دوران) ٽيهه ورهيه هئن پوءِ بدوي صاحب جن جي بيان کان وڌيڪ معتبر ۽ صحيح ڳالهه هي آهي ته سندس پيدائش ۱۱۳۵هه ليکبي (مترجم) (ڏسو مفتاح رشد الله، جلد اول ص ۲۵)

www.maktabah.org

سندس رهائش سن بلوغت تائين ڳوٺ رسول پور عرف سائدي ننديي ۾ ٿي. ان کان پوءِ اتان لڏي اچي ڳوٺ رحيم ڏني کلهوڙي ديهه فريد آباد ۾ رهيا. سندن مستقل تعليم ونڊ جو خاص پتو پئجي نه سگهيو آهي. باقي جٽي جٽي کين فيض جي خبر پوندي هئي ته پاڻ اوڏانهن فيض حاصل ڪرڻ لاءِ ويندا هئا. سندن زندگيءَ جي شروعاتي تربيت حضرت مخدوم محمد اسماعيل پريالوءِ وارن وٽ ٿي. کين علم سان تمام گهڻو شوق هوندو هيو ۽ اهو ئي سبب هيو جو شوق ۽ محبت سببان ظاهري علم ۾ پنهنجو مٽ پاڻ ٿي ويا. کين ننديي هوندي کان ئي علم سان اهڙو ته چاهه هوندو هيو جو جٽان ڪٽان ڪتاب جمع ڪندا رهيا. حضرت ميان محمد بقا شاهه رحمةَ الله تعاليٰ عليه جو والد ماجد سيد امام علي شاهه مشهور معروف عالم باعمل ۽ پير طريقت هيو. سيد امام علي شاهه پنهنجي فرزند ارجمند حضرت پير محمد بقاشاهه رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي تربيت جو خاص خيال رکندا هئا. پاڻ ننديي هوندي کان ذهين ۽ ذڪي هئا. سندس پيشاني مان نيڪ بختي جا آثار نمايان ڏسڻ ۾ ايندا هئا. سندن طبعيت شروع کان ئي علم وعرفان جي طرف مائل هوندي هئي ۽ جنهن عمر ۾ ٻار گهڻو ڪري راند روند ڪندا آهن، ان عمر ۾ پاڻ پنج وقتي نماز ادا ڪرڻ سان گڏوگڏ نفل پڙهڻ، اوراد ۽ وظيفن ۾ مشغول رهندا هئا.

خليفي محمود نظاماڻي رحمةَ الله تعاليٰ عليه کان روايت آهي ته حضرت پير سائين محمد بقاشاهه رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن سائيدي ڳوٺ ۾ پنج وقتي نماز ادا ڪرڻ کان سواءِ شب بيداري، تهجد جي نماز ۽ اشراق جا نفل پابندي سان ادا فرمائيندا هئا. تهجد پڙهي اوراد وظائف ۾ مصروف رهندا هئا. پرهه ڦٽڻ وقت ٻه رڪعتون سنت پڙهي درود پڙهندا هئا ۽ پوءِ فجر جي نماز ادا ڪري ذڪر ۽ فڪر ۾ رهندا هئا ۽ قرآن شريف جي تلاوت ڪري اشراق جا نفل پڙهي بعد ۾ مسجد کان ٻاهر ايندا هئا (۱)

خود ميان محمد بقا شاهه رحمةَ الله تعاليٰ عليه فرمائيندا هئا ته اشراق جا نفل پڙهي بعد ۾ هي دعا گهرندو هوس ته يا الله تنهنجو شڪر آهي جو تو مون کي پنهنجي عبادت ۽ فرمانبرداري جو ذوق شوق بخشيو آهي ۽ ان جي توفيق نصيب فرمائي آهي. دعا گهرڻ کان پوءِ ٻاهر مسجد مان نڪرندو هوس ته روزانو هڪ مجذوب جيڪو مٽي پيرين اگهاڙو هوندو هيو ۽ ڪانيون گڏ ڪري دونهون ڪايو ويٺو هوندو هو ۽ مون کي ڏسي چوندو هو ته "بابا هنوزدلي دور است" (۲)

---

(۱) ملفوظات شريف حصو ٽيون ص ۹

(۲) ملفوظات شريف مترجم سنڌي- جلد ۳ ص ۹

www.maktabah.org

حضرت ميان محمد بقا شاهه رحمةَ الله تعاليٰ عليه فرمائين ٿا ته انهن ڏينهن ۾ مون کي ان مجذوب ماڻهو جي ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي هئي، مگر جڏهن حقيقت جي طلب ۽ سلوڪ جي رستي ۾ پير رکيم ته ان مجذوب شخص جي ڳالهه سمجهه ۾ اچڻ لڳي ته واقعي عشق الاهي جي حصول کان سواءِ سڀ ڪجهه بي معنيٰ آهي.

حضرت ميان محمد بقا شاهه صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي ان ننڍپڻ ۽ شروعات واري زماني جو جڏهن اهو حال هيو ته سندن جواني ۾ عشق الاهي ۽ ڪمالات حاصل ڪرڻ جو چا اندازو هوندو. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ سندن طبعيت ۾ طلب الاهي جي تڙپ ۾ تيزي ٿيندي ويئي، ايستائين جو پاڻ عشق الاهي ۽ مولیٰ پاڪ جي طلب ۾ هر وقت بي قرار رهڻ لڳا ۽ ان دوران حضرت مخدوم محمد اسماعيل جي صحبت کي غنيمت سمجهي ساڻس تعلق مضبوط کان مضبوط تر ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون.

طريقت ۾ قدم:

حضرت پير سائين سيد محمد بقا شاهه رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن گهٽو ڪري مخدوم محمد اسماعيل رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن وٽ ايندا رهندا هئا ۽ سندس صحبت ۾ ٽائيم جو بيشتر حصو گذارينداهئا. ان دوران ميان سائين رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي دل ۾ عشق الاهي جو جيڪو درياهه موجزن هيو، ان کي توڙ تائين پهچائڻ لاءِ مرشد ونڊ جي ضرورت محسوس ڪندي مخدوم صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي هٿ تي نقشبندي طريقي ۾ بيعت حاصل ڪري خلافت جو خرقو ڏيکيائون. جنهن بعد مخدوم صاحب عليه الرحمةَ کين قادري طريقي ۾ بيعت ٿيڻ لاءِ مشورو ڏيندي فرمايو ته توهان جي بيعت، هڪ شخص، صاحب دل، ڪامل اڪمل بزرگ جي حصي ۾ آهي، جيڪو عنقريب توهان وٽ ايندو، ان کان قادري طريقي ۾ بيعت حاصل ڪري مجمع البحرين بنجي وڃجو. تڏهن حضرت ميان محمد بقا شاهه سائين رحمةَ الله تعاليٰ عليه مخدوم صاحب جن کي عرض ڪيو ته قبلا! مون کي ان پلاري نيڪ بخت بزرگ جون نشانيون ٻڌايو ته جيئن آساني سان سواءِ تردد جي ان نيڪ بخت بزرگ کي سڃاڻي سگهان! تنهن تي حضرت مخدوم صاحب ان بزرگ جي نشانين ٻڌائڻ سان گڏوگڏ اهو به ڪيس ٻڌايو ته اهو صاحب ڪمال بزرگ توکي مرده شيءِ زنده ڪري ڏيکارينڊو. پوءِ ان جي هٿ تي بيعت ڪجو. اهڙيءَ طرح حضرت ميان سائين رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن کي ان پلاري بزرگ جي شرف ملاقات جو شوق دل ۾ جاڳيو. آخر هڪ ڏينهن حضرت سيد عبدالقادر آخرين رحمةَ

www.maktabah.org

الله تعاليٰ عليه جن سنڌ ۾ سير و سياحت ڪندي روهڙي شهر ۾ وار مبارڪ جي زيارت واسطي تشريف فرما ٿيا. جڏهن حضرت پير سيد محمد بقا شاهه رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي ساڻن ملاقات ٿي ۽ ان دوران حضرت ميان سائين رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن پاڻ سان ماني ۽ پڪل مڇي ڳنڍ ۾ ٻڌي ڪٽي آيا هئا ۽ سندن خاطر تواضع ڪندي اها پڪل مڇي ۽ ماني سندن آڏو پيش ڪيائون. جڏهن اها مڇي ۽ ماني ڪولي درياهه جي ڪپ تي گڏجي ڪائڻ لاءِ مس ويٺا هئا ته اها پڪل مڇي ٽپو ڏيئي درياهه ۾ هلي ويئي. جڏهن اهو لقاءُ حضرت ميان محمد بقا شاهه صاحب جن پنهنجي اکين سان ڏٺو ته ان وقت ڪيس هڪدم مخدوم محمد اسماعيل رحمةَ الله تعاليٰ عليه واري ڏسيل نشاني ياد اچي ويئي ۽ پاڻ سيد عبدالقادر آخرين رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي پيرن تي ڪري پيا ۽ ڪين عرض ڪيائون ته مان گهٽي مدت ڪان اوهان جي ڳولا ۾ هئس، اڄ خدا پاڪ مهرباني ڪئي آهي، جو هت اوهان سان ملاقات ڪري زيارت ڪان مشرف ٿيو آهيان. هاڻي خدا جي واسطي مون کي قادري طريقي ۾ بيعت فرمايو، ان وقت حضرت سيد عبدالقادر آخرين رحمةَ الله تعاليٰ عليه ڪين چناهه شريف ۾ حاضر ٿي فيض حاصل ڪرڻ جي تلقين ڪئي، ان دوران پاڻ شوق ۽ محبت ۾ پنهنجي مرشد سان سفر ۾ شريڪ رهيا. تانجو سير و سياحت ڪندي ساڻس جهنگ سيال تائين برابر گڏيا ويا ۽ ڪافي عرصي تائين پنهنجي مرشد جي خانقاهه تي خدمت لاءِ مامور رهيا. تڏهن حضرت ميان محمد بقا شاهه صاحب جن اتي سندن ڳوٺ پير ڪوٽ سڏانه (پنجاب) ۾ قادري سلسلي ۾ بيعت ٿيا (١)

ياد رکڻ گهرجي ته مرشد جو مريد کي ۽ مطلوب جو طالب کي ڳولي بيعت سان مشرف ڪرڻ ۽ منزل مقصود تائين پهچائڻ، مريد ۽ طالب جي ڪمال طلب ۽ ان جي ذوق ۽ شوق جو ئي نتيجو هيو جو حضرت عبدالقادر آخرين ڪين شرف بيعت سان نوازڻ لاءِ روهڙي ۾ تشريف فرما ٿيا. اهڙي طرح حضرت سيد محمد بقا شاهه رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن ظاهري ۽ باطني فيض حاصل ڪرڻ لاءِ سندن خانقاهه تي ويا ۽ اتي ترسي پيا ۽ مرشد جي خدمت ۾ رهي خدمت ڪرڻ ۽ فيض حاصل ڪرڻ لاءِ سيد زادي هجڻ ڪي راز ۾ رکي ڏينهن رات انتهائي محنت ۽ مشقت سان سيد عبدالقادر آخرين رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي آستاني تي رهي خدمت ڪرڻ لڳا. سندن ننگر خاني لاءِ جهنگل مان ڪاڻيون ڪرڻ ڪان علاوه گهوڙن جي سار سنيال ۽ ڪڙهين جي صفائي ڪرڻ تائين پنهنجي سر پاڻ ڪم ڪار ۽ خدمت ڪندا رهيا. اهڙي طرح ڪنهن کي به خبر ڪا نه پئجي سگهي ته ڪي پاڻ سيد زادا آهن. ڪين صرف سنڌي خادم ڪري سڏيو ويندو هو ۽ ان لقب سان مشهور هئا.

---

(١) گلزار قادري ص٧٨

www.maktabah.org

ان دوران سيد عبدالقادر آخرين رحمةَ الله تعاليٰ عليه پنهنجي صاحبزادن جي ديني تعليم جي واسطي هڪ ماهر قابل استاد مقرر ڪيو هو، جيڪو صاحبزادن کي ظاهري ۽ ديني تعليم ڏيندو هيو. ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ ڏينهن ميراث جي مشڪل مسئلو استاد صاحب صاحبزادي کي حل ڪرڻ لاءِ فرحي تي لکي ڏنو، جيڪو ڪائنس حل نه ٿيو. تڏهن استاد صاحب ڪاوڙ مان صاحبزادي کي ٻه ٽي فرحيون هٽي ڪڍيون ۽ صاحبزادو روئيندو حويلي ڏانهن وڃڻ لڳو ته رستي ۾ حضرت سيد محمد بقا شاهه رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن گهوڙن جي ڪڙهه جي صفائي ڪري رهيا هئا، تن صاحبزادي کان روئڻ جو سبب پڇيو. صاحبزادي کين سربستي ڳالهه ڪري ٻڌائي، پوءِ پاڻ صاحبزادي کان قلم ونڊي فرحي تي اتي ئي بينڊي بينڊي اهو مسئلو حل ڪري ڏنو، ۽ فرمايائونس ته هاڻي پلي پنهنجي استاد صاحب کي ڏيکار، جڏهن اهو مشڪل مسئلو استاد صاحب وٽ آسان طريقي سان حل ٿيل پهتو ته استاد صاحب سمجهي ويو ته اهو ساڳيو مسئلو ٽورو اڳ ۾ صاحبزادي کي سمجهه ۾ نه ٿي آيو ۽ هينئر جلد ۾ هي ڏکيو مسئلو کنهن جي مدد کان سواءِ حل کو نه ڪيو اٿس، تڏهن ڪائنس سڄي حقيقت پڇيائين، ۽ ان ننڍڙي نينگر ٻه کين سڄي حقيقت سربستي ڪري ٻڌائي ته سنڌي خادم جيڪو درگاهه ۽ گهوڙن جي خدمت تي مقرر ٿيل آهي،ان مون کي بينڊي هي مسئلو حل ڪري ڏنو آهي. اهڙي طرح ان قصي بعد سنڌن تبحر علمي جو پتو پيو ۽ سنڌن علم، فضل ۽ ڪمال ظاهر ٿي پيو، جنهن کان پوءِ ان مولوي صاحب حضرت عبدالقادر آخرين کي سمورو قصو ڪري ٻڌايو، جنهن بعد کين گهوڙن ۽ آستاني جي خدمت گذاري کان روڪيو ويو ۽ سنڌن عزت، تڪريم ۾ اضافو ٿيو(١)

اهڙي طرح حضرت پير سائين سيد محمد بقا شاهه رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جڏهن ڪافي عرصي رهڻ کان پوءِ پنهنجي وطن واپس ورڻ جو ارادو ڪيو ۽ پنهنجي مرشد مڪرم کان اجازت طلب ڪندي واعدو ڪيائون ته دوباره هوٽي خدمت شريف ۾ اچي حاضر ٿيندس، تڏهن سنڌن مرشدن کين فرمايو ته جڏهن اچو ته رام تڙ (٢) جا ڏندڻ ضرور پٽيو اچجو.

حضرت پير سائين سيد محمد بقا شاهه لکياري رحمةَ الله تعاليٰ عليه جڏهن پنهنجي گهر پهتا ته ڪيترا ڏهاڙا اتي ترسي پيا، ليڪن کين پنهنجي مرشد سان محبت جيڪا انتها درجي تي پهچي چڪي هئي تنهن ڪيس دوبارو سنڌن خدمت ۾

(١) صدري روايت حضرت مفتي عبدالرحيم سڪندري صاحب

(٢) رام تڙ ديهه جو نالو آهي، جيڪا روهڙي کان ڏکڻ اوپر طرف تي آهي (مترجم)

www.maktabah.org

حاضر ٿيڻ لاءِ آماده ڪيو ۽ پاڻ رحيم ڈني ڪلهوڑي جي ڳوٺ کان ديهه سوياڻي جهنگ سيال (پنجاب) لاءِ پيرين پيادا روانا ٿيا. جڏهن رشيد پور ڳوٺ (جيڪو پير ڪوٽ کان ستن ميلن جي مفاصلي تي آهي) پهتا ته کين پنهنجي مرشد جو حڪر (رام تڙ جي ڏنڈ آٽڻ وارو) ياد پيو تڏهن پاڻ انتهائي غمگين ٿيا ته جيڪڏهن سندن مرشد مڪرم ان باري ۾ پڇا ڪئي ته کين ڪهڙو جواب ڏيندس. اهڙي طرح پاڻ ان هنڌ کان پوئين پير پوئتي واپس موٽيا ته جيئن مرشد کي پٺي نه ٽئي. آخر مرشد جي حڪر موجب ان ساڳئي هنڌ تان ڏنڈ پٺي ساڳيو سندن خدمت ۾ حاضر ٿيا، جيئن ته حضرت عبدالقادر آخرين رحمةَ الله تعاليٰ عليه صاحب دل ۽ ڪمال وارو بزرگ هيو. ان ڪري حضرت سيد محمد بقا شاهه رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي ان جفاڪشيءَ کان چگي طرح واقف ٿي چڪو هو، تنهن تي کيس ڏسڻ شرط فرمايائون ته ميان محمد بقا شاهه صاحب توهان کي هن پيري تمام گهٽي تڪليف پهتي آهي. تڏهن حضرت محمد بقا شاهه رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جواب ۾ وراڻيو ته قبلا! اها تڪليف نه هئي، بلڪ تفريح هئي. حضرت آخرين رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن سندس ان جواب با صواب ٻڌڻ شرط کيس پاڪ پائي شفقت ۽ مهرباني سان جيڪو ڪجهه فيض ڏيڻو هو، اهو عنايت ڪري فرمايائونس ته اي محمد بقا شاهه صاحب! اڄ کان پوءِ مان توهان ۽ توهان جي اولاد تان هيڏانهن اچڻ وارو بار ختم ڪري ڇڏيان ٿو ۽ آئيندہ اسين ۽ اسان جو اولاد اوهان وٽ هلي ايندو. ان کان پوءِ ڪجهه ڏينهن پنهنجي مرشد جي صحبت ۾ گذاري پنهنجي ڳوٺ واپس آيا ۽ سندن مرشد جي فرمان موجب اڄ تائين ان گادي جا سجاده نشين مرشد هجڻ جي باوجود سندن خاندان وٽ ايندا رهندا آهن ۽ اها رسم ان دور کان اڄ تائين هلندي اچي ٿي (۱)

حضرت ميان محمد بقا شاهه رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن نقشبندي ۽ قادري بنهي طريقن ۾ بيعت ٿيل هئا، ليڪن قادري طريقي ۾ کين اهڙو ته عروج حاصل ٿيو، جنهن جو بيان ڪرڻ کان تمام مٽاهون آهي، کين فيض پنهنجي مربي مرشد حضرت آخرين عليه الرحمةَ کان مليو. ملفوظات شريف حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه ۾ مذڪور آهي ته "قدم مبارڪ جيڪو حضرت نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن معراج جي رات حضرت غوث الثقلين جي ڪلهن تي رکيو هو ۽ غوث پاڪ هر ولي جي ڪلهي تي رکيو ۽ ان کان پوءِ غوث الثقلين جي اولاد کي پشت بپشت ورثي ۾ ملندو رهيو. اهو قدم مبارڪ حضرت شيخ عبدالقادر آخرين (مرشد معظم

(۱) گلزار قادري ص۸۹

www.maktabah.org

ميان محمد بقا شاهه) کي عنايت ٿيو ۽ شيخ صاحب کنهن به مريد تي نه رکيو هو تڏهن اهو قدم حضرت ميان محمد بقا شاهه صاحب جي کلهن تي رکي سرفراز فرمايائون ۽ اجازت ڏنائون. (۱)

حضرت ميان محمد بقا شاهه لکياري رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن کي پنهنجي مرشد مڪرم سان انتها درجي جي محبت هوندي هئي ۽ پنهنجي شيخ طريقت سان والهانه انداز ۾ الفت ڪري حضرت شيخ عبدالقادر آخرين رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن به مٽن تمام گهٽو مشفق ۽ مهربان هوندا هئا، ساڳي ريت حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي شفقت ۽ محبت به ساڻن تمام گهٽي هوندي هئي.

حضرت ميان محمد بقا شاهه لکياري رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن فرمائيندا هئا ته "فيض حاصل ڪرڻ لاءِ خدمت ۽ ادب کان سواءِ ٻيون رستو خدا پاڪ پيدائي ڪو نه فرمايو آهي" ۽ اهو ئي سبب هيو جو سندن مسلڪ ۽ طريقي جا مرشد ۽ رهبر ڪائن تمام گهٽو راضي هئا.

حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي وفات کان پوءِ سندن فراق ۾ بيقرار رهندا هئا، کين ڪٽي به آرام نه ٿي آئيو ۽ ان بي قراريءَ جي عالم ۾ مخدوم صاحب جي صحبتين کي ڳولي ڳولي ساڻن صحبت لاءِ ڪوهين پير پيادو سفر ڪري اوڏانهن ويندا هئا. حضرت ميان صاحب جن کي پنهنجي مرشد حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحمةَ الله تعاليٰ عليه سان عقيدت ۽ محبت جو درياهه اهڙو ته موجزن هيو جو سندن وصال کان پوءِ جوش واضطراب جي تسڪين خاطر مخدوم صاحب جي ملاقاتين سان ملاقات ڪرڻ جي ڪوشش ۾ سرگردان رهندا هئا، جڏهن به کين مخدوم صاحب جي فيض، برڪت ۽ صحبت جي بوءِ محسوس ٿيندي هئي ته ان طرف رخ رکندا هئا، ايستائين جو گل جي خوشبوءِ سنگهڻ جي شوق ۾ ڪنڊن کان به پرهيز نه ڪيائون. اهڙي طرح ان شوق جي عالم ۾ پاڻ مخدوم صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي هڪ ملاقاتي نانڪ شاهي هندو فقير وٽ به تشريف ونئي ويا. جنهن جو قصو ملفوظات شريف ۾ هن طرح اچي ٿو ته "هڪ دفعو حضرت ميان محمد بقا شاهه لکياري رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن هڪ نانڪ شاهي هندو فقير سان صحبت ڪرڻ لاءِ ويا جيڪو هندو ڪڈهن ڪڈهن حضرت مخدوم صاحب پريان لوءِ وارن جي خدمت ۾ صحبت واسطي ايندو هيو، جڏهن مخدوم محمد اسماعيل رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو ته حضرت ميان محمد بقا شاهه صاحب جن کي پنهنجي

(۱) ملفوظات شريف روضي ڈٹي جلد۴- ص۱۸۱

www.maktabah.org

مرشد جي محبت بي قرار ڪيو ۽ ڪين مرشد جي خدمت ۾ حاضري پريندڙ هندو فقير سان صحبت ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو.

چون گل رفت و گلستان شد خراب
بوئي گل را ازچه جوئيم ازگلاب

آخر جڏهن پاڻ ميان صاحب ۽ ساٿس ٻيو هڪ فقير گڏجي ان نانڪ شاهي فقير جي خدمت ۾ پهتا، تڏهن ڏٺائون ته انهيءَ فقير جو هڪڙو مريد ٽوڪريون وٺي ٿاهي. پاڻ ٽوڪريون ڏسي ڪيس چياٿون ته واهه جون سٽيون ۽ عمديون ٽوڪريون پيو ٿاهين!! تنهن تي انهيءَ فقير جواب ڏنو ته هي ڪيل مهتي ٻڌر جو آهي (يعني پنهنجي گروءَ ڏانهن اشارو ڪيائين ته) هي سڀ هنر ان جو عطا ٿيل آهي.

حضرت ميان صاحب جن فرمايو ته ديگ جي سڃي حقيقت معلوم ٿي ويئي، جيئن ديگ مان هڪ يا ٻن چانورن جي ڪٽن مان پوري ديگ جي حقيقت معلوم ٿي سگهي ٿي. اهڙي طرح معلوم ٿيو ته نانڪ شاهي فقير جو مريد فنا في الشيخ آهي. پوءِ جڏهن پاڻ انهيءَ نانڪ شاهي فقير وٽ پهتا ته اهو نانڪ شاهي ڪائن ڊڄڻ لڳو، تنهن تي ميان محمد بقا شاهه صاحب جن ڪيس فرمايو ته "اي فقير اسان ڪان ڪهڙي سبب ڪري ڊڄين ٿو؟ اسان ته توکي مخدوم صاحب جي خدمت ۾ ڏنو هيو، ان ڪري توهان جي صحبت ۽ ڪچهري واسطي آيا آهيون." تڏهن ان نانڪ شاهي وراٽيو ته پلاهن فقير کي چئو ته باهر وڃي. جڏهن فقير باهر ويو ته نانڪ شاهي کين انهيءَ جاءِ جي هڪ ڪنڊ ۾ وڃي ويو، جتي نماز پڙهڻ لاءِ هڪڙي جاءِ تيار ڪيل هئي. پوءِ اتي ويهي ڪچهري ڪرڻ لڳا. سندن سموري گفتگو الله ۽ ان جي رسول کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هئي (۱)

اهڙي طرح حضرت ميان محمد بقا شاهه صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن درويشن، بزرگن، پلارن ۽ نيڪن جي صحبت کي غنيمت تصور ڪندي ساٽن ڪچهري ۽ صحبت ڪرڻ لاءِ ويندا رهيا. ساڳئي ريت ملفوظات شريف ۾ بيان آهي ته حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي وصال کان پوءِ سندن دل ۾ خيال آيو ته ڪنهن ڪامل جي صحبت ۾ وڃي مستفيض ٿجي. اهو خيال ڪري، درازن ۾ ميان صاحبڏني فاروقي عليه الرحمةَ وٽ وڃي ملاقاتي ٿيا. ڪجهه گهڙي ڪن وٽس ويهڻ کان پوءِ ڪائنس پڇياٿون ته جيڪڏهن ڪو طالب خدا تعاليٰ جي طالب وٽ اچي ته ڇا ڪرڻ گهرجيس؟ تڏهن ميان صاحبڏني رحمةَ الله تعاليٰ عليه جواب ڏنس ته دل حاضر ڪري. وري پڇياٿونس ته جيڪڏهن ان کي دل ئي نه هجي ته پوءِ ڇا ڪري؟ ميان صاحبڏني انهيءَ جو ڪو جواب

(۱) ملفوظات مترجم، جلد ٻيو، ص- ۴

www.maktabah.org

ڪونہ ڏنو. پوءِ اتان کان موڪلائي ڪوٽڙي (غالبًا مخدوم يار محمد ڪوٽڙي ڪبير واري وٽ) ويا اتي هڪ مجذوب عورت رهندي هئي. جنهن کي شهر جي ڇوڪرن پٽر ٽي هنيا ۽ سندس پويان ڊوڙندا پي ويا ۽ ان عورت ڇوڪرن کي گاريون پي ڏنيون. ان وقت ميان محمد بقا سائين رحمةَ الله تعاليٰ عليه ان مجذوب عورت وٽ سندس ڇوڙ آکڙ مان فال ونڻ لاءِ منتظر بيٺا رهيا. جڏهن ڇوڪرا پنهنجي خيال سان واپس هليا ويا. تڏهن ان مجذوب عورت ميان صاحب ڏانهن نهاري هڪ پٽر کڻي اڇلائي چيو ته "اي پهاج رڄ پيتو اٽئي، اجا ٽي اتي ڪڙي چندين" انهيءَ بڏڙ سان سندن دل کي تسڪين ۽ آرام حاصل ٿيو ۽ ان کان پوءِ ڪنهن به بزرگ جي صحبت ۾ هيڏي هوڏي وڃڻ جي سڌ ڪا نہ رهي. ڪين ان مجذوب عورت جي ڇوڙ اهڙو ته اثر ڪيو جو ان کان پوءِ ٻئي طرف ڪيڏانهن به نہ ويا ۽ هڪ هنڌ ويهي مخلوق خداوندي کي فيض پهچايائون. (۱)

شادي ڪرڻ جو واقعو ۽ اولاد:

هڪ دفعو سيد محمد بقا شاهه صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن کان سندن پير طريقت مرشد سيد عبدالقادر آخرين رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن شادي نہ ڪرڻ جو سبب پڇيو (جو شروع ۾ پاڻ شادي نہ ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري چڪا هئا) تنهن تي عرض ڪيائون ته قبلا! اولاد باعث بدنامي ۽ باعث نيڪ نامي هوندي آهي ۽ ان ڳالهه جو به پتو ڪونهي ته اولاد ٻُري ٿيندي يا ڀلي؟ ان ڪري مورڳو شادي نہ ڪرڻ جو پڪو خيال ڪري ڇڏيو اٽئون. تنهن تي ڪيس سندن مرشد فرمايو ته اٽين ڪونهي بلڪ اوهين شادي ڪريو جو شادي ڪرڻ سنت رسول آهي ۽ انشاءَ الله تعاليٰ اوهان جي اولاد مان ڀلي ڪان ڀلا بزرگ پيدا ٿيندا ۽ ڪيترائي غوث قطب پيدا ٿيندا. ان ڪري شادي ضرور ڪريو ۽ ڪيس نصيحت فرمائيندي اهو به چيائون ته شادي ڪرڻ کان پوءِ مخدوم محمد اسماعيل رحمة الله تعاليٰ عليه کان به نيڪ اولاد جي دعا طلبيءَ لاءِ ضرور ويجو.

اهڙي طرح حضرت سيد محمد بقا شاهه سائين رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن پنهنجي مرشد معظم جي حڪم موجب جهنگ سيال کان واپسي بعد پنهنجي خاندان مان شادي ڪئي ۽ شاديءَ ڪرڻ کان پوءِ نقشبندي طريقي جي مرشد حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي خدمت ۾ نيڪ صالح اولاد ٿيڻ جي دعا طالبيءَ لاءِ حاضر ٿيا ۽ ڪائون دعا طلبيائون. تڏهن مخدوم صاحب جن کين دعا ڪئي

(۱) ملفوظات شريف ص ۴ جلد ٻيو

www.maktabah.org

ء اهو پڻ چيائون ته اوهان جي پٽيءَ مان هڪ اهڙو قطب پيدا ٿيندو جنهن جي فيض کان دنيا جو تمام گهڻو حصو فيضياب ٿيندو. (۱) تڏهن الله پاڪ جي لطف ء مهرباني سان حضرت سيد محمد بقا شاهه رحمة الله تعاليٰ عليه جن کي چار فرزند تولد ٿيا. جيڪي پنهنجي وقت جا ڪامل اڪمل ولي الله هئڻ سان گڏوگڏ ظاهري علمن سان پڻ سينگاريل هئا. سندن فرزندن جا اسماءِ گرامي هن طرح آهن:

۱- حضرت پير سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمة الله تعاليٰ عليه ولادت ۱۰۱۷۱ هجري وفات ۱۲۳۴هـ. ۲- حضرت پير سيد عبدالرسول شاهه ولادت سن ۱۱۶۸هجري، وفات ۱۲۳۱هجري. ۳- حضرت سيد مرتضيٰ علي شاهه ولادت ۱۱۷۲هـ، وفات ۱۲۳۵هـ. ۴- حضرت پير محمد سليم شاهه صاحب رحمة الله تعاليٰ عليه ولادت ۱۱۷۸هـ وفات ۱۲۴۱ هـ آهي.

جيئن ته حضرت سيد محمد بقا شاهه رحمة الله تعاليٰ عليه کي پنهنجي مرشد جي دعا هئي ء ان نيڪ بخت جي علم بصيرت ۾ اها ڳالهه چگي طرح واضح ٿي چڪي هئي ته سندس اولاد مان نيڪ بخت، غوث، قطب پيدا ٿيندا. سا ڳالهه بلڪل سچ ثابت ٿي ء سندن چار ئي صاحبزادا نهايت صاحب ڪمال، ولي الله بزرگ ٿي گذريا آهن. هر هڪ بزرگ جو پنهنجو پنهنجو مرتبو ء شان آهي. ليڪن الله تعاليٰ سيني مان زياده جيڪا شهرت ء عزت حضرت قدوة السالڪين امام العارفين پيرن جي پير سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمة الله تعاليٰ عليه جن کي نصيب فرمائي سا پوري سنڌ ۾ ڪنهن ٻئي بزرگ کي ورلي نصيب ٿي هوندي.

ڳالهه ٽاڪن ته حضرت شاهه عبداللطيف پٽ ڈٹي رحمة الله تعاليٰ عليه هڪ دفعو سير سياحت ڪندي چند فقيرن سان گڏ جڏهن شيخ طيب هنڌان لانگهائو ٿيو، تڏهن حضرت پير سائين سيد محمد بقا شاهه رحمة الله تعاليٰ عليه سان سندس ان هنڌ ملاقات ٿي، جيڪو ان وقت جهنگ ۾ ڳڻون چاري رهيو هو تڏهن حضرت پير سائين سيد محمد بقا شاهه صاحب جن پٽ ڈٹي بادشاهه سان چند فقير گڏ ڏسي خوش طبعي ڪندي فرمايس ته اي شاهه صاحب! ڇو مخلوق خداوندي کي رولين ٿئي جو هي فقير پنهنجي پويان لايو ٿو وتين؟! تنهن تي حضرت پٽ ڈٹي وراڻيو ته اي ميان محمد بقا شاهه صاحب منهنجي پويان ته هي به ٽي فقير آهن. باقي تنهن جي اولاد مان هڪ اهڙو قطب ء برگزيده ولي الله پيدا ٿيندو جيڪو لکين انسانن کي پنهنجي پويان رلائيندو (۲)

حضرت شاهه عبداللطيف رحمة الله تعاليٰ عليه جن جي اها

(۱) گلزار قادري اردو ص ۷۸
(۲) احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي ص ۶۹

www.maktabah.org

پيشنگوئي سچ ثابت ٿي ۽ کين حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن تولد ٿيا، جن لکن انسانن کي پنهنجي فيض سان رنگي ريتو ڪيو.

ان کان سواءِ ٻين بزرگن ٻ حضرت جن جي تولد ٿيڻ کان اڳ ۾ اهڙيون پيشنگويون ۽ خوشخبريون ٻڌايون، جن جو ذڪر پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ڪيو ويندو.

اهڙي ريت حضرت ميان محمد بقا شاهه رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جو اولاد چئن قبيلن سان مشهور ٿيو. ۱- حويلين وارا پير ۲- ڪوٽائي پير ۳- راشدي پير ۴- شاهاني پير (۱)

اولاد جي تربيت جو طريقو:

حضرت پير سيد محمد بقا شاهه لکياري رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن سنڌ جي انهن باڪمال بزرگن مان هڪ هئا، جن جي روحاني، باطني فيض ڪان سون جي تعداد ۾ ٻُليل انسان راهه هدايت وارا بنجي ويا، سڀ ڪان پهريائين قرآن پاڪ جي حڪم موجب پنهنجي اولاد ۽ خاندان کي خدا پاڪ ڈانهن راغب ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون، پاڻ پنهنجي وقت جا ڪامل عارف ولي الله هئڻ سان گڏوگڏ صاحب دل ۽ صاحب حال پڻ هئا. ان ڪري پنهنجي اولاد جي ظاهري ۽ باطني تربيت واسطي کين تمام گهڻو اونو هوندو هيو، ۽ انهن جي تربيت اهڙي طرح فرمايائون جو سندن سڀئي صاحبزادا زماني جا تمام وڏا متبرڪ اولياءَ الله، عالم باعمل ۽ پير ليکيا وڃن ٿا. ملفوظات شريف ۾ مذڪور آهي ته حضرت پيرسائين روضي ڈٹي رحمةَ الله عليه جن فرمايو ته اسان کي حضرت والد معظم ميان صاحب (پير سائين محمد بقا شاهه صاحب جن) فرمائيندا هئا ته اي بابا! توهان سان جيڪي هي ڪماليتن ۽ احوالات جا گفتا ڪيا وڃن ٿا، تنهن لاءِ جيڪڏهن اوهان کي الله تعاليٰ جل شانه پنهنجي فضل سان انهيءَ مقام جو حال نصيب ڪيو ته پاڻهئي عجيب لذتون ۽ ذوق شوق ڏسندؤ ۽ قدر پوندوَ، پر جيڪڏهن اهو حال ميسر نه ٿيو ته اسانجون هي مڙئي ڳالهيون اوهان کي ٻڌاڪ ۽ ڏاڙ سمجهڻ ۾ ايندیون. (۲)

حضرت پير سائين ميان محمد بقا شاهه صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جو پنهنجن فرزندن کي ان طرح چوڻ جو مطلب اهو هيو ته جيئن منجهن شوق الاهي جو جذبو پيدا ٿئي. ان کان سواءِ پاڻ پنهنجي صاحبزادن کي وعظ ونصيحت کان علاوه

(۱) راشدي خاندان جو شجرو - ص ۲۲

(۲) ملفوظات روضي ڈٹي سنڌي جلد ۱ ص ۱۴۴

www.maktabah.org

روحاني ۽ باطني فيض سان مالامال ڪندا رهيا، جو ته سلف صالحين جو پٽ اهو دستور رهيو آهي جو اهي بزرگ پنهنجي اولاد کي معرفت جي اسرار و رموز کان آگاهه ڪندا هئا ۽ وقت بوقت سندن احوال ۽ اشغال جو مشاهدو ڪري کين اڳئين منزل جو درس ڏيندا هئا، اهڙي طرح حضرت پير سائين سيد محمد بقا شاهه لکياري رحمة الله تعاليٰ عليه جن جيڪو فيض حاصل ڪيو هو. ان فيض کي پنهنجي اولاد طرف منتقل ڪرڻ لاءِ اهڙي تربيت فرمايائون جو سندن حياتيءَ مبارڪ ۾ ئي صاحبزادگان ظاهر خواهه باطني فيض سان سرشار ٿي چڪا هئا.

ملفوظات شريف ۾ هڪ واقعو مذڪور آهي ته هيڪر ميان محمد بقاشاهه رحمة الله تعاليٰ عليه جن باغ ۾ تشريف فرما ٿيا، ساڻن گڏ حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٹي رحمة الله تعاليٰ عليه جن به هئا. ان دوران حضرت ميان جن هڪ ٻوٽي جي پاڙ مان گاهه ۽ گند صاف ڪندي پنهنجي صاحبزادي حضرت پير سيد محمد راشد روضي ڏٹي رحمة الله تعاليٰ عليه جن کي مخاطب ٿيندي فرمايو ته بابا! جيڪڏهن ٻوٽي جي پاڙ ۾ گڏ ڪري گاهه گند ڪيي نه ڇڏبو ته ٻوٽو ڪڏهن به نه وڌندو، ان ڪري الله پاڪ جي طالب کي لازم آهي ته دل جي پاڙ مان غير الله جي گاهه ۽ گند کي ڪيي پاڙان پٽي ڇڏي، ۽ نفساني خواهشات جي ڪن ڪندن کي ڪيڻ جي ڪوشش ۾ ڏينهن رات مصروف رهي ته جيئن عشق الاهي جو ٻوٽو چگي طرح وڌي سگهي (۱)

حضرت پير سائين سيد محمد بقا شاهه لکياري رحمة الله تعاليٰ عليه جن پنهنجي صاحبزادگان جي ان نموني سان تربيت فرمائي، سندن دل ۾ عشق الاهي جو باغ پوکڻ ٿي چاهيو، ۽ خدا پاڪ سندن ان سعيي ۽ ڪوشش کي اهڙي طرح پورو فرمايو جو ان باغ مان لکين انسانن کي ميوات حاصل ٿي.

ٻئي هنڌ ملفوظات شريف ۾ ايندو آهي ته هڪ دفعو حضرت ميان محمد بقا شاهه لکياري رحمة الله تعاليٰ عليه جن پنهنجي صاحبزادي پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٹي رحمة الله تعاليٰ عليه جن کي ساڻ ڪري پوک ۾ گهمي رهيا هئا ته ان دوران سبب ۽ مسبب جو فرق بيان ڪندي فرمايائون ته بابا! هن پوک جي نظر سبب تي آهي. ان ڪري جيڪڏهن کيس پاڻي نه ملندو ته سڪي ويندي، مگر جهنگلن ۽ برپٽن ۾ وڻن وڻن جي نظر مسبب الاسباب تي هوندي آهي. ان ڪري هو پاڻي نه ملڻ جي ڪري به سرسبز ۽ شاداب هوندا آهن. (۲)

(۱) ملفوظات روضي ڏٹي سنڌي جلد ۳، ص۱۱

(۲) ملفوظات شريف جلد ۵ ص ۲۶۶

www.maktabah.org

سبحان اللہ! جو اولياء اللہ جي تربيت جو طريقو ڪيڏو نہ سھڻو ۽ دلڪش انداز سان هيو ۽ ظاهري طرح مثال ڏيندي صاحبزادن کي خدا پاڪ جو رستو ۽ مٹس پروسي ڪرڻ جي تلقين فرمائيندا رهيا، ۽ حضرت پير سائين ميان محمد بقا شاهه لکياري رحمة الله تعالىٰ عليه جن کي پنهنجي اولاد جي تعليم و تربيت لاءِ حد کان وڌيڪ خيال هوندو هيو.

علمي مقام:

حضرت پير سائين سيد محمد بقا شاهه لکياري رحمة الله تعالىٰ عليه جن ظاهري توڙي باطني علمن سان سينگاريل هئا. شريعت پاڪ تي انتهائي سختي سان عمل فرمائيندا هئا ۽ پهنجي صاحبزادن، مريدن ۽ معتقدن کي به شريعت پاڪ تي عمل ڪرڻ جو تاڪيد ڪندا رهندا هئا، ڪين قرآن و حديث پاڪ جي علمن تي ڪامل دسترس حاصل هئي، طريقت ۽ سلوڪ جي رستي ۾ رهنما جي حيثيت رکندا هئا، سيني صفتن سان موصوف هجڻ، ۽ بلند مقامات طئي فرمائڻ بعد به، پاڻ کي مخلوق جي نظرن کان لڪائڻ جي انتهائي ڪوشش ڪندا هئا، ۽ پنهنجي پوري زندگي ۾ مشهوري کي قطعي طرح پسند نہ فرمايائون. سندن طرز زندگي نهايت سادو ۽ فقيراڻو هوندو هيو. دنياوي سک ۽ آرام کان پري رهي فقيريءَ تي گذر فرمائيندا هئا، ليڪن جيئن تہ سج کو لڪڻ جو نہ هوندو آهي ۽ مشڪ، عنبر جي خوشبوءِ لڪي نہ سگهندي آهي، ائين سندن بزرگي ۽ عارفانہ مقام جي خبر هر عام خاص ماڻهو کي پئجي چڪي هئي، ۽ پري پري تائين سندن علم وفضل جو چرچو عام جام ٿي چڪو هيو، ۽ وقت جا جيد عالم به پيچيده ۽ ڏکين مسئلن ۾ ڪانئن رجوع ڪندا هئا ۽ مشڪل مسئلن جي حل واسطي ڪانئن ئي رهنمائي حاصل ڪندا هئا. حضرت مخدوم احمدي رحمة الله تعالىٰ عليه ميان سائين جن کان ايڏو تہ متاثر هوندو هيو جو ڪيترا دفعا قرآن ۽ حديث پاڪ جي ڏکين ۽ مشڪل مسئلن جي حل واسطي ڪانئن رهنمائي ورتي هئائين. سندن تبحر علمي جو اندازو ملفوظات شريف ۾ ذڪر ڪيل ان نقل مان لڳائي سگهجي ٿو، جنهن ۾ ڄاڻايل آهي تہ هڪ دفعو حضرت مخدوم احمدي رحمة الله تعالىٰ عليه ۽ بيا عالم (الفقر سواد الوجه في الدارين) حديث جي معنيٰ ۾ مُنجهي پيا. آخر پاڻ ۾ واعدو ڪيائون تہ حضرت ميان محمد بقا شاهه صاحب کان ان حديث جي معنيٰ ۽ مطلب پڇنداسون، آخر هڪ ڏينهن حضرت ميان صاحب جن سان حضرت مخدوم احمدي ۽ انهن بزرگن جي ملاقات ٿي ۽ ڪين پنهنجو مطلب ٻڌايائون. تنهن تي حضرت ميان صاحب جن فرمائين تہ پهريان ان حديث جي ظاهري

(۱) ملفوظات روضي ڈٹي سنڌي جلد ۱ ص ۱۴۴

www.maktabah.org

معنيٰ ڪريو ته پوءِ توهان کي معنيٰ ۽ مطلب سمجهائينداسون. پوءِ انهن عالمن چيو ته ان حديث جي معنيٰ هي آهي ته فقر منهن جي ڪاراڻ آهي ٻنهي جهانن ۾. تڏهن حضرت ميان صاحب انهن کي فرمايو ته حديث جو مفهوم ٺيڪ ۽ برحق آهي. يعني اڪ جي ماڻڪي ڪاري آهي جيڪا اڪ ۾ موجود آهي، جنهن جومطلب هي آهي ته فقر منهن جي روشنائي آهي ٻنهي جهانن ۾ (۱) حضرت پيرسائين ميان سيد محمد بقا شاهه لکياري رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن ان حديث جي معنيٰ صوفيانه انداز ۾ وقت جي جيد عالمن کي سمجهائي کين تسلي ڏنائون.

الله پاڪ جا پيارا ٻانها جيڪو به ارشاد فرمائيندا آهن، اهو ظاهري طرح سندن زبان گوهر افشان مان نڪرندو آهي، ليڪن حقيقي طرح ان تلقين ۽ ارشاد کي مولانا رومي رحمة الله تعاليٰ عليه هن شعر ذريعي بيان ڪيو آهي:

گفتۂ او گفتۂ الله بود - گرچہ از حلقوم عبدالله بود

يعني الله وارن جو قول حقيقت ۾ الله پاڪ جو فرمان هوندو آهي توڻي جو ظاهري طرح ٻانهي جي واتان صادر ٿئي،پوءِ ان فرمان کي الله جل شانه' جي معرفت ۽ حقيقت کي پروڙڻ جو ذريعو سمجهي دل سان عمل ڪرڻ نهايت ضروري هوندو آهي.

حضرت ميان محمد بقا شاهه لکياري رحمة الله تعاليٰ عليه جن، هڪ دفعي پنهنجي صاحبزادن کي گهرائي تلقين ڪئي ته اي پياروا! اسان توهان جي ظاهري علمن جي حصول ۾ جيڪا ڪوشش ڪيون ٿا. ان جو مقصد اهو ناهي ته مخلوق ۾ اوهان جي مقبوليت ٿئي، نه ئي اهو مقصد آهي ته توهان قاضي يا مشهور عالم بنجو، بلڪ اسان جو مقصد اهو آهي ته توهان حضرت سيد المرسلين صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي سنت پاڪ کان با خبر هجو، ۽ ان تي توهان کي عمل جي استقامت جي توفيق نصيب ٿئي.

اهو ئي سبب هيو جو پنهنجي صاحبزادن جي تعليم ۽ تربيت واسطي سفر جون مشڪلاتون سر تي سهي کين وقت جي جيد عالمن وٽ تعليم حاصل ڪرڻ خاطر، ڪڏهن شڪارپور ته ڪڏهن ڪوٽڙي ڪبير، ڪڏهن ڳوٺ خير محمد آريجا، تعلقو ڏوڪري ضلع لاڙڪاڻي به سندن وڃڻ ٿيو، ۽ باقاعدي پنهنجي نينگرن جي نظرداري لاءِ وٽن ويندا رهندا هئا ته جيئن صاحبزادا طالب علمي جي زماني ۾ تعليم حاصل ڪرڻ کان سواءِ اجاين ڪمن ۾ مشغول نه ٿي وڃن.

حضرت ميان پير محمد بقا شاهه لکياري رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن

(۱) ملفوظات روضي ڏٽي- سنڌي جلد ۵، ص۲۸۶.

www.maktabah.org

جهڙي طرح باطني فيض سان پرپور هئا، بلڪل ساڳي طرح ظاهري طور به فيض، ڪمال ۽ علم سان ٽمٽار هئا، ڪين علم سان حد درجي جي محبت هوندي هئي. پاڻ پنهنجي صاحبزادي حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن کي تلقين ڪندي فرمايائون ته مثنوي شريف جو راز بغير ڪتاب جي ظاهر نه ڪجانءِ، بلڪ ڪتاب هٿ ۾ ڪٹي ان کان پوءِ حقيقتون ظاهر ڪجانءِ. ڪتاب هجڻ ڪري هر ڪنهن ماڻهوءَ کي يقين اچي ويندو. ان کان پوءِ جيڪو راز وٹئي سو بيان ڪر. (۱) حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن کي علم دوستي سندن والد صاحب کان ورثي ۾ ملي، جو پاڻ فرمائيندا هئا ته ڪتابن وٹ جو شوق دل تان نه ٹو لهي. (۲)

حضرت پير سائين محمد بقا شاهه رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن معرفت جي درياهه جا واقف ۽ بحر حقيقت جا ڄاڻو هئا. روزمره جي معمولات ۾ معرفت الهي جا مشاهدات ماڻيندا هئا. هر وقت عالم ڪثرت مان وحدت جي موتين سان حق جي طالبن جون جهوليون پريندا رهندا هئا ۽ حاضرين کي معرفت الاهي جي اسرارن ۽ رمزن کان واقف فرمائيندا هئا.

دنياداري کان بيزاري:

حضرت ميان محمد بقا شاهه لکياري لاءِ مشهور آهي ته پاڻ تارک الدنيا هئا، ۽ جيڪڏهن ڪين ڪجهه ملندو هيو ته الله جي واٽ ۾ لٹائي خرچ ڪري متوڪلانه زندگي گذارينداهئا. ملفوظات ۾ ذڪر آهي ته هڪ دفعو حضرت ميان صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن بيان ڪيو ته اسان طلب جي ڈينهن ۾ مخدوم صاحب (محمد اسماعيل رحمةَ الله تعاليٰ عليه) جن وٹ ايندا ويندا هواسون. تن ڈينهن ۾ هڪ زمين جو خيراتي ٽپو (حصو) اسان جي ابن ڏاڏن کان وٹي اسان جي قبضي ۾ هيو، جنهن جو فصل وغيره اسان ڪٹندا هئاسون. هڪ ڈينهن مخدوم صاحب جن جي حضور ۾ وينا هئاسون تڏهن پاڻ فرمايائون ته شاهه صاحب ٽپو به ٽپ آهي ۽ حضرت مخدوم صاحب جن جي فرمان جو اشارو ان زمين جي ٽڪري ڈانهن هيو، جيڪو اسان سمجهي ورتو، ۽ ان کان بعد اهو زمين جو ٽڪرو ڇڏيو ويو ۽ دوباره وري انهيءَ زمين جي ٽڪري جو خيال دل ۾ نه آندوسون. (۳)

(۱) ملفوظات مترجم جلد ۵، ص ۲۶۷.
(۲) ملفوظات شريف جلد ۵، ص ۲۷۷.
(۳) ملفوظات روضي ڈٹي- مترجم جلد ۴، ص ۷۰

www.maktabah.org

سندن سموري زندگي فقر فاقي ۾ گذري. پاڻ فقيري ۽ مسڪيني ۾ صبر ۽ شڪر جو اهڙو ته مثال قائم ڪيائون، جنهن جو اثر سندن خاندان ۾ اڃا درجي جو موجود رهيو.

پاڻ پنهنجي اولاد کي دنيا وارن کان پري رهڻ جي تلقين فرمائيندا هئا، ۽ دنيا وارن جي مڪر فريب جو بيان پنهنجي صاحبزداي سان هن طرح فرمايائون ته، جڏهن دولت وارا ماڻهو (کنهن جي) ارادتمندي ۾ پنهنجو پٽ ذبح ڪن ته ائين نه سمجهو ته اهو الله کارڙ ڪيو اٿس. يقيناً ان ۾ نفساني غرض رکيو هوندائين. (۱) دنيا ۽ دنيا وارن کان نفرت، اهل تصوف جو پراڻو طريقو رهيو آهي. حضرت رسول اڪرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن دنيا کي ڏونڊ سڏيو، ۽ فقيري کي پنهنجو شيوو بنايائون.

شهادت جو واقعو:

جيئن اڳ ۾ بيان ٿي چڪو آهي ته حضرت پير سائين سيد ميان محمد بقا شاهه رحمة الله تعاليٰ عليه جن کي علم سان تمام گهٽو چاهه هوندو هيو. پاڻ ڪيڏانهن به ويندا هئا ته پنهنجا ڪتاب پاڻ سان گڏ ڪنيو ويندا هئا، ۽ ڪتابن جي ڳڻڻي هميشه پنهنجي مٿي تي رکيو وتندا هئا. سندن اهو سلسلو زندگي جي آخري گهڙي تائين جاري رهيو.

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ دفعو ڪنهن طرف کان ٽيو واپس پنهنجي ڳوٺ پي آيا، ۽ دستور موجب ڪجهه ڪتاب ساڻن ڳڻڻ ۾ ٻڌل مٿي تي هئا، ڏينهن گرم ٿي چڪو هيو. ان ڪري وڻ هيٺان ٿوري دير آرام ڪرڻ لاءِ ترسي پيا، ۽ ڪتاب سيراندي رکي ڪجهه وقت ڏينهن ٽارڻ لاءِ سمهي رهيا. اتفاق اهو ٽيو جو ان رستي سان ڏاڙيل ۽ چور لانگهائو ٿيا، جن کين وڻ هيٺان ستل ڏسي اهو خيال ڪيو ته پڪ ان درويش وٽ ڪا دولت ۽ ڏوکڙ آهن، جنهن ڪري ڳڻڻ مٿي ويڄهو ڪيو ستو پيو آهي. ان ڪري انهن خيال ڪيو ته مورڳو ان کي قتل ڪري دولت هٿ ڪيون، تنهن تي چورن ستي ئي مٽن حملو ڪيو جنهن حملي ۾ پاڻ سخت زخمي ٿي پيا (۽ اهو دردناڪ سانحو ڳڙهي ياسين طرف پيش آيو) چورن کين شديد زخمي ڪرڻ کان پوءِ، جڏهن ان ڳڻڻ کي کولي ڏٺو ته منجهس سواءِ چند ديني ڪتابن جي ڪجهه به ڪو نه هيو، ان کان سواءِ چورن کين سڃاڻي به ورتو ته هي بزرگ سيد ميان محمد بقا شاهه لکياري آهي، تنهن تي پشيمان ٿيا ۽ ڪجهه حاصل به ڪو نه ٿين، پوءِ اهي چور ڪائنڊ معافي وٺڻ لڳا. پاڻ ان وقت

(۱) ملفوظات روضي ڈٹي مترجم جلد ۵، ص ۳۳۱

www.maktabah.org

پنهنجي مالڪ حقيقي جي مرضي تي راضي رهي انهن چورن کي معاف ڪندي فرمايائون ته بابا! توهان جو ڪو به قصور ڪونهي ۽ منهنجي قسمت ۾ شهادت لکيل هئي. هاڻي توهان صرف ايترو ڪيو جو مون کي پنهنجي ڳوٺ ڪڻي هلو ته مان پنهنجي وارثن جي روبرو اوهان کي پنهنجو خون بخش ڪيان. اهڙي طرح اهي چور کين ان هنڌان ڳوٺ ڪڻي آيا. پاڻ پنهنجي صاحبزادن کي گهرائي وصيت ڪيائون ته هنن چورن کي شربت پياريو، جو هنن جي هٿان مون کي شهادت نصيب ٿي آهي ۽ مان پنهنجو خون هنن کي خدا واسطي معاف ٿو ڪيان، توهان مان ڪو به هنن کي ڪجهه به نه چئي ۽ توهان به کين بخش ڪري ڇڏيو.

جيئن ته پاڻ ان خوني حملي ۾ سخت زخمي ٿي پيا هئا. سندن جسم مبارڪ مان سمورو رت وهي چڪو هيو، ان ڪري ٿوري دير زنده رهڻ بعد پنهنجي جان، جان آفرين جي حوالي ڪري ملاءِ اعليٰ جي مقام تي فائز ٿيا. سندن مزار شيخ طيب ضلع خيرپور ۾ آهي. کين زخمي ڪندڙ چور سندن ان فراخدلي کي ڏسي بيحد متاثر ٿيا ۽ آئينده چوري ڪرڻ کان توبهه تائب ٿي هميشه پنهنجي خاندان سميت اتي رهي پيا، جيڪي ان بعد سندن مزار جا مجاور بنجي ويا. سندن وفات جو سال ۱۰ محرم الحرام سن۱۱۹۸ هجري مطابق ۱۷۷۹ عيسوي آهي. سندن وفات جي تاريخ هيٺين شعرن مان نڪري ٿي:

چون محمد بقا شد شهيد، حلاوت زرحمت الهي چشيد
بسي بود نافع بهر خاص وعام، كزو زود طلب خدا شد رسيد
خرد سال تاريخ او درد لم، بگفتا بدرجه شهادت رسيد (۱)

۱۱۹۸ھ

حضرت ميان محمد بقا شاهه شهيد لکياري رحمة الله تعالىٰ عليه جن بابت شيخ عبدالحليم "جوش" لکي ٿو ته لکياري سادات مان سيد علي مکي جي ويهين پيڙهيءَ ۾ هڪ برگزيده بزرگ سيد محمد بقا شاهه نالي وارو پيدا ٿيو، جو پير پاڳاره جي خاندان جو جد امجد هو. سيد محمد بقا شاهه نه صرف پنهنجي وقت جو عارف ۽ عالم هو مگر سنڌي زبان جو بهترين شاعر پڻ هو. (۲) سندن ڪجهه سنڌي شعر، تبرڪ خاطر هت پيش ڪجي ٿو، چو ته الله وارن جو جيڪو قول ۽ فرمان ملي ته ان کي غنيمت سمجهي دل سان هنڌائجي:

(۱) بذل القوة ص ۷۶
(۲) سه ماهي مهراڻ- سالگره نمبر ۵ جنوري سال ۱۹۶۲، ص۷۸

www.maktabah.org

میان صاحب جا مختصر شعر

۱- سچ ڪ ساريان، آءُ ساريان صحي
اديون آريءَ جن جا، پچان روز پهي
ويندي ڪيچ کهي، جيئندیس کين جتن ريءَ

۲- اوڏاجي هئام، تہ نت نيا پيا آئيا
سنگهارا سانگ پئي ونهيا وس ويام
مارو ٿر ٿيام ڏيان ڏوراپا کنهن کي

۳- پير پريان جي پڑ ۾، کير چوئي تون پاءِ
تون ٿو سڪ طلبين، هڪ سچ سور سهاءِ
هو هئنين هٿني کاني، هئي هئي ڪج ۾ هاءِ
پائي مکٹ شيخ ۾، اڳيان پير پچاءِ
عجب جهڙي آهہ، ڪا ڪيون کان قريب جي

۴- جي کهان تہ ڪوڪ نہ نکري، صبر آءُ نہ سهان
اکيون لايون پرکي، ويٺي سور سهان
کنهن کي کين چوان، تہ کنهن پر، اکندي آهيان

۵- سج لهي سانجهي ٿي، پکي پيا وٹين
اڏر هينئڙا پوڻر ٿي، اسهہ پرمٹي
ٿوري ڏينهن ميڙو ٿيندءِ سچٹين (۱)


(۱) تذکره لطيفي جلد اول ص ۶۷۵

www.maktabah.org

صحبتي ۽ هم عصر:

حضرت ميان محمد بقا شاهه لکياري شهيد رحمةَ الله تعاليٰ عليه ان دور جي مشهور معروف ۽ معتبر شخصيتن، بزرگن، ولين سان پنهنجي راهه ورسم رکيو آيا. جو ته الله پاڪ جا ولي ۽ دوست سڻي صحبت کي غنيمت تصور کندي، مخلوق خداونديءَ سان پيار ۽ محبت جو اهڙو ته بج پوکيندا آهن، جو کين خالق جي هر مخلوق ۾ هستي مطلق جو پرتو ۽ جمال ڏسڻ ۾ ايندو آهي. هو هر شيءِ ۾ خالق جو جمال ڏسندا آهن ۽ هر شيءِ کي پنهنجي حقيقي مالڪ جي محبت جو سبب تصور کري ان شيءِ سان پيار ۽ محبت کندا آهن. اهڙيءَ طرح حضرت پير سائين سيد محمد بقا شاهه لکياري رحمةَ الله تعاليٰ عليه ان نظرئي موجب هر عام مخلوق سان پيار محبت ڪرڻ کان سواءِ سنڌ جي عارفن، عالمن، بزرگن سان پنهنجو رسم و رواج برقرار رکندا آيا جن ۾ فقير صاحبڏنو صوفي فاروقي متوفي ۱۱۹۲هـ، مفتي محمد ٻيرائي متوفي ۱۲۷۳هـ، مخدوم احمدي کهڙن وارو متوفي ۱۲۰۳هـ، الحاج فقير الله علوي متوفي ۱۱۹۵هـ مخدوم محمد اسماعيل پريان لوءِ وارو متوفي ۱۱۷۴هـ مخدوم يار محمد ڪوٽڙي ڪبير وارو متوفي ۱۲۱۶هـ شاهه عبدالطيف ڀٽائي متوفي ۱۱۶۵هـ ۽ سلطان الاولياءِ خواجه محمد زمان لنواري وارو متوفي ۱۱۸۸هـ قابل ذڪر آهن.

پاڻ هر نندي خواهه وڏي سان تمام گهڻي نياز ۽ نوڙت سان پيش ايندا هئا. سندن ظاهري شخصيت تمام سادي هوندي هئي ليڪن باطني مقام تمام مٿاهون ۽ اعليٰ هون.



فصل ٽيون:

سوانح حيات حضرت پير سيد محمد راشد روضي ڏڻي رحمة الله تعاليٰ عليه

صدين کان وڌي اڄ تائين راشدي خاندان، سنڌ ۾ پنهنجي منفرد حيثيت سان مشهور آهي. ان خاندان جو وڏو جناب حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏڻي رحمةَ الله تعاليٰ عليه آهي. پاڻ لکياري خاندان جا چشم و چراغ ۽ سني سادات گهراڻي جا فرد آهن. سندن بابرکت نالي سببان، پويان راشدي سڏجن ٿا. سندن ولادت با سعادت ان وقت جي کامل اکمل ولي الله حضرت پير سائين ميان سيد محمد بقا شاهه شهيد رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي گهر ۾ بتاريخ ٦ - رمضان مبارک سن ١١٧١هه مطابق ١٧٥٨ع ۾ ٿي.

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏڻي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي والد صاحب، حضرت ميان محمد بقا شاهه شهيد لکياري، شروع ۾ شادي نه ڪرڻ جو دل ۾ پڪو ارادو ڪري مجرد رهڻ جو فيصلو ڪيو هيو ته اولاد الائي ڪهڙي ٿئي؟ ليڪن سندن مرشد معظم حضرت سيد عبدالقادر آخرين رحمةَ الله تعاليٰ عليه کين شادي ڪرڻ لاءِ زور پريو ته توهان جو خاندان پلي کان پلو پيدا ٿيندو ۽ ڪيترا پيرا کين ائين چوندا رهيا، ۽ پڻ اهو به فرمايائونس ته شادي ڪرڻ کان پوءِ نيڪ صالح اولاد جي دعا طلبيءَ لاءِ حضرت مخدوم محمد اسماعيل پريان لوءِ وارن وٽ ضرور وڃجو ۽ سندن صحبت کي غنيمت سمجهي ساڻن تعلق مضبوط رکجو. حضرت ميان سائين رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي مخدوم صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه سان نياز مندي پراڻي ۽ آڳاڻي دور کان قائم هئي، تنهن ڪري پنهنجي مرشد جي حڪم موجب شادي ڪرڻ کان بعد مخدوم صاحب جن خدمت ۾ دعا طلبي لاءِ حاضر ٿيا. جيئن ته حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحمةَ الله تعاليٰ عليه پنهنجي وقت جو کامل ولي الله هيو، تنهن باطني بصيرت سان معلوم ڪري کين فرمايائون ته اي ميان محمد بقا شاهه صاحب! تنهنجي پٽيءَ مان سچ غوث، قطب پيدا ٿيندا. خصوصًا هڪ اهڙو جوان پيدا ٿيندو جنهن جي فيض مان پوري سنڌ سيراب ٿيندي.

www.maktabah.org

حضرت مخدوم صاحب رحمةَ الله تعالىٰ عليه جن جي زبان فيض ترجمان مان نڪتل الفاظ حرف بحرف صحيح ثابت ٿيا، ۽ حضرت ميان سائين رحمةَ الله تعالىٰ عليه کي خدا پاڪ جي فضل ۽ مهرباني سان چار فرزند تولد ٿيا، جيڪي سيئي پنهنجي وقت جا نامياراِ ولي الله ٿي گذريا آهن، خاص ڪري حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعالىٰ عليه جن تہ پنهنجو مٺ پاڻ هئا. سندن فيض ۽ اثر سنڌ کان سواءِ ڪيچ مڪران، افغانستان ۽ هندستان تائين عام جام ٿيو.

خدا پاڪ کين اهڙي تہ مٽيا عطا فرمائي هئي جو سندن صحبت مان چور، رهزن ۽ فاسق فاجر فيضياب ٿي رشد وهدايت جا مالڪ بنجي ويا. سوين پٽڪيل انسان راهہ هدايت تي هلي پيشوا ۽ اهل دل بنجي خانقاهن جا وارث بنجي ويا، سندن خدمت ۽ صحبت ۾ جيڪو بہ آيو سو رنگجي رنڱو ٿيو. سندن زندگيءَ جي سوانح تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿو ٿئي تہ ڪڏهن بہ اهڙو طالب نہ آيو جيڪو سواءِ مقصد حاصل ڪرڻ جي خالي واپس وريو هجي. بلڪ جيڪو بہ جهڙي مراد ڪٽي آيو تہ جهوليون پري موٽندو هيو، سندن صحبت مان ڪن کي عشق الاهيءَ جو اهڙو تہ حصو مليو جو ڪائنس گهر ٻار سڀ ڪجهہ وسري ويو. ڪن کي محبوب حقيقيءَ جي مشاهدي اهڙو تہ مست بنائي ڇڏيو جو وحدانيت جي سمنڊ ۾ غرق ٿي ويا. ڪي جذب ۽ سڪر ۾ بيخود مست بنجي ويا. ڪن صحبتين شاهي ٽڪ نانگر ترڪ ڪري مرڻ گهڙيءَ تائين فقرفاقي کي اختيار ڪيو. ڪي وري اهڙا هئا جيڪي وٽن اچڻ کان پوءِ واپس ورڻ بدران سندن صحبت مان فيض حاصل ڪندي رباني راهہ اختيار ڪيائون. غرض تہ خدا پاڪ کين اهڙي تہ مقبوليت ۽ شرف بخشيو، جنهن جو ڪاٽو لڳائڻ تمام مشڪل آهي. ۽ ڪر از ڪر تصوف جي ويجهي تاريخ ۾ اهڙا مثال تمام گهٽ ملن ٿا جو مرشد حقيقيءَ جي محبت ۽ اثر ۾ طالبان خدا ايڏي گرم جوشيءَ جو اظهار ڪندي، هر شيءِ کان تعلق ٽوڙي پنهنجو رشتو ذات حقيقيءَ سان جوڙڻ لاءِ اهڙي سرگرداني جو مظاهرو ڪيو هجي. سندن ذات والا صفات بدڪارن، گنهگارن جي لاءِ اڪسير هئي. طالبان حق لاءِ ڪيميا جهڙو اثر رکندي هئي. پوءِ جيڪو بہ وٽن آيو سو واصل باللہ ٿي ويو. ان ڪري ئي مولانا روضي رحمةَ الله تعالىٰ عليه فرمايو آهي تہ ڪامل انسان جي صحبت ۾ هڪڙي گهڙي هزار سال جي بي ريا عبادت کان بهتر ۽ پلي آهي.

صحبت سپرين جي هي پڻ وڏي هاج
قضا ڪج نماز، جو وقت ورائڻ ويجهڙو
(شاهہ)

حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي امت مان اصحاب

www.maktabah.org

ڪرام ڪي ٻه جيڪو شرف ۽ عزت ملي سا سندن صحبت ۾ رهڻ جي ڪري ميسر ٿي. ان ڪري الله وارن، نيڪن، پلارن بزرگن جي صحبت ٻه فاسقن فاجرن، بدڪارن ۽ گنهگار لاءِ ڪيميا کان ڪنهن طرح گهٽ نه هوندي آهي، پوءِ جيڪو ٻه وٽن ارادت يا غير ارادت سان آيو ته ان کي پنهنجي حيثيت مطابق ضرور فيض حاصل ٿيندو هو.

وکر ڏيرئون ڏير، پر وهائيندڙ ويسلا

تنهن ڪري هدايت جي طالبن لاءِ لازمي آهي ته هو الله وارن جي صحبت اختيار ڪري شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت جا موتي ۽ بي بها خزانا حاصل ڪن، ۽ پنهنجي ديني دنياوي زندگي جي ڪاميابي جو ثمر تيار ڪري خدا پاڪ جي خوشنودي حاصل ڪن.

حضرت جن جي ولادت جو احوال:

حضرت پير سائين سيد محمد بقا شاهه شهيد لکياري رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن ٻه شاديون ڪيون. هڪ شادي پنهنجي محترم خاندان مان، بي شادي هڪ نو مسلم خاتون محترمه سان فرمايائون، کين چار فرزند تولد ٿيا، جن ۾ ٽي صاحبزادا سڳورا پنهنجي خانداني حرم محترم مان، ۽ چوٽون صاحبزادو نو مسلم حرم محترمه مان تولد ٿيو. سندن صاحبزادگان جا نالا مبارڪ هن ريت آهن: ۱- حضرت پير سيد عبدالرسول شاهه ۲- حضرت پير سيد محمد راشد روضي ڈٽي ۳- حضرت پير سيد مرتضيٰ علي شاهه ۴- حضرت پير سيد محمد سليم شاهه رحمةَ الله تعاليٰ عليه. سندن صاحبزادو حضرت سيد مرتضيٰ علي شاهه صاحب نو مسلم حرم محترم سان تولد ٿيو ۽ باقي ٽئي صاحبزادا سندن خانداني حرم محترم مان تولد ٿيا (۱)

حضرت پير سائين سيد ميان محمد بقا شاهه شهيد لکياري رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي اها پراڻي عادت هئي جو هر هڪ صاحبزادي جي تولد ٿيڻ ڪان پوءِ دعا طلبي واسطي حضرت مخدوم محمد اسماعيل پريان لوءِ وارن جي خدمت ۾ ڪٽي ويندو هو، ۽ دعا ڪرائي واپس پنهنجي ڳوٺ (رحيم ڈني ڪلهوڑي) موٽندو هو. جڏهن حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن تولد ٿيا ۽ ان وقت پاڻ اجان مس ٻڌڻ ۾ هئا ته کين ڪاري ۾ وجهي متي تي رکي حسب عادت دعا ڪرائڻ جي خيال سان پنهنجي ڳوٺ (رحيم ڈني ڪلهوڑي) ڪان پريان لوءِ ڈانهن ڪٽي گهران نڪتو. هوڏانهن حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحمةَ الله تعاليٰ عليه سيد

(۱) ملفوظات شريف جلد اول ص۹

www.maktabah.org

ميان محمد بقا شاهه صاحب جن سان ملاقات ڪرڻ خاطر پريان لوءِ ڪان ڳوٺ رحيم ڏني ڪلهوڙي طرف روانو ٿيو. اهڙي طرح ٻنهي بزرگن جي ملاقات رستي ۾ (موجوده درگاهه شريف وٽ) ٿي (۱)

حضرت پير سائين سيد ميان محمد بقا شاهه لکياري، مخدوم صاحب جي قدم بوسي ڪري کين ڏانهن اچڻ جو احوال ٻڌايو، ۽ صاحبزادي جي حق ۾ دعا واسطي پڻ عرض ڪيو. تڏهن حضرت مخدوم صاحب عليه الرحمهٔ ان ننڍڙي صاحبزادي (سيد محمد راشد) کي ڏسي فرمايو ته هي اهوئي جوان آهي جنهن جي فيض ڪان سنڌ جو تمام گهٽو حصو فيضياب ٿيندو، ۽ اسان ان ڪري ٿي هن ننڍڙي نيڪ بخت نينگر جي استقبال واسطي اوهان جي طرف اچي رهيا هئاسين، ۽ حضرت مخدوم صاحب ان وقت بار بار اهي لفظ دهرائيندا رهيا ته هي اهوئي جوان آهي جنهن جي فيض ڪان دنيا جو اڪثر حصو فيضياب ٿيندو، ۽ الله پاڪ جا شڪرانا بجا آڻيندي حضرت ميان سيد محمد بقاشاهه سائين کي فرمايائون ته اوهان کي لک مبارڪون هجن جو الله تعالیٰ توهان کي ههڙو نيڪ بخت لخت جگر عطا فرمايو اٿوَ.

ڳالهه ٽا ڪن ته ان وقت حضرت مخدوم صاحب حضرت پير سيد محمد راشد جي آنگر ڪان ونڊي ڏٽي تعالیٰ جي در، انتهائي عاجزي سان دعا گهرندي فرمايو ته اي جهان جا پالڻهار! هن نيڪ روح جي طفيلي امت محمدي تي رحم فرماءِ ۽ اسان جون سڀ خطائون ميٽي نيڪ عمل جي توفيق عطا فرماءِ، جنهن بعد شڪراني جون ٻه رڪعتون نفل ٻه ادا ڪيائون (۲)

حضرت مخدوم صاحب عليه الرحمهٔ صاحب بصيرت بزرگ هيو، جنهن پنهنجي اندر جي اکين سان سيد پير محمد راشد روضي ڏٽي رحمهٔ الله تعالیٰ عليه جن جي نيڪ بختيءَ کي سڃاڻي ورتو هيو، ۽ سندن پيدائش ڪان اڳ ۾ اهڙي خوشخبري سيد محمد بقا شاهه شهيد جن کي ٻڌائي ڇڏي هئائين.

الله پاڪ جي نيڪ صالحن ٻانهن جي پيدائش ڪان اڳ ۾ اهڙيون پيشن گوئيون ڪرڻ،اولياءَ الله ۽ سلف صالحين جي پراڻي رسم رهي آهي، جو قبل از وقت انهن نيڪ سيرت ۽ پاڪ روحن جي آمد جو احوال دنيا وارن کي ٻڌائي عالم آشڪار ڪري ڇڏيائون ته جيئن سندن ظهور پذير ٿيڻ ڪان اڳ ۾ ئي ماڻهو سندن عظمت ۽ بزرگي جا قائل ۽ مجيندڙ هجن، ۽ مقرر وقت اچڻ تي کين سڃاڻڻ ۾ ڪوبه تردد جو واقعو

(۱) روايت حضرت علامه مفتي عبد الرحيم سڪندري صاحب
(۲) روايت حضرت علامه مفتي عبد الرحيم سڪندري صاحب

www.maktabah.org

پيش نہ اچي، ۽ عام انسان سندن فيض کان جلد بهرور ٿي سگهن.

بالائي سرش زهوشمندي
مي تافت ستاره بلندي

اهڙي طرح سندّ جي صوفياڻي تاريخ تي نظر وجهڻ سان اهڙيون ڪيتريون ئي ثابتيون ملن ٿيون، جيڪي حضرت پير سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةُ الله تعاليٰ عليه جن جي پيدائش کان اڳ ۽ ئي، مختلف معتبر بزرگ شخصيتن پيشن گوئيون ڪري ڏاڍيون هيون.

ملفوظات شريف حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةُ الله تعاليٰ عليه جن ۾ مذڪور آهي تہ محمد نظاماڻي جيڪو حضرت مخدوم محمد زمان لنواري واري جي مريدن مان هو، تنهن خليفي محمود نظاماڻي رحمةُ الله تعاليٰ عليه جن سان ڳالهه ڪئي تہ منهنجي پيءُ ٻاجهيءَ چيو تہ هيڪر مون خواب ۾ ڏٺو تہ هڪڙو سادات اتر طرف کان پيدا ٿيو آهي، جيڪو مخلوق کي ارشاد پيو ڪري ۽ سارو جهان ان جي فيض کان بهرياب فيضمند پيو ٿئي، تڏهن اجان اهو هدايت جو سج (يعني حضرت روضي ڈٹي قدس سره) ڪونہ اپريو هو، ٻاجهي فقير پنهنجو متيون خواب سڀني پٽن ۽ مٽن کي ٻڌائي سمجهايائين تہ جڏهن اهو معرفت ۽ حقيقت جو سج اپري تہ اوهين سڀ ذرڙن وانگر ان جي نوراني شعاع مان بهرياب ٿجو، ۽ آءٌ جيڪڏهن هن فاني جهان مان رحلت ڪري وڃان تہ هزارين سلام هن نا تمام طرفان انهي محي الدين والاسلام جي حضور ۾ پهچائجو(١)

ساڳي طرح مير عبدالحسين خان سانگي جيڪو حضرت شاهه عبداللطيف جي ارادتمندن مان هو، تنهن لطائف لطيفي ۾ لکيو آهي تہ "هڪ دفعو شاه صاحب رحمةُ الله تعاليٰ عليه جن فقيرن جي جماعت سان اتر طرف کان پي آيو. اتي هڪ سيد (حضرت پير سائين سيد محمد بقا شاهه صاحب) ڊور پي چاريا، تنهن اولياءَ صاحب جا گهٽا لطيفي فقير ڏسي مرکيو ۽ چوڻ لڳو تہ اي سيد (عبداللطيف) خلق کي ڇا لاءِ دنياوي ڪمن ڪارن کان سيڙايو اٿئي، ۽ پنهنجي خدمت لاءِ مفت ونيو ٿو وتين. حضرت اولياءَ صاحب (شاهه عبداللطيف) جواب ۾ فرمايو: تنهنجو اولاد تہ مون کان بہ وڌيڪ خلق کي پنهنجي پويان وٺي هلندا، ان سيد جي اولاد مان راشدي پير ٿيا جيڪي روهڙي وارا پير سڏجن ٿا (٢)

حضرت شاه عبداللطيف جي متين بيان مان مراد حضرت پير

(١) ملفوضات روضي ڈٹي- مترجم جلد٢، ص٩٠
(٢) لطائف لطيفي مترجم سندي - ص٤٨)

www.maktabah.org

سائين روضي ڈٹي قدس سره ۽ سندن اولاد آهن، جنهن جي پيدائش کان اڳ ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله تعالىٰ عليه جن پيشنگوئي فرمائي هئي ۽ سندن اها پيشنگوئي سچ ثابت ٿي.

حضرت پير سائين روضي وارن جي فيض ۽ ڪمال سببان وٽن هزارن جي تعداد ۾ مخلوق جا ميڙ هوندا هئا. پاڻ جيڏانهن به تشريف فرمائيندا هئا ته سندن پويان ماڻهن جا انبوهه هوندا هئا، جيڪي گهر، ٻار، مال، متاع ڇڏي سندن صحبت مان فيضياب ٿيڻ، ۽ ديدار کان مشرف ٿيڻ جي نيت سان ساڻن سفر حضر ۾ گڏ هلندا وتندا هئا.

خليفي محمود رحمة الله تعالىٰ عليه سراج العاشقين ۾ فرمايو آهي ته ميان عبدالله ولد ميان پير محمد ڳالهه ڪندو هيو ته اسان جا وڏا جيڪي اهل علم هئا ۽ حضرت شاهه عبداللطيف رحمة الله تعالىٰ عليه جن جا مريد هئا (انهن مان ميان صلاح الدين جيڪو مثنوي خوان جي لقب سان مشهور هيو ۽ اهو شاهه صاحب جي سامهون مثنوي پرهندو هيو) ميان عبدالله چيو ته منهنجي والد کان ڪنهن شخص پڇيو ته سائين هيءَ ڪافي، جنهن ۾ اتر پار کان لفظ آيل آهن، جو اهو مينهن روضي پاڪ رسول تي وسي ٿو. جڏهن ته پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن جو روضو مبارڪ هن ملڪ کان الهندي طرف آهي. پوءِ ان ڪافيءَ جو مطلب ۽ مراد ڇا آهي؟ تنهن تي ميان پير محمد رحمة الله تعالىٰ عليه چيو ته شاهه سائين جن جو اهو اشارو پير سائين روضي ڈٹي رحمة الله تعالىٰ عليه ڏانهن آهي، جنهن جو فيض وڏڦڙي مينهن وانگر وسيو پي، ۽ ڪيترا مشرڪ ان جي هٿ تي اسلام کان مشرف ٿيا هئا، ۽ سندن فيض ۽ علم احسان تائين سندن اولاد ۽ خليفن وسيلي هليو اچي(۱)

حضرت روضي ڈٹي رحمة الله تعالىٰ عليه جي پيدائش کان اڳ ۾ ئي اولياءَ الله تعالىٰ سندن آمد بابت جيڪي پيشين گوين ڪيون هيون سي سچ ثابت ٿيون ۽ خدا پاڪ کين اهڙو ته مقام ۽ مرتبو بخشيو جنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي.

تعليم و تربيت:

حضرت پير سائين سيد محمد بقا شاهه شهيد جيئن ته خود اهل علم هيو، ۽ کين علم سان حد درجي جي محبت هوندي هئي، ان ڪري پنهنجي صاحبزادگان جي تعليم و تربيت جو کين سخت اونو هوندو هئن ته جيئن سندن سيئي

(۱) سراج العاشقين مترجم سنڌي قلمي ص۱۶۲

www.maktabah.org

صاحبزادا تعليم جي زيور سان سينگارجي سگهن.

حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي ابتدائي تعليم و تربيت پنهنجي والد ماجد کان سواءِ جناب حافظ محمد اڪرم صاحب جن کان حاصل ڪئي، جيڪو بزرگ گهمرو قوم جو هيو ۽ تمام وڏو عالم با عمل خدا وارو صاحب دل انسان هيو، جنهن پنهنجي نياڻي جو سنگ حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي نڪاح ۾ ڏنو هو (۱) ان کان پوءِ حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي تعليم و تربيت حضرت حافظ زين الدين مهيسر رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي نظر هيٺ ٿي. جيڪو ميان سائين عليه الرحمةَ جو خاص مريد ۽ پڻ فيض جو صاحب هيو. حضرت حافظ صاحب جن جي تعليم ۽ شفقت مٿن تمام گهڻو اثر ڪيو. سندن ملفوظات شريف ۾ بيان آهي ته پاڻ فرمايو اٿن ته مون ۾ ترڪ جي عادت پهريائين منهنجي استاد حافظ صاحب (زين الدين) ويهاري (۲)

حضرت حافظ صاحب عليه الرحمةَ تارک الدنيا ۽ صاحب ڪمال بزرگ هيو، پاڻ فقر فاقي کي پسندڪيائون. "اَلْفَقْرُ فَخْرِيْ" تي ڪين استقامت هئي. سندن ترڪ واري عادت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن تي اهڙو ته اثر ڪيو جو ان کان پوءِ به سندن خاندان ۾ اها ورڇ هلندي آئي.

ان کان سواءِ حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جو نندپڻ دوران بقاپور ضلع لاڑڪاڻي ۾ مخدوم طيب پنهور وٽ پڙهڻ معلوم ٿيو آهي (۳)

سندن والد ماجد حضرت پيرسائين سيد محمد بقا شاهه شهيد رحمةَ الله تعاليٰ عليه پنهنجي صاحبزادگان کي شرعي علمن جي تحصيل لاءِ وقت جي مختلف جيد علماءِ ڪرام وٽ مختلف درگاهن ۾ داخل فرمائيندا رهيا. سندن سيئي اساتذه ڪرام فضيلت جي لحاظ کان پنهنجو مٽ پاڻ هئا. حضرت حافظ زين الدين رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن بابت ملفوظات شريف ۾ مذڪور آهي ته" هڪ دفعو سفر دوران ڪلام الله پاڪ جي هڪ آيت جا فائدا بيان ٿي رهيا هئا، تڏهن حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن پنهنجي استاد (حضرت حافظ صاحب عليه الرحمةَ) کان ان آيت بابت پڇا ڪئي ته اها آيت ڪهڙي سورت شريف ۾ مذڪور آهي؟ تڏهن حافظ عليه الرحمةَ کين ڪجهه به جواب نه ڏنو ۽ ماٺ ۾ رهيا.

(۱) ملفوضات روضي ڈٹي- مترجم جلد۴، ص۵۹.
(۲) ملفوضات روضي ڈٹي- مترجم جلد۴، ص۵۶.
(۳) ملفوضات مترجم جلد۶، ص۶۸.

www.maktabah.org

حضرت جن فرمايو تہ اسان کي پنهنجي استاد محترم کان جواب نہ ملڻ سبب دل تي بار ٿي پيو تہ شايد ڪا استاد صاحب جي بي ادبي يا گستاخي ٿي آهي. جو اسان کي ان آيت بابت جواب نہ ڏنائون. آخرڪار سفر جاري رهيو ۽ جڏهن ٻئي ڳوٺ ۾ پهتاسون، تڏهن حضرت حافظ صاحب عليه الرحمہ وضو ڪري اسان کي سڏي ان آيت بابت ٻڌايو تہ بابا! فلاڻي سورت شريف ۾ اها آيت ڪريمہ آهي، ۽ شروع ۾ سورت جي نالي نہ ٻڌائڻ جو سبب بيان ڪندي فرمايائون تہ بابا! اسان کي ان وقت وضو ڪين هيو، تنهن ڪري توهان کي ان سورت جو نالو ڪونہ ٻڌايوسون ۽ هن وقت وضو ڪيو اٿئون ۽ اها آيت فلاڻي سورت ۾ مذڪور آهي (۱)

ان کان سواءِ حضرت حافظ زين الدين رحمہ الله تعاليٰ عليه جن جي ڪمال ادب ۽ تعظيم جو پتو هڪ ٻئي نقل مان پئي ٿو تہ، هڪ دفعو حضرت حافظ صاحب عليه الرحمہ حضرت ميان سيد محمد بقا شاهہ شهيد رحمہ الله تعاليٰ عليه جن جي خدمت ۾ ملاقات واسطي تشريف فرما ٿيا، ۽ رات جو نماز پڙهڻ ۽ ماني ڪائڻ کان پوءِ مسجد شريف ۾ سمهي رهيا، تڏهن حضرت ميان سائين جن پنهنجي صاحبزادن يعني حضرت سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمہ الله تعاليٰ عليه ۽ ميان سيد مرتضيٰ علي شاهہ صاحب عليه الرحمہ جن کي حڪم فرمايو تہ توهان ٻئي ڄڻا حافظ صاحب عليه الرحمہ جي خدمت ۾ رهو، متان رات جو حافظ صاحب کي اڪيلائي جو احساس ٿئي. تنهن تي سندن ان حڪم موجب ٻئي صاحبزادا حافظ عليه الرحمہ جي خدمت ۾ رهي پيا، جيئن تہ صاحبزادا ننڊڙا هئا. ان ڪري متن ننڊ غلبو ڪيو ۽ ٻئي ڄڻا، هڪڙو سجي پاسي ڪان ۽ ٻيو ڪاهي پاسي ڪان سمهي رهيا. حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمہ الله تعاليٰ عليه جن ملفوظات ۾ بيان فرمايو آهي تہ ان رات مون کي ننڊ مان ڪنهن مهل سجاڳي ٿي ٿئي تہ مون ڏنو پئي تہ انهيءَ رات حضرت حافظ صاحب عليه الرحمہ ساري رات ننڊ نہ ڪئي ۽ اسان ٻنهي پائرن جي وچ ۾ ويٺا رهيا ۽ ادب ڪري نہ سمهيا تہ متان مرشد جي اولاد ڏي پٺي ٿئي (۲)

اهوئي سبب هيو جو حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمہ الله تعاليٰ عليه جن اهڙي نيڪ صالح ۽ ڪمال ادب واري استاد وٽ ابتدائي تربيت حاصل ڪري، پنهنجي ادب ۽ فضل ۾ اهڙي تہ پختگي پيدا ڪئي، جو هڪ دفعو ڪين سندن فرزند حضرت پير سائين سيد صبغت الله شاهہ مسند ڈٹي رحمہ الله تعاليٰ عليه جن جتي مبارڪ چندي پيرن اڳيان آڻي رکي تہ پاڻ ڪيس فرمايائون تہ اي بابا! تون اسان جي

(۱) ملفوظات مترجم - جلد ۲ ص۲۴
(۲) ملفوظات مترجم جلد ۲ ص۲۵

www.maktabah.org

جتي نہ ٿاھہ، تنھن تي سندن فرزند حضرت مسند ڏٽي کين عرض کيو تہ قبلا ! اوھان منھنجا والد مکرم ۽ مرشد معظم آھيو. انھن ۾نھين نسبتن سبب تہ مون تي اوھان جو وڏو حق آھي جو مان اوھان جي جتيءَ کي کٽي اوھان آڏو رکان. تنھن تي پاڻ فرمايائون تہ اھو سچ آھي، پر اسان کي بہ ادب ڪرڻو آھي جو اوھان حضرت جن جي اولاد مان آھيو ۽ ھو اسان جا والد ۽ مرشد معظم آھن (١)

سبحان اللہ! سندن ڪمال ادب ھيو، جو پنھنجي اولاد کي بہ رڳو مرشد جي نسبت سبب ممتاز ٿي سمجھيائون. اھو ئي سبب ھيو جو حضرت جن پنھنجي مريدن ۽ جماعت ۾ ان جو اھڙو تہ روح بيدا ڪيو جو صدين گذرڻ بعد بہ سندن سلسلي جي مريدن ۽ جماعت ۾ اھوئي ادب ھلندو اچي، ۽ ان جي رونق منجھن اڄ بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

صوفياءِ ڪرام ۽ اولياءِ عظام فيض حاصل ڪرڻ جو ذريعو ادب کي ڄاڻايو آھي، جنھن ماڻھو ۾ ادب نہ ھوندو ان کي فيض حاصل ٿيڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي، ڇو تہ بي ادب ماڻھو پاڻ تہ فيض ۽ ھدايت کان محروم رھندو پر پاڻ سان گڏ ٻين کي بہ ان ۾ڇڑي عادت سببان محروم ٻڌائيندو آھي.

از خدا خواھيم توفيق ادب
بي ادب محروم ماند از فضل رب

ان ڪري اللہ جي ولين ادب کي ئي فيض حاصل ڪرڻ جو وسيلو سمجھي، ان تي سختيءَ سان عمل ڪيو. حضرت پيرسائين روضي ڏٽي رحمۃ اللہ تعالیٰ عليه جن جي تربيت بہ ان طريقي سان ٿي ھئي، جنھن مٿن خوب اثر ڪيو. پاڻ ملفوظات شريف ۾ فرمايو اٿن تہ" اسان ڇگيءَ طرح سمجھون ٿا تہ اللہ تعالیٰ جيڪا اسان تي مھرباني ڪئي آھي، ساڻنھنجي مربيءَ جي اعتقاد سبب حاصل ٿي آھي (٢)

حضرت جن جي سوانح حيات جي مطالعي مان بخوبي معلوم ٿئي ٿو تہ سندن شروعاتي اساتذہ ڪرام جي تعليم ۽ تربيت وارو اثر حياتيءَ جي پچاڙي تائين مٿن غالب رھيو، ۽ پاڻ درويشن، عالمن جو ادب ۽ خدمت دل وجان سان ڪندي آخر عرفان جي ان منزل تي پھتا جتي ڪو ورلي پھتو ھوندو.

ملفوظات شريف جي ديباچي ۾ مذڪور آھي پاڻ فرمايو اٿن تہ"شروعاتي زماني ۾ لکياري سادات جي خاندان مان ھڪ سيد مجذوب اسان وٽ رھندو ھيو، ۽ مان ان مجذوب سيد جي دل وجان سان خدمت ڪندو ھئس. ھڪ ڏينھن ان مجذوب سيد جي سامھون ويٺو ھئس تہ محبت ۽ شوق الاھي سببان منھنجي اکين مان ڳوڙھا وھڻ

(١) ملفوظات شريف حصو ٻيو ص ٤٥
(٢) ملفوظات مترجم جلد ٤ - ص ١١

www.maktabah.org

شروع ٹي ويا. تنهن تي ان مجذوب سيد منهنجي حالت تي رحم کائيندي فرمايو تہ پي پي درياءُ ٹي، پاڻ فرمائين ٹا تڏهن بہ مون کان روئڻ جهليو نہ ٹيو ۽ بيقراريءَ سببان وڌيڪ روئڻ لڳس تڏهن ان مجذوب سيد فرمايو تہ پي پي سموند ٹي اچئي بکئي کي پيارج (١)

پوءِ ڏسڻ وارن ڏنو تہ حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي باري ۾ ان مجذوب سيد جو فرمودو کڙي طرح نہ سچو ثابت ٹيو، ۽ خدا تعاليٰ کين هدايت ۽ فيض جو اهڙو تہ سموند بنائي ڇڏيو هيو جنهن مان کيترائي چشما ڦٽي نڪتا، جن دنيا جي اڪثر حصي کي پنهنجي عرفان سان سيراب کيو.

تحصيلِ علم:

جيئن اڳ ۾ ئي بيان ٹي چڪو آهي تہ پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي ابتدائي تعليم وتربيت سندن والد ماجد ميان سيد محمد بقا شاهہ لکياري کان علاوه حضرت حافظ زين الدين مهيسر، ۽ حافظ محمد اڪرم رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي زير اثر ٹي، جنهن کان پوءِ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ کين ۽ سندن ننڍي ياءُ سيد مرتضي علي شاهہ کي شڪارپور جي مشهور بزرگ عالمہ حاجي فقير الله علوي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي درسگاهہ ۾ داخل کيو ويو. حاجي فقير الله علوي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي درسگاهہ ان وقت اتر سنڌ ۾ عروج تي پهتل هئي. حاجي صاحب عليه الرحمةَ وقت جو ڪامل اڪمل ولي الله ۽ ظاهري علمن ۾ پنهنجو مٹ پاڻ هو. حاجي صاحب سنڌ جي نامياري فقيہ ۽ محدث، حضرت مخدوم هاشم ٹٹوي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جو شاگرد هيو، ان کان سواءِ حرمين شريفين جي زيارت دوران مخدوم صاحب جن جي استاد، شيخ عبد القادر مڪي کان پڻ حديث پاڪ جي سند جي اجازت ورتي هئائين (٢)

حاجي صاحب عليه الرحمةَ جي درسگاهہ ۾ جڏهن ظاهري علوم جي تحصيل واسطي پهريان ڈينهن شڪارپور ۾ رهندا هئا، تہ ان دوران سندن والد مڪرم جناب پير سائين سيد محمد بقا شاهہ شهيد، هڪ دفعو ساڻن ملاقات ڪرڻ ۽ ڪائن خير و عافيت دريافت ڪرڻ جي بهاني شڪارپور تشريف وني ويا، پاڻ اتي ڈنائون تہ سيد زادي هجڻ ڪري سندن تمام گهڻي عزت ڪئي ٹي ويئي، ۽ هر طرح جو خاص خيال ۽ اهتمام

(١) ملفوظات شريف - مترجم جلد اول ص١٤

(٢) الرحيم مشاهير نمبر ص٢٣ سال١٩٦٦

www.maktabah.org

ٽيل هو. تڏهن پاڻ پنهنجي صاحبزادن کي فرمايائون ته بابا! جتي هوڙ پلاءُ هوندا، اتي تحصيل علم مشڪل آهي، ائين چئي کين شڪارپور کان ونئي آيا ۽ ڪوٽڙي ڪبير ۾ مخدوم يار محمد رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي مدرسي ۾ داخل فرمايائون. اهڙي طرح حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن پنهنجي پاءُ ميان سيد مرتضيٰ علي شاهه عليه الرحمةَ سان گڏجي ڪوٽڙي ڪبير ۾ حضرت مخدوم يار محمد رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي درسگاهه ۾ داخل ٽيا ۽ پنهنجو سمورو توجهه تعليم طرف جاري رکيائون. ليڪن مسلسل سفر جي تڪليف سبب سندن دل تي گراني محسوس ٽيڻ لڳي. جنهن جو بيان پاڻ ملفوظات شريف ۾ هن طرح ڪيو اٿن ته "اسان تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سفر جي تڪليف سهي جنهن وقت ڪوٽڙي ڪبير ۾ مخدوم يار محمد رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي مدرسي ۾ داخل ٽياسين ته سفر جي تڪليف ۽ سختيءَ ڪري دل تي ڏاڍي پريشاني ٽي پئي، پوءِ هڪ رات، هڪ پير تي بيهي پنج هزار دفعا درود شريف حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي روح مبارڪ کي بخشي انتهائي عاجزي ۽ زاريءَ سان مدد جي طلب جي واسطي دعا گهري سين ته (جيئن) سفر جي ڏکيائي ۽ پريشاني دل تان دور ٿئي،۽ علم حاصل ٽيڻ ۾ آساني ۽ سولائي ميسر ٿئي." پاڻ فرمائين ٿا ته "ان صلوات سڳوري جي پڙهڻ ۽ دعا گهرڻ کان پوءِ اهڙي ته اندر جي صفائي نصيب ٽي جو اڻ پڙهيو به پڙهيل جهڙو ٽي پيو." (١)

ڪوٽڙي ڪبير ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران ظاهري علمن سان گڏوگڏ اندر کي اجارڻ واسطي عبادت ۽ رياضت ۾ پڻ مشغول رهندا هئا. ننڍي هوندي کان ئي ان طرح عبادت ۽ رياضت جي مشغوليءَ سبب سندن استاد محترم مخدوم يار محمد رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن به کائن تمام گهڻو راضي هوندو هو.

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ دفعو جڏهن ڪوٽڙي ڪبير ۾ مخدوم صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي درسگاهه ۾ نمر جي هيٺيان سبقن پڙهڻ ۾ مشغول هيا ته ڪانوڻ جي زور زور سان شور ڪرڻ ڪري طالبن جي پڙهائي ۾ رندڪ پوڻ لڳي. تنهن تي حضرت مخدوم صاحب عليه الرحمةَ، حضرت پير سائين سيد محمد راشد سائين جن کي فرمايو ته بابا! تون نمر تي چڙهي آکيرو پٽي هيٺ اڇلاءِ ته جيئن ڪانو اتان کان پي هنڌ هليا وڃن. تڏهن حضرت جن پنهنجي استاد صاحب جي فرمان موجب ان نمر جي وڻ تي چڙهيا ته ڪانوڻ متن حملو ڪيو جو سندن سڄو جسم رتورت ٽي ويو. اهو سمورو لقاءُ حضرت مخدوم صاحب عليه الرحمةَ جي سامهون ٽيو. جڏهن حضرت جن نمر جي وڻ

(١) ملفوظات مترجم جلد ١ ص٢٠

www.maktabah.org

كان هيٺ لڳا تہ سندن كامل ۽ مشفق مهربان استاد حضرت مخدوم صاحب جن انتهائي شفقت ۽ پيار سان حضرت جن جي مٿي مبارك تي دست دعا ڦيرائيندي فرمائين تہ اي محمد راشد! اهو وقت پري نہ آهي جو خدا پاڪ توكي پنهنجي وقت جو وڏو جيد عالم ۽ كامل صفتن جو بزرگ بنائيندو ۽ ماڻهن جو تو وٽ ميڙ هوندو. (١)

حضرت مخدوم صاحب عليه الرحمة صاحب دل انسان هيو، جنهن پير سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمة الله تعاليٰ عليه جن جي اعليٰ بخت ۽ بزرگي جي نشاني كي چگي ريت پروڙي پنهنجي آخري حياتيءَ تائين ساٿن تعلق ركندو آيو، ۽ حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمة الله تعاليٰ عليه جن بہ كين حد درجي كان وڌيڪ تعظيم ۽ تكريم سان پيش ايندا هئا.

پاڻ مسند نشين ٿيڻ كان پوءِ جڏهن مسجد شريف جو سنگ بنياد ٽي ركيائون، تہ كين دعا واسطي دعوت ڏئي پنهنجي درگاهہ تي وٺي آيا هئا. حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمة الله تعاليٰ عليه جن كوٽڙي كبير ۾ مخدوم صاحب عليه الرحمة وٽ تعليم پوري كرڻ كان پوءِ، آخري فراغت ۽ دوره حديث پڙهڻ لاءِ گوٺ خير محمد آريجا تعلقو ڏوكري ضلع لاڙكاڻي ۾ حضرت مولانا مخدوم محمد آريجوي رحمة الله تعاليٰ عليه (جيكو ان وقت استاد الكل جي لقب سان مشهور هيو) جي درسگاهہ ۾ داخل ٿيا ۽ اتي سڀني علمن جي تكميل حاصل كيائون (٢)

سيد محمد عاقل شاهہ هالاڻي وارو بہ سندن هم درس هيو ليكن حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمة الله تعاليٰ عليه جن كائنس اڳ ۾ دستار فضيلت حاصل كري مدرسي كان روانا ٿي چكا هئا، ۽ سيد محمد عاقل شاهہ هك سال كان پوءِ دستاربندي كئي (٣)

اهڙيءَ طرح سندن علمي سند مولانا عبدالحكيم سيالكوٽي تائين پهچي ٽي، جيكا هن طرح هئي: حضرت جن، مخدوم محمد آريجوي جن وٽ پڙهيا. اهي علامه قل احمد وٽ، ۽ علامه قل احمد، مولانا ابوالحسن شهيد وٽ پڙهيا، ۽ اهو مولانا عبدالله لبيب وٽ پڙهيو، ۽ مولانا عبدالله لبيب علامه مولانا عبدالحكيم سيالكوٽيءَ وٽ پڙهيو، ۽ ان ريت سندس علمي سند علامه مصنف مطول تائين پهچي ٽي (٤)

(١) مٿين روايت مخدوم غوث محمد گوهر كان بتاريخ ٨٨-٦-١٩ انٽرويو دوران معلوم ٿي.

(٢) الرحيم مشاهير نمبر ص٢٣ سال ١٩٦٤

(٣) تذكره پيران پاڳاره اردو ص٩٧

(٤) الرحيم مشاهير نمبر ص٢٣ سال ١٩٦٤

www.maktabah.org

راه طريقت ۾ قدم:

حضرت پير سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن ملفوظات شريف ۾ پنهنجي سلسلۂ بيعت جي متعلق فرمايو آهي ته جڏهن مان ۽ منهنجو پاءُ ميان مرتضيٰ علي شاهه کوٽڙي کبير ۾ مخدوم يار محمد رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي درسگاهه ۾ درس تدريس ۾ مشغول هياسين، تڏهن هڪ ڏينهن قبلہ والد صاحب (حضرت پير محمد ميان بقا شاهه) اتي مدرسي ۾ اسان وٽ خير و عافيت معلوم ڪرڻ لاءِ آيا. قدم بوسي کان پوءِ گفتگو دوران اسان کي فرمايائون ته بابا! توهان کي خبر آهي ته اڄ اسان جو هت اوهان وٽ اچڻ جو کهڙو ارادو ۽ مقصد آهي؟ تڏهن اسان کين عرض ڪيو ته قبلا! اسان کي خبر ناهي ته اوهان الائي کهڙي سلسلي ۽ مقصد سان هتي تشريف فرما ٿيا آهيو. پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته مان مخدوم ميان عبدالرحمٰن رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن سان (جيڪو حضرت مخدوم محمد اسماعيل پريان لوءِ وارن جو خاص مريد هيو) ملاقات ڪرڻ لاءِ ويو هئس، پوءِ اتي گفتگو دوران مون کان مخدوم عبدالرحمٰن رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن پڇيو ته توهان پنهنجن صاحبزادن کي طريقت ۾ داخل ڪيو آهي يا نه؟ مون کيس جواب ڏنو ته هو اڃان ننڍا آهن ۽ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. ان کان سواءِ صاحبزادن جو به ان طرف لاڙو ڪو نه آهي. ان طرح کين هن وقت تائين طريقت ۾ داخل ڪونہ ڪيو اٿئون. تڏهن مخدوم عبدالرحمٰن رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن فرمايو ته توڻي جو ننڍا صاحبزادا زير تعليم آهن ۽ سندن خيال طريقت طرف ناهي، ته به توهان هروپرو پنهنجي صاحبزادن کي طريقت ۾ داخل ڪري ڇڏيو ۽ انهن جو توجهہ ان (طريقت) طرف ڪرايو. انهيءَ سبب ۽ مخدوم صاحب جي مشوري موجب توهان ٻنهي پائرن کي سلوڪ جي واٽ تي طريقت ۾ داخل ڪرڻ لاءِ هت آيو آهيان. پوءِ اسان جي والد محترم ٻنهي پائرن کي نقشبندي طريقي ۾ داخل فرمائي ڇڏيو، ۽ اسان کي ضروري شغل اشغال ۾ ذڪر فڪر جي مشغولين جو درس ڏيئي پاڻ واپس هليا ويا. پوءِ اسان ظاهري علم جي درس تدريس سان گڏوگڏ باطني فيض حاصل ڪرڻ خاطر ذڪر فڪر جي شغل سان مشغول رهندا هئاسين. ڪجهہ ڏينهن ذڪر ۾ مشغول رهڻ ڪري منهنجي پاءُ ميان مرتضيٰ علي شاهه صاحب جن کي نقشبندي طريقت ۾ مشغول رهڻ سبب، باطني طرح ڪافي اثر ٿيو. ليڪن مون تي ڪابہ روحاني ۽ باطني ڪيفيت نمودار ڪانہ ٿي ان جي باوجود پنهنجي والد محترم ۽ مرشد مڪرم جي ڏسيل طريقي موجب نقشبندي سلسلي ۾ ڪوشش ڪندو رهيس، ليڪن مون کي ڪابہ ڪيفيت محسوس ڪانہ ٿي، اهڙيءَ طرح ٻيو دفعو جڏهن اسان جا والد محترم اسان جي خبر چار لهڻ، ۽ ڏسيل سبق جي ڪيفيت معلوم ڪرڻ،

www.maktabah.org

۽ اڳئين منزل جي درس ڏيڻ خاطر دوباره تشريف فرما ٿيا، تڏهن اسان ٻنهي ڄڻن کان نقشبندي طريقي ۾ مشغول رهڻ جي کيفيت معلوم کيائون. پوءِ منهنجو پاءُ ميان مرتضيٰ علي شاهه صاحب کين پنهنجي مٿان وارد ٿيندڙ کيفيات ۽ ذوق شوق کان آگاهه کيو. ليڪن مون کين عرض کيو ته قبلا! منهنجي مٿان کوبه اهڙو ذوق شوق ۽ روحاني اثر يا کيفيت ظاهر نه ٿي آهي. تڏهن پاڻ فرمايائون ته بابا! تنهنجو حصو قادري طريقي ۾ آهي، ۽ مون کي قادري سلسلي ۾ بيعت کيائون ۽ ذکر بالجهر (ڏاڍيان ذکر کرڻ) ۾ مشغول رهڻ جو حڪم فرمايائون، ۽ مان سندن ڏسيل طريقي موجب ڏاڍيان ذکر ۾ مشغول رهيس، ۽ الله پاڪ جي مون تي ايتري ته مهرباني ٿي جو ٿوري وقت ۾ مٿي کان وڃي پيرن تائين پوري جسم جي وارن مان الله پاڪ جو ذکر جاري ٿي پيو." (١)

حضرت جن جي ان فرمودي مان ظاهر ٿيو ته پاڻ پنهنجي والد ماجد حضرت پير سيد محمد بقا شاهه شهيد جي هٿ تي نقشبندي طريقي کان سواءِ قادري طريقي ۾ پڻ بيعت ٿيا، ۽ کين نقشبندي طريقي ۾ مشغول رهڻ جي کابه کيفيت يا حالت معلوم ٿيڻ نه لڳي، جنهن ڪري کين سندن والد ماجد حضرت ميان سائين عليه الرحمهٔ روحاني ۽ باطني ترقي خاطر قادري سلسلي ۾ بيعت فرمايو، ۽ پاڻ نقشبندي سلسلي سان گڏ، قادري طريقي ۾ بيعت حاصل ڪري مجمع البحرين بنجي ويا.

ان کان سواءِ سندن ملفوظات شريف ۾ ٻئي هنڌ مذڪور آهي ته حضرت ميان سيد محمد بقا شاهه شهيد رحمهٔ الله تعاليٰ عليه جن حضرت سيد عبدالقادر آخرين چناهه وارن جي خدمت ۾ فيض حاصل ڪري رهيا هئا، تڏهن هڪ ڏينهن مٿن خاص شفقت ۽ مهرباني فرمائيندي کين ارشاد فرمايائون ته بابا! اسان جي جد امجد غوث الثقلين، محبوب سبحاني، حضرت سيدنا عبدالقادر جيلاني جي قول موجب (قدمي هذا علىٰ رقبهٔ کل ولي الله) اسان جي خاندان ۾ هي عادت آهي جو پنهنجي ڪنهن خاص منظور نظر مريد تي مخصوص توجهه ۽ شفقت فرمائيندا آهن، ۽ اهو قدم مبارڪ پشت بپشت اسان تي به آيل آهي ۽ اها سنت ۽ متابعت اسان اڄ تائين ادا کانه ڪئي آهي (يعني ڪنهن به مريد تي قدم مبارڪ ڪونه رکيو اٿئون) اڄ دل گهري ٿي ته اهو عمل ادا ڪندي اوهان جي گردن تي اهو قدم رکون. اهڙي طرح حضرت پير سائينءَ سيد محمد بقا شاهه شهيد رحمهٔ الله تعاليٰ عليه جن جي گردن مبارڪ تي قدم رکي پنهنجي خانداني سنت سان مشرف فرمايائون (٢)

(١) ملفوظات مترجم جلد ٣ ص٢٣

(٢) ملفوظات شريف ص١٥٦ جلد٤

www.maktabah.org

پوءِ جڏهن حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن ڪوٽڙي ڪبير ۾ پنهنجي پاءُ ميان سيد مرتضيٰ علي شاهه صاحب جن سان گڏ، مخدوم يار محمد رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي درسگاهه ۾ ظاهري علمن جي تحصيل ۾ مشغول هئا، تڏهن هڪ دفعو ميان سيد محمد بقا شاهه شهيد رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن وٽن آيا، ۽ حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن کي اڪيلائيءَ ۾ ويهاري اها متئين حقيقت فرمايائون ته بابا! سيني پٽن کان وڌيڪ منهنجي دل جو لاڙو توهان ڈانهن آهي. ان ڪري پنهنجي مرشد جي پيروي ۽ متابعت موجب، پنهنجو قدم تنهنجي گردن تي رکون ٿا. پوءِ قدم مبارڪ (حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي ڪنڌ مبارڪ تي) رکي پنهنجي مرشد جي سنت ۽ طريقي کي ادا ڪيائون(١)

شروع کان وٺي ننڍڙائپ ۾ ئي جهڙي طرح حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن ظاهري علوم جي تحصيل واسطي ڪوشش فرمائيندا رهيا، اهڙي ريت باطني فيض حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي دل جي آئيني کي صفائي بخشڻ خاطر ڈينهن رات سلوڪ جي رستي ۾ مجاهدانه طريقي سان ڪمربسته رهيا خدا پاڪ به کين اهڙو ته مرتبو ۽ شان عطا فرمايو جو تمام ٿوري عرصي ۾ سندن فيض ۽ اثر سج وانگر سموري سنڌ تي چمڪڻ لڳو. سندن عقيدتمندن ۽ مريدن جو حلقو سنڌ کان ٻاهر ڪيچ مڪران، احمد آباد بڙودا، جيسلمير، رڻ پٽ ڪچ پج ۽ افغانستان جون سرحدون پار ڪري وڃي ولايت پهتو. فيض ۽ هدايت جي طالبن لاءِ سندن دروازو هميشه کليو رهيو، ۽ هزارن جي تعداد ۾ لشڪرن جا لشڪر وٽن خدمت ۾ اچي فيض ۽ هدايت وارا بنجي واپس ورندا هئا.

هر کجا چشمۂ بود شيرين
مردم و مرغ مور گرد آيند

يعني جتي مني پاڻي جو چشمو هوندو اتي ماڻهن کان سواءِ حيوانن، پکين ۽ جيتن وغيرن جا به ميڙ هوندا آهن. پوءِ جهڙو به سوالي وٽن ايندو هيو ته اهو فيض کان خالي ڪونه موٽندو هيو ۽ پنهنجي جهولي پري پوءِ واپس ٿيندو هيو.

صاحب ارشاد وتلقين:

الله پاڪ جا پيارا بانها، ماڻهن کي خدا پاڪ طرف سڏڻ، ۽ مخلوق خداوندي جو تعلق خدا پاڪ سان مضبوط ڪرڻ واسطي مقرر ٿيل هوندا آهن. کين خدا

(١) ملفوظات شريف مترجم جلد ۴ ص١٥٦

www.maktabah.org

پاڪ ڏانهن سڌڻ، ۽ ڪوشش ڪرڻ کي بارگاهه الاهي ۾ اهڙي ته مقبوليت ميسر ٿيل هوندي آهي جو سندن هڪ ئي نظر سان لکن جي تعداد ۾ پٽڪيل انسان راهه راست تي گامزن ٿي ويندا آهن.

مشهور روايت آهي ته حضرت سلطان الهند خواجه معين الدين چشتي اجميري رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي هڪ ئي نظر سان، نوي هزار غير مسلم اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيا هئا.

اهڙي طرح تاريخ اسلام اولياءَ الله جي اهڙن ڪارنامن سان ڀري پي آهي، جن جي هڪ نظر ڪيميا اثر وسيلي ڪيترائي گمراهه انسان صحيح رستي تي ڪامياب زندگي بسر ڪري، دنيا لاءِ سبق حاصل ڪرڻ جو نمونو ڇڏي ويا.

هن ڏرتي تي جيڪو اڄ تائين اسلام جو نور روشن آهي اهو سڀ انهن نيڪ سيرت پلارن برگزيده انسانن جي تبليغ ۽ ڪوشش جو نتيجو آهي. جن پنهنجي سيرت، ڪردار ۽ عمل وسيلي هڪ اهڙي صحت مند ۽ پاڪ صاف معاشري کي قائم ڪيو جيڪو هڪ مهذب ۽ سڌريل قوم لاءِ باعث تقليد ۽ فخر پڻ ٿي سگهي ٿو. حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن به هن سرزمين سنڌ تي نيابت رسول ۽ خليفةَ الله تعاليٰ جو پورو پورو حق ادا ڪري ڏيکاريو. پاڻ پنهنجن مريدن ۽ معتقدن ۾ الله تعاليٰ جي محبت ۽ اطاعت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جو بج اهڙي طرح پوکيائون، جو منجهن رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي تابعداري ۽ پيروي جو نمونو، ڪمال درجي کي پهچي ويو. سندن پوري حياتي مبارڪ، اسلام ۽ سنت رسول تي سختيءَ سان ڪاربند رهڻ ۾ بسر ٿي. پاڻ شروع ۾ پنهنجي والد ماجد جي وفات بعد جڏهن ارشاد و تلقين جي مسند تي جلوه افروز ٿيا ته سندن عادت مبارڪ هوندي هئي ته جيڪو به شخص وٽن نئون مريد ٿيڻ ايندو هو ته ان کي سلوڪ جي رستي ۾ مسلسل ڪوشش ۽ محنت ڪرڻ جي تلقين ڪندا هئا، ۽ هنن هيٺين ٽن شرطن تي ڪائنس بيعت ونڊندا هئا.

١- هڪ ته تلقين ونڊڻ شرط دنيا کي ترڪ ڪندو. جيڪي ڪجهه صبح جو ملي سو سانجهي تائين نه رکي ۽ جيڪو سج لٿي حاصل ٿئيس سو صبح تائين نه بچائيندو بلڪ خيرات ڏئي ڇڏيندو.

٢- ٻيو ته دستارنديءَ ٻڌندو جهڙيءَ طرح مسنون طريقو آهي.

٣- ٽيون شرط اهو ونڊندا هئا ته جيڪي سندن مٽ مائٽ هن طريقي ۽ سلسلي ۾ شامل ٿيل نه هجن، تن سان مٽي مائٽي نه ڪندو بلڪ سنگن جو ڏيڻ ونڊڻ

www.maktabah.org

پنهنجي طريقي ۽ سلسلي جي عزيزن مائٽن ۾ کندو. پوءِ جيکو شخص اهي ٽئي شرط قبول کندو هو تہ ان کي پنهنجي طريقي ۾ داخل کندا هئا، نہ تہ اهڙي ماڻهو ۽ طالب کي پنهنجي سلسلي ۾ کڏهن بہ داخل نہ فرمائيندا هئا. ليکن کجهہ وقت گذرڻ کان پوءِ سندن پاءُ ميان عبدالرسول شاهہ صاحب کين عرض کيو تہ قبلا! اوهين پهرين ہن شرطن بابت بيعت ونو ٿا سو تہ نيڪ ۽ بهتر آهي، باقي آخري ۽ پويون شرط جيکو غير طريقي وارن ماڻهن سان سنگابندي ڏيڻ ونڻ لاءِ بيعت ونو ٿا اهو شرط کڏي ڇڏيو، چوتہ في الحال سڀ کو شوق مان انهيءَ شرط تي بيعت قبول کري ٿو ليکن اڳتي هلي اهڙي شرط تي انهن کي کاربند رهڻ سخت مشکل ٿيو پوي. ان شرط تي بيعت ونڻ جو سلسلو بند کريو تہ بهتر آهي(١)

سندن ملفوظات شريف ۾ مذکور آهي تہ کين سندن پاءُ جي اها صلاح پسند آئي ۽ آئنده جي لاءِ اهو شرط ختر کري ڇڏيائون. باقي پهرين ہن شرطن تي آخر تائين بيعت ونندا رهيا.

حضرت جن جو پنهنجي مريدن ۽ معتقدن کي سلسلي ۾ داخل فرمائڻ وقت اهڙن شرطن تي کاربند رهڻ لاءِ واعدي ونڻ جو مطلب اهو هو تہ منجهن دنيا داري کان نفرت پيدا ٿئي، چوتہ دنيا ۽ مال جي محبت ئي خدا تائين پهچڻ لاءِ وڏي رکاوٽ ۽ رندڪ هوندي آهي. ان کري سلوڪ جي رستي ۾ پير رکڻ کان پوءِ دنيا گڏ کرڻ ۽ ساڻس محبت رکڻ خدا پاڪ جي طالبن ۽ طريقت جي مسافرن لاءِ حرام آهي.

ان کان سواءِ سندن اهو بہ مطلب هيو تہ سنت رسول تي عمل کرڻ واري جذبي کي پنهنجي مريدن ۾ عام کيو وڃي، چو تہ سنت پاڪ تي عمل کرڻ کان بغير کڏهن بہ منزل تائين رسائي حاصل ٿي نٿي سگهي، ساڳي طرح ٽين شرط تي بيعت کرائڻ مان سندن مطلب اهو هو تہ جيئن ذکر فکر کندڙن جي جماعت وڏي ۽ طالبان حق هڪ ٻئي کي ڳولهي لهن.

مسند نشيني:

حضرت پير سائين سيد محمد بقا شاهہ شهيد لکياري رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي وفات (سن ١١٩٨هـ) بعد حضرت پير سائين روضي ڏٽي مسند نشين ٿيو.

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ

(١) ملفوظات مترجم جلد ١ ص١٠١

www.maktabah.org

عليه جن جي پوري زندگي مبارڪ مخلوق خداوندي کي الله پاڪ جي رستي تي هلائڻ خاطر گذري. کين خدا پاڪ جي طرف کان جيڪو امانت جو بار ۽ فيض رسانيءَ جو عظيم ڪم سونپيو ويو هو، ان کي پوري ڪرڻ ۾ ڪنهن به قسم جي سستي ۽ ترَ جيتري ڪوتاهي ڪانه ڪيائون، بلڪ ڏينهن هجي يا رات، حضر هجي يا سفر جو معاملو درپيش هجي، ان کي انتهائي محبت ۽ شوق سان پورو ڪيائون. پاڻ ڪڏهن به آرام يا اجائي وقت گذارڻ کي پسند نه فرمايائون، گرميءَ سرديءَ جون تڪليفون سر تي سهي تبليغ جي عظيم امانت کي سهڻي انداز ۾ پوري ڪرڻ جي هر طرح ڪوشش فرمائيندا رهيا.

سندن ملفوظات شريف ۾ بيان آهي ته هڪ دفعو پاڻ لاڙڪاڻي جي سفر ۾ تشريف وٺي ويا پي، ڏينهن سخت گرم هيو ۽ هوا به بلڪل بند ٿي وئي هئي. ان کان سواءِ گهٽ ۽ جهنگل جو رستو هيو. تڏهن هڪڙي فقير کين عرض ڪيو ته قبلا! گرمي تمام گهڻي آهي (فقير جي عرض ڪرڻ جو مقصد اهو هو ته سفر بند ڪري ڪٽي ڏينهن ناڙجي) ان وقت پاڻ مرڪي فرمايائون ته جي ڏينهن گرم ٿيو آهي ته اسين به گرم ٿيندا سون (١)

سندن زندگي مبارڪ جو ڪو به اهڙو وقت يا لمحو ڏسڻ ۾ نٿو اچي، جنهن ۾ اجايو وقت جو زيان فرمايو هجين. بلڪ سندن حياتي مبارڪ ۽ سهڻي سيرت تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته پاڻ بالڪپڻ کان آخري عمر تائين الله پاڪ ۽ ان جي پياري رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جي احڪامن جي بجا آوري ڪندي گذاريائون. صرف ائين نه جو ذاتي، شخصي رياضتن، مجاهدن ۽ نفس ڪشيءَ ۾ پنهنجو وقت بسر فرمايائون، بلڪ ان سان گڏوگڏ پنهنجي اولاد، مريدن ۽ معتقدن ۾ احڪام الاهي ۽ سنت رسول جي پيروي ڪرڻ، امر ۽ نهي تي سختيءَ سان ڪاربند رهڻ جو اهڙو ته روح بيدار فرمايائون جو تمام ٿوري عرصي ۾ سندن مسلڪ ۽ طريقي کي پري پري تائين مقبوليت حاصل ٿي ويئي ۽ ڏورانهين هنڌن کان هدايت جا ڳولائو، سندن خدمت ۾ حاضر ٿي پنهنجون مرادون حاصل ڪندا رهيا.

سندن ئي ملفوظات شريف ۾ مير فقير ناهيو کان نقل آهي ته، هڪ نابين فقير کيس عرض ڪيو ته جڏهن حضرت جن هن طرف اچن ته مون کي ضرور وٺي هلجانءِ ته مان سندن هٿ تي بيعت ڪندس. آخر هڪ دفعو حضرت جن جڏهن ان پار پهتا ته، مير فقير ناهيون کان اها ڳالهه جا کيس اکين کان معذور چئي هئي، سا وسري ويئي. پوءِ اهو نابين شخص هڪ ٻيو ماڻهو ساڻ ڪري، جنهن وقت حضرت جن جي حضور ۾

(١) ملفوظات شريف مترجم جلد ١ ص١٨٣

www.maktabah.org

پهتو ته مير فقير کي اها سندس چيل ڳالهه ياد اچي ويئي، جيڪا کين ٻڌايائين ۽ ان نابين فقير به حضرت جن کي عرض ڪيو ته قبلا! مون کي حضرت غوث الثقلين رضي الله تعالیٰ عنه کان سائين جن جي مريد ٿيڻ لاءِ امر ٿيو آهي تنهن ڪري مون کي پنهنجي طريقي ۾ داخل فرمايو. پاڻ جواب ۾ فرمايائونس ته اي يار! جنهن کي حضرت غوث الثقلين رضي الله عنه کان منهنجي مريد ٿيڻ لاءِ امر ٿيو هوندو ان جو مون تي حق آهي ته کيس هٿ مان وڃي حضرت پيغمبر صلي الله عليه وسلم جي حضور ۾ نيئي ڇڏيان، پوءِ پاڻ ان فقير کي پنهنجي مريدي سان مشرف فرمايائون (۱)

ان کان سواءِ ٻيا به سوين اهڙا واقعا معلوم ٿين ٿا جو پري پري کان هدايت جا طالب، سفر ۽ ڪشالا ڪري صرف بيعت ٿيڻ لاءِ سندن حضور ۾ اچي پيش پوندا هئا. حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمة الله تعالیٰ عليه جن کي فيض پهچائڻ ۽ مخلوق کي سنئين واڻ تي هلائڻ جو حرص ۽ شوق حدکان زياده دامنگير هوندو هيو، جڏهن فقيرن جون جماعتون وٽن فيض حاصل ڪرڻ لاءِ ايندڙون هيون ته پاڻ تمام گهڻو خوش ٿيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته خدا پاڪ کين اسان ڏانهن موڪليو آهي، ان ڪري انهن کي ڪڏهن به خالي ڪو نه ڇڏيندا سون ۽ ضرور کين الله پاڪ جو رستو ٻڌائيندا سون. پاڻ پنهنجي مريدن معتقدن جي اصلاح واسطي ظاهري ۽ باطني طرح اهڙو ته بندوبست فرمايو هيائون، جو جيڪو به جهڙي مراد ڪٽي پيش پوندو هيو ته اهو اهڙي طرح پنهنجي منشا ۽ مرضي موجب مرادون حاصل ڪري موٽندو هو.

عمر فقير سهتو ويٺل ڳوٺ خالق ڈنو سهتو، تعلقو ماتلي ضلع بدين کان نقل آهي ته "هڪ دفعو درگاهه شريف تي حاضر ٿيس ۽ قدم بوسيءَ ڪرڻ کان پوءِ مسجد شريف جي اندر ويٺو هئس ته ائين دل ۾ خيال پيدا ٿيو ته هيترو مفاصلو ڪري آيو آهيان ليڪن ظاهري فائدو ته ڪو به نظر نه ٿو اچي. تڏهن هڪدم حضرت جن منهنجي دل جي خيال کي ۽ ڄهي ويا ۽ فرمايائون ته اي اسان جا دوست! توهان کي معنوي مقصد حاصل ڪرڻ کان سواءِ ڪڏهن به نه ڇڏيندا سون، آخري گهڙي ۾ به الله تبارڪ وتعالیٰ جو ديدار ڪرايو ويندو. (۲)

حضرت جن، فيض رساني ۽ ارشاد تبليغ جو اهڙو ته سهڻو معيار قائم ڪيو، جنهن جو مثال برصغير جي تاريخ ۾ ورلي ملندو. جامع ملفوظات کان نقل آهي، ته هڪ دفعو حضرت جن جي خدمت ۾ عرض ڪيم ته حضرتا! ٻيا مشائخ مريدن کي هڪ هڪ لطيفي جي تلقين ڪندا آهن ۽ انهن جا رنگ، اچو، سائو، ڳاڙهو، ڪارو بيان

(۱) ملفوظات شريف مترجم جلد ۲ ص۹۰
(۲) ملفوظات روضي ڈٹي مترجم جلد ۴ ص۱۹۵

فرمائيندا آهن. (سو چو؟) خليفي صاحب فرمايو ته حضرت جن ان وقت مون کي کو به جواب نه ڏنو ۽ ٻئي ڏينهن کان پوءِ مون کي پاڪر وجهي خوش ٿيندي فرمايائون ته اي پاڻ! اسان وٽ الله تعاليٰ جي واٽ هڪ قدم آهي ۽ ٻين مشائخن واري واٽ به اسان وٽ آهي پر اسان گهرون ٿا ته هڪ ئي قدم سان کين حقيقي مقصد تائين پهچائي ڇڏيون. (۱)

تصوف جي تاريخ ۽ سلوڪ جي رستي ۾ طالبن کي بنامجاهدي ۽ رياضت جي واصل بالله ڪرڻ جا واقعا شاذ ونادر ملن ٿا. ليڪن (خدا پاڪ شال حضرت جن جي فيض کي قيامت تائين عام ڪري جو) ڪڏهن ڪڏهن ته ائين به ٿيندو هيو جو، هڪ ئي نظر سان ماڻهن جون زندگيون تبديل ڪري عارف بالله بنائي ڇڏيائون.

پاڻ پنهنجي زندگي جي شروعاتي دور جو ذڪر ڪندي فرمايو اٽن ته "نندڙائپ جي ڏينهن ۾ اسان کي دل ۾ خيال ٿيو ته جيڪر عارف ڪامل مڪمل، ارشاد ۽ تلقين جو صاحب ٿيان، ۽ منهنجي توجهه سان مريد، صاحب شوق ۽ ذوق ٿين، ۽ گهٽي محبت ۽ دوستيءَ جي ڪشش کان عشق جي درياهه ۾ ٽپي خودي کان آزد ٿين، ۽ مٿو پير اگهاڙا ڪري مجذوب بنجن، ۽ زمين تي ليٽي وجد ۽ عشق ڏيکارين." پاڻ وڌيڪ فرمايائون ته "الله پاڪ جون مهربانيون جو ان نندڙائپ واري گمان کي سچ جي ڪرسيءَ تي سينگاريائين. (۲)

اهوسپ ڪجهه خدا پاڪ جي فضل ۽ عنايت جو ڪرشمو هيو، جو لکن جي تعداد ۾ سندن مسلڪ ۽ طريقي ۾ خدا پاڪ جا طالب داخل ٿيندا رهيا. پاڻ هميشه پنهنجن مريدن، معتقدن کي نفس جي پاڪائيءَ ۽ ظاهري شريعت جي پابندي ڪرڻ ۽ آخري زندگي جي ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي تلقين فرمائيندا هئا.

چو ته شريعت پاڪ جي پابنديءَ کان سواءِ، چوٽڪارو محال آهي. پاڻ قلبي صفائيءَ ڏانهن خاص ڌيان ڏيائون، ۽ ڏينهن رات جي تبليغ سان گڏوگڏ شب خيزيءَ ۽ مقرر اوراد ۽ اشغال ۾ مصروف رهندا هئا. ان ڪري جو کين چڱي طرح معلوم هيو ته جيئن جسماني بيماريءَ جي حالت ۾ انسان کو به جسماني نوعيت جو ڪم صحيح طريقي سان ڪري نه سگهندو آهي، اهڙي طرح، قلبي بيماريءَ جي صورت ۾ به شريعت، پاڪ جي احڪامن تي عمل ڪرڻ به مشڪل ٿي پوندو آهي. ان سبب جي ڪري، حضرت جن سپ کان پهريائين پنهنجن مريدن ۽ معتقدن جي قلبي صفائي طرف توجهه ڏيندا رهيا.

ياد رکڻ گهرجي ته جسم کي قلب ۾ مرڪزي حيثيت حاصل آهي. پوءِ جيڪڏهن قلب بيڙين عادتن ۽ حرص، هوس ۾ گرفتار ٿي ويو ته يقيناً پورو جسم ۽

(۱) ملفوظات روضي ڈٹي مترجم جلد ۴ ص۱۱۶
(۲) ملفوظات مترجم جلد ۴- ص- ۲۱۰

www.maktabah.org

سيئي جسماني صلاحيتون شرڪ، بدعت، گناهه بچڻ ۽ برابر لاءِ وقف ٿي ويندين، ۽ ٻانهو پنهنجي حقيقي خالق ۽ مالڪ کان ڪوهين پري ٿي ويندو. جيئن رسول اڪرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن فرمايو آهي ته "انسان جي جسم ۾ هڪ گوشت جو ٽڪرو آهي، جيڪڏهن اهو گوشت جو لوٿڙو صحيح هوندو ته انسان جو پورو بدن به صحيح سالم رهندو، پر جي گوشت جو اهو ٽڪرو خراب ٿي پيو ته پوءِ انسان جو پورو جسم خراب ٿي ويندو."

صوفياءِ ڪرام بزرگان دين سڀ کان پهريان قلبي صفائي طرف توجهه ڏنو، ڇو ته جڏهن انسان کي قلبي صفائي حاصل ٿيندي ته پوءِ دل جو آئينو به صاف ۽ شفاف ٿي پوندو آهي. منجهس انوار الاهيءَ جون تجليون وارد ٿيندين رهنديون آهن.

ٻانهو جڏهن اهڙي منزل تي پهچندو آهي ته خدا پاڪ کيس عارفن جي لسٽ ۾ شامل فرمائي ڇڏيندو آهي. پوءِ جڏهن ٻانهو عارف ٿي پوندو آهي ته سندن هر قول فعل ۽ وک وک احڪام الاهي ۽ سنت رسول جي پيروي ۾ ڪٽندو آهي. ڇو ته اهڙي ٻانهي کي معرفت ۽ عرفان حاصل ٿيل هوندو آهي، جهڙي طرح حضرت داتا گنج بخش رحمةَ الله تعاليٰ عليه فرمايو آهي ته "العارف كل يوم اخشع لانه في كل ساعةَ من الرب اقرب (۱)

يعني عارف ٻانهو الله تعاليٰ کان اُن کري خائف هوندو آهي جو هو هر گهڙي ۽ لمحو پاڻ کي رب پاڪ جي درگاهه ۾ حاضر (قريب) سمجهندو آهي، ۽ پنهنجي هر قول، فعل ۽ عمل جو نگهبان پنهنجي ڏٿي تعاليٰ جي ذات کي تصور ڪندو آهي.

جڏهن ٻانهي کي اهڙي ڪيفيت حاصل ٿيندي، ته پوءِ ان کان بچڻي ۽ خراب ڪم ٿيڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي، بلڪ ان بندي جو اٺ، ويهڻ، چرڻ، ڦرڻ، ڪائڻ، پيئڻ سڀ خدا پاڪ جي رضامندي ۽ سنت پاڪ جي احڪامن جي بجاآوري ۾ گذرندو آهي، ان کري ئي ته حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٿي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن اڪثر کري هي شعر فرمائيندا هئا ته:

جيءُ جانيءَ کي ڏي، نه ته موت به نيندئي جيءَ کي

يعني اي غافل انسان! پنهنجو، من، تن رب پاڪ جي حوالي کري ڇڏ، ۽ اجايو تن پروري ۽ شڪم سيري ۾ پنهنجو وقت نه وڃاءِ. ياد رک ته هڪ ڏينهن نيٺ توکي پنهنجي جان به جان آفرين جي حوالي ڪرڻي ٿئي. حضرت جن جي خدمت شريف ۾ جيڪو به ايندو هيو ته اهو باطني فيض سان جهوليون پري واپس ٿيندو هيو. خليفي محمود رحمةَ الله تعاليٰ سراج العاشقين ۾ فرمايو آهي ته "هڪ ڏينهن دل ۾ خيال ٿيو ته حضرت مرشدنا پير سائين قدس سره جن فرمائيندا آهن ته بغير ڪوشش ۽ محڪم خيال

(۱) مترجم ڪشف المحجوب - اردو - ص ۱۶۳

www.maktabah.org

کان سواءِ کامل مرشد جو هٿ اچڻ محال آهي. هوڏانهن پاڻ حضرت جن سڀ کنهن ايندڙ ويندڙ انڊي، منڊي، لولي کي جماعت ۾ داخل ٿا فرمائن. ان جو سبب چا آهي؟ تڏهن حضرت جن منهنجي دل جي خيال کي سمجهي ويا، ۽ مثال ڏيندي فرمايائون ته اي خليفا صاحب! ڏاچين جا قر کي ٽلها متارا هوندا، ۽ کي ڏٻرا ۽ ضعيف هوندا آهن، پوءِ اهي قر جڏهن پنهنجي مائرن کي ڏسندا آهن ته ٽلها متارا جلد ڊوڙي وڃي پنهنجي مائرن کي رسندا آهن، ۽ باقي ٻيا ڏٻرا ايرا، جڏا سي به پنهنجي وس آهر ديرمدار سان پنهنجي مائرن کي پهچن ٿا. هن جو مثال به ائين آهي ۽ اهي سڀ جماعت ۾ داخل ٿيندڙ، آخر هڪ ڏينهن فيض وارا بنجي ويندا آهن. (۱)

حضرت جن کي فيض رسانيءَ جو شوق ان حد تائين هيوجو مخلوق کي پنهنجي ارادت ۾ ڏسي انتهائي خوشيءَ ۽ مسرت جو اظهار کندي فرمائيندا هئا ته الله تبارک تعاليٰ مخلوق جو منهن اسان ڏانهن کيو آهي. ان مان يقين سان معلوم ٿو ٿئي ته اسان کي انهن جي خدمت جو حڪر خدائي دربار مان مليل آهي. پاڻ انتهائي حسرت ۽ کمال شوق مان دعا فرمائيندا هئا ته شال حياتي تائين ان کر ۾ کو به قصور نه ٿئي. (۲)

سندن حياتيءَ مبارڪ جي آخري عرصي کان ٿورو اڳ جڏهن لاڙ جو سفر فرمايائون، تڏهن دوران سفر، طبعيت جي ناسازي ان حد تائين وڌي وين جو کين گهوڙي سواري ڪرڻ وغيره مشڪل ٿي ويئي ۽ جان ۾ ضعيفي حد کان زياده وڌي وين. ليڪن ان جي باوجود به طالبن کي تلقين و ارشاد ڏيڻ جي ارادي سان پنهنجو سفر اڳتي جاري فرمايائون، ايستائين جو طبعيت جي مسلسل ناسازيءَ ڪري جماعت ۽ گهر وارن کي سخت پريشاني ٿي. جڏهن سندن برادر حضرت محمد سليم شاهه صاحب ۽ ميان قابل شاهه پاڻ ۾ صلاح ڪري خليفي محمود نظاماڻي کي سندن خدمت ۾ موڪليو ته جيئن حضرت جن جي طبعيت جي ناسازي ڪري کين واپس درگاهه شريف تي هلڻ لاءِ عرض ڪري، خليفو صاحب سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو، کين عرض ڪيائين ته قبلا! جيئن ته هن وقت سائين جن جي طبعيت گهٽي ناچاڪ آهي، جنهن ڪري جماعت ۽ گهر وارن کي پريشاني ٿي آهي. ان ڪري مناسب آهي ته واپس درگاهه تي هلجي. پوءِ جڏهن سائين جن طبعيت ۾ چاڪ ٿيندا ته دوبارو سفر تي هلبو. حضرت جن خليفي صاحب جي اها صلاح بڏڻ شرط جوش ۾ اچي ويا ۽ فرمايائون ته اسان ريگستان جي مسڪينن، فقيرن سان دعوتن ونڻ جو واعدو ڪري چڏيو آهي ۽ هاڻي انهن سان واعدي خلافي ڪرڻ مناسب ناهي، جو هو ويچارا سڄو انتظام وغيره ڪري چڏيندا، ان ڪري اسان کي الله تعاليٰ جي

(۱) سراج العاشقين مترجم سنڌي قلمي- ص ۲۵
(۲) ملفوظات مترجم سنڌي- جلد ۵- ص- ۳۲۰

www.maktabah.org

خلق جي خدمت ڪرڻ جو حڪم ٿيل آهي ۽ هن وقت ته ڪجهه سوار ٿيڻ جي طاقت رکون ٿا، پر جي سواريءَ جي به طاقت نه رهي ته به پاڻ کي کٽ تي ڪٽائي خدا جي خلق جي خدمت کان پاڻ کي فارغ ڪنداسون ۽ جيڪو توهان خيال ڪيو آهي ته درگاهه مبارڪ تي صحتمند ٿي پوءِ سفر ڪريو. سو الله تعالىٰ مطلق شافي آهي، هتي هُتي هڪ ئي آهي. (۱)

اهڙي طرح حضرت جن مسلسل بيمار رهڻ جي باوجود به پنهنجو سفر جاري فرمايو ۽ ان دوران هزارين مريدن معتقدن کي طلب الاهيءَ ۾ تلقين فرمائيندا رهيا.

ائين به ٿيندو هيو جو ماڻهن جي ميڙن کي طلب الاهي ۾ تلقين حاصل ڪرڻ جي ارادي سان خدمت ۾ حاضر ٿيندو ڏسي فرمائيندا هئا ته اسان وٽ دعوت ڏيندڙ ماڻهو اچن ٿا. انهن جي اچڻ مان سمجهجي ٿو ته انهن کي الله تعالىٰ جي طرفان اهڙو حڪم ڪيل آهي ۽ اسان وٽ (فيض حاصل ڪرڻ) الله تعالىٰ جي حڪم سان اچن ٿا. (۲)

حضرت جن جي وصال کان ٽورو اڳ هڪ شخص مسجد شريف ۾ مولا پاڪ جي طلب ۾ مريد ٿيڻ لاءِ آيو، خادمن کين ان شخص جي اچڻ جي باري ۾ عرض ڪيو. پاڻ فرمايائون ته ان شخص کي ونئي اچو، جنهن وقت خادمن ان شخص کي حاضر ڪيو ته، پاڻ ان کي ذڪر فڪر ۽ طلب جي رستي جي تلقين فرمائڻ بعد شڪر بجا آندائون ته الله پاڪ جا لک احسان جو جيڪو ڪر هن فقير جي حوالي ڪيو. ان کي پوري ڪرڻ جي طاقت وصال جي وقت به نصيب ٿي. (۳)

کين خدا پاڪ، مخلوق جي هدايت ۽ رهنمائي لاءِ ايترو ته حرص عنايت فرمايو هيو، جو حياتيءَ جي آخري لمحن کان ٽورو اڳ به اهو فريضو ادا ڪندا رهيا.

سندن اولاد

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمةُ الله تعالىٰ عليه جن پنهنجي حياتي مبارڪ ۾ جملہ ست شاديون ڪيون جن مان کين ارڙنهن فرزنده تولد ٿيا، جن جا اسماءِ گرامي هن طرح آهن:

(۱) حضرت پير سائين سيد صبغت الله شاهه اول سجادهه نشين (۲) سيد محمد حسن شاهه (۳) سيد هدايت الله شاهه (۴) پير سيد محمد ياسين شاهه (جهنڊي

(۱) ملفوظات مترجم سنڌي جلد ۵- ص- ۳۲۴
(۲) ايضاً جلد ٦ ص- ٦
(۳) ملفوظات شريف مترجم جلد ۵- ص- ۳۱٦

www.maktabah.org

وارو) (٥) سيد محمد بقا شاهه، (٦) سيد محي الدين شاهه (٧) سيد احسن شاهه، (٨) سيد مهدي شاهه، (٩) سيد محمود شاهه، (١٠) سيد شاهنواز شاهه، (١١) سيد مبارڪ شاهه (١٢) سيد اسماعيل شاهه، (١٣) سيد حامد شاهه، (١٤) سيد صادق شاهه، (١٥) سيد شاهنواز شاهه، (١٦) سيد مبارڪ شاهه، (١٧) سيد حامد شاهه، (١٨) سيد اسماعيل شاهه.

سندن ارڙنهن فرزندن مان چار فرزند حضرت پير سائين رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي حياتيءَ ۾ ئي فوت ٿي ويا. باقي چوڏهن فرزند بچيا جيڪي ستن مائرن مان هيٺين ريت هئا:

١- پير سيد صبغت الله شاهه مسند ڏٽي، پير سيد حسن شاهه، پيرسيد هدايت الله شاهه، اهي ٽيئي صاحبزادا هڪ والده سڳوري جيڪا گهمره قوم جي هئي، ان مان هئا. (١)

٢- پير سيد محمد ياسين شاهه، پير سيد محمد بقا شاهه اهي ٻئي صاحبزادا ڪلهوڙا قوم جي والده سڳوري مان هئا.

٣- پير سيد محمد صادق شاهه هڪ والده مان هيو.

٤- پير سيد محمود شاهه پنهنجي خاندان جي سيده بيبيءَ سڳوريءَ مان هو.

٥- پير سيد حامد شاهه اهو به پنهنجي خاندان جي بيبيءَ سڳوريءَ مان هو.

٦- سيد اسماعيل شاهه هڪ والده مان هيو.

٧- باقي پير سيد مهدي شاهه، پير سيد محمد احسن شاهه، پير سيد غلام محي الدين شاهه، پير سيد مبارڪ شاهه ۽ پير سيد شاهنواز شاهه صاحب جن ستين گهر واري مان هئا.

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي اولاد سندن نالي مبارڪ پويان راشدي سڏجي ٿي. ارڙهن فرزندن مان اٺ فرزند لاولد فوت ٿيا. باقي ڏهن فرزندن جو اولاد پوري سنڌ ۾ پکڙيل آهي.

حضرت جن جو سمورو خاندان، خدائي ذات سان اهڙو ته نوازيل هيو جنهن جو مثال سنڌ جي ڪنهن ٻئي خاندان ۾ ورلي ملندو، سندن والد ماجد جي مرشد، حضرت سيد عبدالقادر آخرين رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي دعا اهڙو ته اثر ڏيکاريو جو حضرت جن جو سمورو خاندان صاحب ڪمال، عزت، شان ۽ مان وارو ٿي گذريو.

حضرت سيد صبغت الله شاهه اول جيڪو راشدي خانقاهه جو سرواڻ، مسند نشين ۽ پهريون پاڳارو پير توڙي جو ڪن پائرن کان عمر ۾ ننڍا هئا، ليڪن باطني فيض ۽ عرفان ۾ ٻين سيني کان مٿيرا هئا. سندن پيدائش جي حتمي تاريخ معلوم ٿي نه سگهي آهي.

(١) الرحيم مشاهير نمبر- ص ٢٥- سال ١٩٦٦ع

www.maktabah.org

باقي اندازو آهي تہ اٽڪل ١١٩٣هـ جي آخر دوران سندن پيدائش ٿي. پاڻ جماعت ۾ تجر ڈٹي جي لقب سان مشهور هئا. اهو ان ڪري جو پاڻ پنهنجي والد ماجد حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي کان سواءِ ٻين خاندان فردن جي قبرن کي نئين سر تعمير ڪرايائون، جنهن ڪري تجر ڈٹيءَ جي لقب سان مشهور ٿيا. سندن تعليم ۽ تربيت گهر ۾ پنهنجي والد ماجد حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي نظر هيٺ ٿي جو ۽ سفر، حضر ۾ ساڻن گڏ هوندا هئا. طريقت ۾ بيعت به پنهنجي والد ماجد جي هٿ تي ڪري خلافت جو خرقو ڏيکيائون. علم، فضل ۽ فهم فراست ۾ ڪوبہ سندن ثاني يا مٽ ڪونہ هيو. جهڙي طرح ظاهري علمن ۾ تمام وڏا عالم هئا اهڙي طرح باطني فيض ۽ عرفان ۾ بہ پنهنجو مٽ پاڻ هئا.

علامہ قاسمي صاحب جن ان بابت سيد حميد الدين جي حوالي سان لکيو آهي تہ "سندن جي ماٹهن وٽ پير سيد صبغت الله جهڙو ساري ملڪ ۾ ڪوبہ شيخ ۽ مرشد نہ آهي. هن جا اٽڪل ٽي لک بلوچ مريد آهن. وٽن خلق جي رجوعات آهي. جاهہ ۽ جلال سان زندگي گذاريندو آهي، جود و ڪرم، اخلاص ۽ مروت ۾ بہ ملڪ ۾ مشهور آهن."

علامہ قاسمي صاحب جن سندن علمي ڪتبخاني جو ذڪر سيد حميد الدين جي زباني هن طرح ڄاڻايو آهي: "هن پير صاحب جو عجيب ڪتبخانو نظر آيو جو ڪنهن امير ۽ بادشاهہ وٽ بہ اهڙو ڪتبخانو نہ هوندو. هن ۾ پندرهن هزار مجلد معتبر ڪتابن جا نسخا موجود آهن، جن مان ايراني مطلا خط ۽ سؤ تہ فارسيءَ جا ديوان آهن. ٦٥ جلد معتبر تفسيرن جا آهن. شاهنامہ فردوسيءَ جا پنج نسخا آهن، جن مان ٽي مصور طلائي آهن. ڪتاب بہ جيڪي مشهور آهن سي سيٽ هتي آهن. شرحن سميت جامع الاصول، تيسير الوصول پڻ هت آهن. احياءِ ۽ فتوحات مڪيہ جا بہ ٽي ٽي نسخا شاهي ڪتابت سان موجود آهن." (١)

آخر اهو هدايت ۽ عرفان جو سج ماٹهن کي دين اسلام جي تبليغ ڪندي پنج رمضان مبارڪ سن ١٢٤٦ هجري دوران هن جهان مان لاڏاٹو ڪري ويو. کين ست فرزند تولد ٿيا، جن جا اسماءِ گرامي هن طرح آهن: ١- سيد عبدالقادر شاهہ ٢- سيد غلام مصطفيٰ شاهہ ٣- سيد علي گوهر شاهہ ٤- سيد علي حيدر شاهہ ٥- سيد ذوالفقار علي شاهہ ٦- سيد علي محمد شاهہ ٧- سيد شاهہ مراد شاهہ.

حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جو ٻيو نمبر فرزند سيد محمد حسن شاهہ هيو، جيڪو اهل دل بزرگ هئڻ سان گڏوگڏ هڪ تمام وڏو جراح

(١) الرحيم مشاهير نمبر ص٢٦ - سال ١٩٦٦ع

www.maktabah.org

حڪيم پڻ هيو. بيمار کي پري کان ڏسي بيماري سجاڻي وڃندو هو، سندن وفات پراڻي درگاهه شريف ۾ ٿي ۽ اتي ئي مدفون آهن.

ٽيون نمبر فرزند حضرت پير سائين روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جو سيد هدايت الله شاهه صاحب هيو، جيڪو تمام نيڪوڪار ۽ بزرگ هيو. سندس اولاد ۾ گوٺ هادل شاهه لڳ پراڻي درگاهه شريف ۾ رهن ٿا.

سيد پير محمد ياسين صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه پير سائين روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جو چوٿون نمبر فرزند هو. پاڻ صوم صلواة جا نهايت پابند هوندا هئا. حضرت پير سائين روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي وفات کان پوءِ درگاهه شريف کان لڏي ٽلاهه شريف ضلع لاڙڪاڻي ۾ وڃي رهيو ۽ اتي پنهنجي خانقاهه قائم ڪيائين. ڪيس جهنڊي وارو ڪري سڏيو ويندو آهي. اهو هن طرح آهي ته جڏهن سندس والد ماجد حضرت پير سائين روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن وفات فرمائي ته سندن مسند نشيني لاءِ پير سيد محمد ياسين شاهه رحمةَ الله تعاليٰ عليه دعويدار ٿيو ۽ ان وقت جي حڪمرانن ميرن وٽ پڻ دانهين ويو. تنهن تي نواب ولي محمد خان لغاري ان فيصلي کي نبيرڻ لاءِ درگاهه تي آيو ۽ اتي ٻه ڌينهن رهڻ کان پوءِ مسند نشينيءَ جو فيصلو حضرت پير سائين صبغت الله شاهه جي حق ۾ ڏنائين، جنهن کان پوءِ پير سيد محمد ياسين شاهه رحمةَ الله تعاليٰ عليه پنهنجي والد ماجد جي تبرڪات مان طلب ڪئي، ۽ جدا رهڻ جو فيصلو ڪيائين. تڏهن ڪيس هڪ سائو جهنڊو جنهن تي سونيءَ تند سان ڪلمو طيب لکيل هيو اهو ڏنو ويو ۽ هي اهو جهنڊو هيو جيڪو حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن کي والئي افغانستان زمان شاهه بن تيمور شاهه کان تبليغ اسلام جي اعتراف لاءِ تحفي طور مليو هيو. ان کان پوءِ سيد پير محمد ياسين رحمةَ الله تعاليٰ عليه جهنڊي واري لقب سان مشهور ٿيو، سندس وفات سن ١٢٧٥هجري دوران ٿي. سندن مزار ۽ روضو ٽلاهه نزد باقراڻي اسٽيشن، ضلع لاڙڪاڻي ۾ آهي. ان پلاري بزرگ کي ٻه ست فرند تولد ٿيا.

سيد شاهه نواز شاهه بن حضرت پير سائين روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه ٻه نهايت متقي، پرهيزگار، توڪل ۽ تقويٰ جو صاحب هيو. پاڻ پنهنجي والد ماجد جي وفات کان پوءِ درگاهه شريف تان لڏي سيروسياحت ڪندي گوٺ ملان حرمت، تعلقو شهداد پور ضلع سانگهڙ ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪيائين. سندس توڪل ان حد تائين مشهور آهي جو رات سمهڻ مهل مٽن ۽ دلن جو پاڻي ٻه هارائي ڇڏيندا هو ۽ فرمائيندو هو

www.maktabah.org

ته خدا پاڪ صبح جو نئون روز ڏيندو (١)

ان کان سواءِ سندن توکل ۽ خدا پاڪ تي پروسي پريون ڳالهيون تمام گهٽيون مشهور آهن. جيکو به کين حاصل ٿيندو رهيو سو سڀ خدا پاڪ جي راهه ۾ خرچ ڪري ڇڏيندا هئا. پاڻ پنهنجي هٿن سان مسجد شريف تعمير ڪيائون جيکا اڄ سوڌي قائم آهي. سندن وفات ڳوٺ ملان حرمت تعلقي شهدادپور ضلع سانگهڙ ۾ ٿي ۽ مزار به اتي ئي آٿن.

اهڙي طرح حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمةَ الله تعالىٰ عليه جو خاندان پوري سنڌ ۾ پکيڙيل آهي جن ۾ به خاندان تمام گهٽو مشهور ٿيا. هڪ جهندبي وارا راشدي پير، ٻيو مسند نشين ۽ گادي وارا، جيکي هن وقت پير جو ڳوٺ ضلع خيرپور ۾ سڪونت پذير آهن. هن وقت سندن گاديءَ تي حرن جو روحاني پيشوا ۽ ملڪ و ملت جو خير خواهه حضرت شاهه مردان شاهه مد ظله العالي جن مسند نشين آهن. سندن وجود پاڪستان ۽ پاڪستاني قوم لاءِ باعث فخر آهي پاڻ ملڪ ۽ قوم لاءِ ناقابل فراموش خدمتون سرانجام ڏنيون آٿن ۽ هر ڏکئي ويل ۾ ملڪ ۽ قوم لاءِ سندن شاندار ڪردار مستقبل جي تاريخ ۾ سونهري اکرين سان لکيو ويندو. خصوصًا هندو - پاڪ جي لڙائين ۾ سندن جانثارن ۽ مريدن جي لا تعداد جٿن ۽ حر فورس جون قربانيون وسارڻ جوڳيون نه آهن. ١٩٦٥ع واري لڙائيءَ ۾ بنفس نفيس حضرت پير سائين سيد شاهه مردان شاهه صاحب مد ظلّه العالي جن عمرڪوٽ سيڪٽر تي لڙائي جي ڪمان سنياليي، ۽ پنهنجن مريدن ۽ معتقد حرن ۾ ملڪ قوم جي نالي تان سر قربان ڪرڻ واري جذبي ۾ اهڙو ته روح ڦوڪيائون، جنهن جي نتيجي ۾ حرن شاندار ڪاميابي حاصل ڪري هندستان جي اندر ارڙهن ميلن ۾ پيش قدمي ڪري ورتي ۽ هندستان دشمن جي اهم چوڪين تي قبضو ڪري ورتو. هن خاندان جي روايتي ڪردار کي ڏٺو وڃي ته کنهن به مقام تي پوئتي پير ناهي، بلڪ هر طريقي سان قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪئي آٿن. ديني، دنياوي، سياسي، مذهبي غرض ته هر طرح اهڙا ته شاندار ڪارنامه سرانجام ڏنا آٿن، جيکي هڪ جرئتمند، بهادر، وفادار ۽ سچي مسلمان قوم لاءِ سونهن ٿا.

راشدي خاندان جي فردن، هن ملڪ ۽ قوم جي خدمت اهڙي وقت ۾ به ڪئي آهي، جنهن وقت ملڪ قوم جي ڳالهه ڪرڻ وارن تي ظلم و ستم جا پهاڙ ڪيرايا ٿي ويا. ليڪن راشدي خاندان جي فردن کنهن به ڳالهه جي پرواهه ڪرڻ بغير مڙس ٿي مقابلو ڪيو، ۽ هر ظلم ۽ ڏاڍ جي خلاف للڪار بنجي سامهون آيا.

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمةَ الله تعالىٰ عليه جن جو

(١) راشدي خاندان جو شجرو ص٥٨

www.maktabah.org

سمورو خاندان سنڌ ڇا، بلڪ پوري پاڪستان جو محسن گهراڻو آهي، جنهن هر موڙ ۽ محاذ تي ملڪ، قوم، دين اسلام جي هر طرح شاندار خدمت ڪئي آهي، انهن سيني ڳالهين جي ذڪر ۽ تذڪرن کي قلم بند ڪرڻ لاءِ وقت درڪار آهي. ان ڪري سندن ذي وقار خاندان جي ايتري تذڪري ڪرڻ تي اڪتفا ڪجي ٿي.

اولاد ۽ جماعت جي تربيت:

تاريخ اسلام شاهد آهي ته الله پاڪ جي ولين ۽ پيارن هن ڌرتيءَ تي هڪ صحت مند ۽ پاڪ صاف معاشري جي قيام ۽ سماج مان براين جي پاڙ پٽڻ لاءِ زندگيءَ جي آخرين گهڙين تائين پنهنجي منصب ۽ فرض کي پوري ڪرڻ واسطي شروعات پنهنجي گهر ۽ تعلقدارن ماڻهن کان ڪئي، ۽ اهائي رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي سنت آهي. جنهن تي هلندي نيڪ ٻانهن ۽ الله پاڪ جي پيارن سڀ کان پهريائين امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر (چڱن ڪمن جو حڪم ڪرڻ ۽ برائين کان روڪڻ) جو فريضو پنهنجي قريبن، رشتيدارن ۽ تعلق وارن ماڻهن کان شروع ڪري سنت نبوي کي جياريندا رهيا.

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمة الله تعالىٰ عليه جن به پنهنجي اولاد ۽ مريدن جي اصلاح ۽ تربيت ڪندي اهڙا ته اصول، ضوابط، قاعدا، قانون مرتب ڪيا جو انهن جي روشنيءَ ۾ پنهنجي تعلق وارن جي سڌاري لاءِ ان کان وڌيڪ مؤثر ۽ اهم قدم ٻي نٿي سگهيو. پاڻ پنهنجي اولاد ۽ مريدن جي اصلاح ۽ تربيت واسطي حد کان زياه تاڪيد ۽ اهتمام فرمائيندا هئا.

سندن ملفوظات شريف ۾ لکيل آهي ته درگاهه شريف (پير جو ڳوٺ) جا عام ماڻهو نماز تي اچڻ ۾ سستي ڪندا هئا. پوءِ انهن لاءِ پاڻ ماڻهو مقرر ڪري ڇڏيائون ته جيڪو به شخص جماعت سان گڏجي نماز نه پڙهي ته ان کي پنجن لڪڻن هڻڻ جي سزا ڏني وجي. پوءِ جيڪو شخص جماعت سان گڏجي نماز پڙهڻ ۾ سستي ڪندو هيو ته ان کي سندن حڪم موجب پوري سزا ملندي هئي. ليڪن ان طرح سزا مقرر ڪرڻ جي باوجود به جيڪڏهن کي ماڻهو نماز ادا ڪرڻ ۾ غفلت ڪندا هئا تڏهن اهڙن ماڻهن مٿان ڏنڊ مقرر ڪيائون ۽ سندن مقرر ڪيل شخص جماعت سان نماز نه پڙهندڙن ماڻهن کان نماز تي نه اچڻ سبب هر حالت ۾ ڏنڊ پرائي ونندو هيو. ليڪن لڪڻن جي مار ۽ ڏنڊ پرائڻ جي باوجود به ماڻهو نماز ۾ سستي ڪرڻ لڳا. آخر پاڻ تنگ ٿي پنهنجي صاحبزادي حضرت پير سيد صبغت الله شاهه رحمة الله تعالىٰ عليه جن کان ان بابت صلاح پچيائون ته بابا! اسان ماڻهن کي نماز پڙهائڻ واسطي مختلف طريقن سان سزا مقرر ڪئي آهي ليڪن، پوءِ به اهي ماڻهو پنهنجي سستيءَ کان باز نٿا اچن. هاڻي اهڙن ماڻهن لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

www.maktabah.org

تڏهن سندن صاحبزادي کين مشورو ڏنو ته جيڪو شخص اڳتي نماز لاءِ وقت تي حاضر نه ٿئي ته ان کي ڪمري ۾ سارو ڏينهن بند ڪري ڇڏجي جيئن هو نفساني خواهشن کي پوري ڪرڻ کان باز رهي، تنهن ڪري اها سزا بهتر رهندي. تڏهن سندن صاحبزادي حضرت صبغت الله شاهه جي اها صلاح کين پسند آئي ۽ پاڻ ان سزا کي مقرر ڪرڻ لاءِ حڪم فرمايائون ته آئنده جيڪو به نماز جماعت سان نه پڙهندو ته ان کي سارو ڏينهن ڪمري ۾ بند ڪيو ويندو. (١)

حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ به جيڪي مسلمان پنهنجي گهرن ۾ نماز ادا ڪندا هئا ته اهڙن ماڻهن لاءِ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن هڪ دفعو جوش ۾ اچي فرمايو ته مون کي پنهنجي رب جو قسم آهي جو توهان جي پوڙهن، ننڍڙن ٻارن ۽ عورتن تي رحم ٿو اچي نه ته جماعت سان نماز نه پڙهندڙن جي گهرن کي باهه ڏئي ساڙائي ڇڏيان.

حضرت پير سائين روضي ڏٽي رحمة الله تعالىٰ عليه جن جي ملفوظات شريف ۾ ميڏنو فقير پليجو کان نقل آهي ته "هڪ دفعو درگاهه مبارڪ تي حاضر هيس. ايتري ۾ هڪ شخص درگاهه جو رهندڙ جيڪو جماعت سان نماز پڙهڻ ۾ سستي ڪندو هيو، ان کي ونڊي آيا ۽ کيس سيکٽ ۽ تعزير ڏيڻ لاءِ اشڪنجي ۾ ڪٽي جڪڙيائون (جو اهڙن ماڻهن لاءِ حضرت جن جو اهوئي حڪم هيو) تڏهن فقيرن کين عرض ڪيو ته حضرتا! هن جا پير قرڙين سبب اڳي ئي ڦٽيا پيا آهن، هاڻي جيڪڏهن دوبارو کيس اشڪنجي ۾ بند ڪنداسين ته پوءِ سڄو رت ٽي ويندو، تڏهن پاڻ ارشاد فرمايائون ته جيڪڏهن صرف اشڪنجي ۾ بند ڪرڻ سان ئي رت نڪري پيو ته پلو آهي جو آخرت جي عذاب کان بچي پوندو. پوءِ پاڻ فارغ ٿي ڪري ان ماڻهوءَ وٽ آيا، ۽ کيس پاڪ پائي انتهائي شفقت ۽ محبت سان فرمايائونس ته يار! اهو فقط توهان جي خير خواهيءَ لاءِ ڪندا آهيون (٢)

حضرت جن کي پنهنجي اولاد ۽ مريدن جي ظاهريءَ باطنيءَ تربيت جو سخت اونو هوندو هيو ۽ اهوئي سبب هيو جو سندن تعليم ۽ تربيت سببان تمام ٿوري وقت ۾ مريدن ۽ معتقدن جو حلقو سنڌ کان ٻاهر هندستان، افغانستان تائين پکڙجي ويو. کين سفر ۽ حضر دوران هميشه اهو فڪر رهندو هيو ته ڪهڙي طرح مخلوق خداونديءَ کي سڌي رستي تي هلائجي.

سندن زندگي مبارڪ جي مختلف پهلوئن تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته پاڻ هر طريقي سان پنهنجي صاحبزادن ۽ عام مريدن کي الله پاڪ ۽ ان جي رسول

(١) ملفوظات مترجم جلد ١ ص٢٦
(٢) ملفوظات مترجم جلد ٤ ص١٥٥

www.maktabah.org

مقبول صلي الله عليه وسلم جي تابعداري ۽ پيروي ڪرڻ واري وات تي هلائڻ لاءِ ڪوشان رهندا هئا.

خليفي لقمان رحمةَ الله تعاليٰ عليه کان نقل آهي ته هيڪر پاڻ ظاهر سبق جي وٺڻ ۾ دير ڪرڻ سبب صاحبزادي ميان سيد محمد ياسين شاهه رحمةَ الله تعاليٰ عليه تي جوش فرمايو هئائون ۽ فرمايائونس ته اي بابا! توهان جا جيڪي اسان تي حق هيا سي اسان سڀ ادا ڪيا آهن هينئر اسان کي ڇڏيو ۽ پنهنجو پاڻ ڄاڻو. باقي اسان جا اوهان تي ايترا حق آهن جنهن جي ڪا حد ئي ڪانهي. ان کان پوءِ پاڻ پنهنجي صاحبزادي پير سيد محمد ياسين شاهه کي نصيحت ڪندي فرمايائون ته اولاد جا پيءُ تي چار حق آهن١- هڪ ته مٺس نالو چڱو رکي٢- ٻيو علم پڙهائيس ٣- ٽيون طوهر ڪرائيس ۴- شادي ڪرائيس. پوءِ ڪيس فرمايائون ته اسان اهي چارئي حق ادا ڪري ڇڏيا آهن هينئر پاڻ ڄاڻو ۽ پنهنجو خيال ڪريو(١)

مٺين حقيقت ڄاڻڻ بعد معلوم ٿو ٿئي ته صاحبزادي صرف ظاهري سبق حاصل ڪرڻ ۾ سستي ڪئي ته پاڻ مٺس ايتري حد تائين ناراض ٿيا جو ڪيس فرمائڻ لڳا ته هينئر اسان کي ڇڏيو ۽ پنهنجو پاڻ ڄاڻو. سندن صاحبزادي کي ان طرح چوڻ جو مطلب اهو هيو ته جيڪڏهن اوهان شرعي تعليم حاصل نه ڪندؤ ته پوءِ اسان جو توهان سان ڪوبه واسطو نه رهندو ۽ اهڙيءَ حالت ۾ توهان اسان کان جدا ٿي پنهنجي منهن مٺي ٿيو. سبحان الله! ڪيڏو نه ڪين پنهنجي اولاد جي تربيت جو خيال مبارڪ هو، جو ظاهري سبق وٺڻ ۾ ٿوري سستيءَ سبب جوش ۾ اچي پنهنجي اولاد کي سخت تنبيهه فرمايائون.

حقيقت ۾ ڏسجي ته صحيح ۽ اصل تبليغ به اهائي آهي جو سڀ کان پهريائين پنهنجن ويجهن مائٽن ۽ تعلق وارن کي سنئين وات تي هلائڻ خاطر ڪوشش ڪجي. باقي صرف شخصي رياضتن ۽ مجاهدن سان اصلاح معاشره ناممڪن آهي ۽ قرآن ڪريم جو به اهڙوئي حڪم مبارڪ آهي ته خدا پاڪ ان قوم جي حالت ايستائين تبديل نه فرمائيندو جيستائين انهن مان هر هڪ فردخود احتسابيءَ جي عمل سان پنهنجو پاڻ کي تبديل نه ڪري ڇڏي ۽ رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم به اهو فرمايو آهي ته توهان مان هر هڪ ڏنار آهي ۽ هر هڪ کان پنهنجي ڏڻ جي باري ۾ پڇا ڪئي ويندي يعني پيءُ کان پنهنجي پٽ جي باري ۾ پڇا ٿيندي، مڙس کان پنهنجي زال جي باري ۾ ، ماءُ کان ڌيءَ جي باري ۾ ، دوست کان دوست جي باري ۾ باز پرس ٿيندي. غرض ته هر هڪ انسان کان هڪ ٻئي جي باري ۾ پڇيو ويندو.

(١) ملفوظات مترجم جلد ١ ص١٦٥

www.maktabah.org

بي هنڌ سندن ملفوظات شريف ۾ مذڪور آهي تہ هڪ دفعو پاڻ درگاهہ شريف واري مسجد ۾ فقيرن سان گڏ ويٺا هئا ۽ سندن صاحبزادو مسند نشين بہ ٿورو پرپرو تمام ادب ۽ نياز سان حاضر هو. تڏهن پاڻ ارشاد فرمايائون تہ اي بابا! اسان توهان جي پڙهائڻ لاءِ ويهہ رپيا ماهوار ڏيئي معلم مقرر ڪيو آهي ۽ توهان جي شادي بہ ڪرائي آهي. هاڻي جيڪڏهن الله پاڪ جي طلب ۾ ڪوشش ڪندو ۽ طلبگار ٿيندو تہ نيڪ آهي نہ تہ جيڪو بہ الله تعاليٰ جي طلب کان پري هوندو پوءِ توڙي جو اهو اسان جو پاءُ يا پٽ چونہ هجي تہ بہ اسان کي ان سان کا بہ نسبت يا واسطو ڪونهي اهو اسان جو نہ پاءُ آهي نہ پٽ آهي.

اهڙيءَ طرح سندن ٻئي صاحبزادي ميان محمد حسن شاهہ کي ڪچوراڙي جي ڪري مسجد شريف ۾ نماز جي ادا ڪرڻ ۾ سستي ٿيندي هئي. تنهن تي پاڻ ڪيس گهرائي سخت لفظن ۾ تنبيهہ فرمايائون تہ نماز جي ادا ڪرڻ ۾ چوٽو سستي ڪرين؟ تڏهن صاحبزادي عرض ڪيو تہ حضرت آءٌ نماز پڙهندو آهيان. ان تي پاڻ جوش سان فرمايائونس تہ توهان کي رڳو ڪچوراڙي نڪتي آهي، تہ نماز جي ادا ڪرڻ ۾ ايتري سستي ٿا ڪريو پوءِ سڪرات جي سختيءَ ۽ قبر قيامت جي هولناڪين مهل اوهان ڪيئن ڪندو؟(۱)

اهوئي اصل ۾ دين اسلام آهي جنهن تي الله پاڪ جا ولين ۽ ڪامل بانها قائم رهيا ۽ پنهنجي پوري حياتي ان تي استقامت ۽ همينگيءَ ۾ صرف ڪري ڇڏيائون. حضرت رسول خدا صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي تہ همينگيءَ وارو ئي عمل حق سبحانه وتعاليٰ کي پسند آهي.

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جامع صفات، تقويٰ جا مالڪ هئا، منجهن خدا پاڪ اهڙي تہ مٹيا موجزن فرمائي هئي جو شريعت پاڪ ۽ سنت نبوي عليه الصلواة والسلام جي خلاف تر جيترو بہ ڪائن برداشت ڪان ٻاهر هوندو هيو. الله تبارڪ وتعاليٰ ۽ ان جي رسول مقبول صلي الله عليه وسلم کان سواءِ کين ڪنهن جي بہ پرواهہ ڪانہ هوندي هئي. جيڪڏهن فڪر ۽ ڳڻتي دامنگير هئي تہ صرف احڪام الاهي جي بجا آوري ۽ ان تي پوري پوري عمل ڪرڻ ۽ بين کي ان رستي تي گامزن ڪرڻ جو فڪر دامنگير رهندو هيو.

هڪ دفعو پاڻ پنهنجي صاحبزادي کي گهرائي وصيت فرمايائون تہ بابا! جيڪڏهن توهان اسان جي وصال کان پوءِ پنج هٽ پٽڪي جا ٻڌي پاڻ کي پير جو پٽ چورائيندو تہ بہ خلق کي مسخر ڪري وجهندو پر مطلوب حقيقي، سچائي ۽ اندر جي

(۱) ملفوظات جلد اول ص۱۵۸ ايضاً جلد ۳ ص۴۸

www.maktabah.org

صفائي کان سواءِ هرگز حاصل نہ ٿي سگھندو (۱)

حضرت جن حقيقي حڪيمن جيان مرده دلين کي زنده رکڻ واسطي جھڙي قسم جو طالب هوندو هيو تہ ان کي اھڙي طرح تلقين و ارشاد فرمائي وصيت ڪندا هئا. جيڪڏھن صرف وعظ و نصيحت تي ڪو سست يا غافل مريد ۽ طالب ڏيان نہ ڏيندو هيو، ۽ هو پاڻ کي الله پاڪ جي ذڪر فڪر سان مشغول نہ رکندو هيو تہ تاديبي ڪاروائي وسيلي ان کي ذڪر اذڪار جي شغلن ۾ مشغول رکڻ لاءِ ڪنهن بہ قسم جي دير ۽ تاخير نہ ڪندا هئا، بلڪ اھڙن غافلن لاءِ جسماني سزا مقرر فرمائي ڇڏي هئائون.

خليفي محمود رحمة الله تعالىٰ فرمايو آهي تہ اي عزيز! حضرت جن جي عادت مبارڪ هئي جو جماعت سان گڏ شهر جي ڪورين کي بہ زوري ذڪر ۾ ويهارينداهئا (۲)

سندن اهو فعل جيڪو ماڻهن کي ذڪر جي حلقي ۾ زبردستيءَ سان مارڪٽ ڪري ويهارڻ وارو هيو، اهو عين رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي ان حڪم موجب هيو جنهن ۾ فرمايو اٿن تہ "جا مان اھڙي پلي ڪم جي توهان کي خبر نہ ٻڌايان جنهن مان توهان کي دنيا ۽ آخرت جي پلائي نصيب ٿئي؟ پوءِ اوهان تي لازم آهي تہ ذڪر جي مجلس ۾ حاضر رهو."

ان حديث پاڪ مان ثابت آهي تہ ذڪر جي مجلس جي تلاش ۽ انهن ۾ شامل ٿيڻ لازمي ۽ ضروري قرار ڏنو ويو آهي. ان کان سواءِ اهو پڻ واضح ٿئي ٿو تہ ذڪر جي مجلس ۾ ويهڻ سبب دين دنيا جي پلايون ۽ ڪاميابيون نصيب ٿين ٿيون، ۽ پن اهوئي صوفياءِ ڪرام ۽ اولياءَ عظام جو دستور رهيو آهي. جو هو پنهنجي مريدن ۽ معتقدن کي ذڪر اذڪار جي مشغولين ۾ شامل ڪرڻ لاءِ سختيءَ کان ڪم وٺندا هيا. فتاويٰ الحديثيه ۾ آهي تہ "جڏهن اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ صوفياءِ ڪرام جي صبح ۽ شام جي ذڪر ۽ اوراد جي اجتماع جو بنياد صحيح سنت رسول ذريعي ثابت آهي تہ پوءِ ان تي اعتراض ڪرڻ نہ ٿو جڳائي." (۳)

حضرت جن بہ ذڪر پاڪ جي فضيلت ۽ برڪت کي حاصل ڪرڻ لاءِ، پنهنجي مريدن ۽ معتقدن کي ذڪر جي مجلس ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ان کي سختي ڪندا هيا تہ، جيئن ذڪر جي برڪت سان دين دنيا جون نعمتون ۽ پلايون حاصل ڪري پنهنجو اندر اجارين. ان کان سواءِ سندن جماعت ۾ اھڙا سوين واقعا مشهور آهن جو پاڻ پنهنجي مريدن

(۱) ملفوظات جلد اول ص۱۵۸
(۲) ملفوظات مترجم جلد ٦ ص۵۱
(۳) فتاويٰ الحديثيه ص٦۵

www.maktabah.org

۽ معتقدن جي کشف ذريعي تربيت ۽ اصلاح فرمائيندا هيا.

غلام محمد نظاماڻي پنهنجي ذاتي مشاهدي کي هن طرح بيان ڪيو آهي تہ: هڪ دفعو مون کي حضرت پير سائين روضي ڈٹي قدس سره جن خواب ۾ پنهنجي مشاهدي کان مشرف ڪيو، ۽ فرمايائون تہ اي غلام محمد! قرآن شريف جي تلاوت ڪر، تڏهن مون عرض ڪيو تہ حضرتا! مون کان قرآن شريف جو پڙهڻ نٿو ٿئي. تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ، ڪجهہ تہ پڙهڻ گهرجي. مون جواب ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! مون کان ڪجهہ بہ نٿو پڙهي سگهجي. ان تي پاڻ رنج ٿي پيا ۽ انهيءَ سندن رنج جي خوف ۾ آئون سجاڳ ٿي پيس، ۽ انهيءَ ئي مهل اٿي فرحي لکائي پڙهڻ ۾ مشغول ٿيس. سندن برڪت جي اثر سان جيڪي اڳي پڙهي وساريو هئم سو سمورو پڙهي ياد ڪري ويس(۱)

ان کان سواءِ سندن سوانح حيات جي اپياس مان اهو بہ معلوم ٿيو آهي تہ پاڻ پنهنجي اولاد، مريدن معتقدن کي چگي ريت شريعت موجب هلندو ڏسي خوشيءَ جو اظهار فرمائيندا هئا. هڪ دفعي خليفي محمود رحمةَ الله تعاليٰ عليه کي فرمايائون تہ "اسان گهرون ٽا تہ جيڪر پنهنجي اولاد مان ڪنهن کي الله تعاليٰ جي طلب ۾ سرگرم ڏسون، سو اسان جي مرضي ۽ مزاج ۾ خوشي رکو انهيءَ ۾ آهي ۽ بس."(۲)

خليفي محمود نظاماڻي کان نقل آهي تہ جڏهن مان درگاهہ شريف تي سندن خدمت مبارڪ ۾ هوندو هئس تڏهن ڏسندو هئس تہ جنهن وقت فقيرن جون جماعتون ڪيترن طرفن کان خدمت شريف ۾ مشرف ٿيندڙيون هيون تڏهن انهن جي ڏسڻ سان مٿن شوق ۽ ذوق غالب ٿيندو هيو، ۽ منهن مبارڪ ڳاڙهو ٿي ويندو هيو ۽ فقيرن تي وجد جوش ۽ روح پئجي ويندو هيو. پاڻ انهيءَ وقت هي سنڌي بيت ارشاد فرمائيندا هئا.

پـلـي ڪئـي پـونـرن، جـي واس ونـڻ آئيـا
تـن کي ڪـونرن ڏنا هنـڌ هنـيانو ۾ (۳)

حضرت جن پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي سيني صاحبزادگان جي تربيت اهڙي طرح فرمائي جو، سندن سڀ صاحبزادا متوڪل، صاحب شريعت ۽ ڪمال وارا بزرگ بنجي ويا.

خليفي لقمان کان منقول آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت جن ارشاد فرمايو تہ هڪ دفعي اسان وٽ گهوڙيون گهٽيون ٽي ويون. جنهن ڪري دل تي بار ٿي پيو. سيني

(۱) ملفوظات مترجم جلد۲ ص۹۵
(۲) ملفوظات مترجم جلد ۳ ص۱۵
(۳) ملفوظات مترجم جلد ۲ ص۷

www.maktabah.org

صاحبزادن کي گهرائي چيوسين ته بابا! اسان وٽ گهوڙيون گهٽيون ٿي ويون آهن تنهن کري اسان جو خيال آهي ته گهوڙيون توهان پاڻ ۾ ورهائي ڪٽو، اسان کان انهن جي خدمت نٿي پهچي. تڏهن سيني صاحبزادن عرض ڪيو ته حضرتا! جڏهن توهان جهڙي درياهه دل جي مٽان بار ۽ غبار آڻين ٿيون ته پوءِ اسان جيڪي اصلاً خيالن سان پريل آهيون، تن کي گهٽي تنگيءَ ۾ وجهنديون. انهيءَ جواب تي پاڻ ڏاڍا خوش ٿيا جو باوجود جوانيءَ جي سهٽين ۽ پلين گهوڙين جي ويجها نٿا وجن. قدرتًا ٿوري وقت بعد اوچتي بيماريءَ سبب سيئي گهوڙيون مري ويون ۽ سواريءَ لاءِ هڪ به نه رهي(۱)

اهو سڀ ڪجهه حضرت جن جي تربيت جو اثر هيو جو سندن سيئي صاحبزادگان ۽ خليفا وغيره ڪمال وارا بزرگ بنجي ويا هئا. انهن جي علو مرتبي ۽ مٽانهين مقام جو پتو ان مان به پوي ٿو جو منجهن للهيت ۽ رضا الاهي جو جوش حد کان زياده موجود هوندو هيو. گهٽو ڪري ائين ٿيندو هيو جو، حضرت جن کي جنهن وقت مريد، يا معتقد خليفا ۽ صحبتي رضا الاهي جي حصول واسطي، دعا لاءِ عرض ڪندا هئا ته ان وقت پاڻ اهڙي ناصحانه انداز ۾ انهن کي تلقين ڪندا هئا جو مبتدي ۽ نئون مريد به پختو عزم ۽ حوصلو حاصل ڪري سلوڪ جون منزلون حاصل ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات جدوجهد ۽ مجاهدات ۾ مصروف عمل ٿي ويندو هيو، ۽ ٿورڙي عرصي ۾ صاحب ڪمال بنجي ويندو هيو.

ملفوظات شريف ۾ مذڪور آهي ته هڪ دفعي ابراهيم فقير نالي (جيڪو سندن مريد هيو) ڪائن پنهنجي ڳوٺ وڃڻ جي اجازت گهري، ۽ دنياوي اسبابن جي مشغوليءَ بابت معذرت پئي ڪيائين ۽دعا لاءِ درخواست ڪيائين. تڏهن حضرت جن انتهائي شفقت سان دلجوئي خاطر ڪيس دلاسو ڏيندي فرمايو ته اي فقيرا! تنهنجو اهو اسباب جيڪو نفساني غرضن کان خالي آهي، سو الله تعالىٰ جل شانه جي درگاهه ۾ ترڪ جهڙو آهي(۲)

حضرت جن جي ان فرمودي فرمائش جو مطلب اهو هيو ته جيئن اهو مذڪور فقير دل جمعي سان طلب الٰهيءَ ۾ مصروف رهي. ان کان سواءِ سندن تربيت جو اهو هڪ انداز هيو، جو پنهنجن مريدن ۽ معتقدن جي پختي عقيدي ۽ اصلاح واسطي ان طرح دلجوئي فرمائيندا هئا ته جيئن ان طرح سان ڪين اڳئين منزل ماڻڻ جو شوق ۽ جذبو پيدا ٿئي.

درگاهه شريف تي جيڪي فقير فقراءَ صحبت ۽ فيض حاصل ڪرڻ جي

(۱) ملفوظات جلد ۴ص۵۲
(۲) ملفوظات مترجم جلد ۱ص۱۴۵

www.maktabah.org

نيت سان پري پري کان سفر جون تکليفون سهي پيرين پيادا پيش ٿيندا هيا ته انهن جو کين تمام گهٽو خيال هوندو هيو ۽ سندن هر طرح جو خيال رکندا هيا ۽ انهن جي سار سنيال لاءِ خاص طرح سان ميان قابل شاهه ۽ خليفو قاضي عبد الرحمٰن مقرر هوندا هئا جيڪي فقيرن جي ظاهري ۽ باطني احوال کان کين آگاهه ڪندا هيا ۽ پاڻ فرمائيندا هيا ته هي فقيرن جي جماعت جيڪا پري پري کان درگاهه تي اچي ٿي انهيءَ جو هر هڪ فرد باطني حالت کان خالي نه آهي، پر ادب جي ڪري اسان کان پڇن نٿا. پوءِ ميان قابل شاهه ۽ قاضي عبد الرحمٰن کي فرمائيندا هيا ته انهن فقيرن کان حالات پڇي اسان کي ٻڌايو ۽ جيڪي به ڪجهه انهن فقيرن جي باطني حالت مان معلوم ٿئي سا کين ٻڌايو، ۽ انهن جي حالت موجب باطني طرح توجه فرمائي کين اڳتين منزل جو ڏس ڏيندا هيا. جيڪڏهن ڪو مريد ذڪر اذڪار جي شغل ۾ سستي ڪندو هيو ته ان کي دوباره ساڳيو ئي سبق پڙهائڻ جو امر فرمائيندا هئا (١)

۽ اهڙي طرح سندن اهو معمول هوندو هيو، جنهن جو ظاهري اثر اهو ٿيو جو تمام ٿوري عرصي ۾ سندن مريد صاحب ڪمال بنجي ويا.

حضرت جن کي سڀ کان وڌيڪ پنهنجن مريدن، اولاد، دوستن، تعلقدارن ۽ معتقدن جي اصلاح پيش نظر هوندي هئي ۽ هر وقت انهن جي پلائي ۽ تربيت لاءِ وعظ ۽ نصيحت فرمائيندا رهندا هيا ته جيئن الله پاڪ جي طلب ۾ سرگرم رهن.

سندن صاحبزادي ميان سيد حامد شاهه رحمةَ الله تعالىٰ عليه کان روايت آهي ته هڪ دفعي حضرت جن ارشاد فرمايو ته جيڪڏهن پاڻ ۾ گڏ ٿي ويهو ۽ ڳالهيون ويهي ڪيو ته پوءِ اوهان مان هڪڙي کي ڪپي ته ڳالهين هلندي هين کي چوي ته هيئنر ڳالهيون گهٽيون ڪيون اٿئون، اچو ته هاڻي الله تعالىٰ جل شانه' جون ڳالهيون ويهي ڪيون ته جيئن سيئي لڄي ٿي وري الله جل شانه ڏي رجوع ڪن. (٢)

حضرت جن جي ان فرمودي جو مطلب اهو هيو ته جنهن محفل ۾ الله جل شانه جو ذڪر نه ٿئي ته ان محفل ۾ موجود ماڻهن تي لازم آهي ته هو ان محفل جي ختم ٿيڻ کان اڳ ۾ خدا پاڪ جو ضرور يادگيرو ڪن. ڇو ته حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جو پڻ اهڙو فرمان آهي ته ڪنهن به محفل ۾ ويهڻ وارن تي لازم آهي ته هو محفل جي برخواست ٿيڻ کان اڳ الله پاڪ جو يادگيرو ڪن ته جيئن مصيبت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪن ۽ ائين نه ٿئي جو هو پنهنجي نجي محفل ۾ خدا جي يادگيري کان سواءِ مشغول هجن ۽ مٽن خدا جو عذاب اچي ڪڙڪي ۽ پوءِ هو هلاڪ ٿي وڃن.

(١) ملفوظات مترجم سنڌي جلد ٤ ص١٩٥

(٢) ملفوظات شريف مترجم جلد اول ص١٦١

www.maktabah.org

تنهن کري اولياءالله تعالیٰ بہ پنهنجي محفلن ۾ خدا پاڪ جي يادگيري کي ضروري جزو قرار ڏيندي ظاهري دنياوي مشغولين سان گڏوگڏ پنهنجو تعلق الله پاڪ سان ڳنڍڻ جو درس ڏيندا رهيا ۽ اهوئي سندن منصب هيو جنهن جي پورائي لاءِ پنهنجيون حياتيون وقف کري ڇڏيائون.

ملفوظات شريف ۾ بيان آهي تہ سندن عادت مبارڪ هوندي هئي تہ جمعہ جي نماز ادا کرڻ کان پوءِ مسند تي ويهي وعظ فرمائيندا هئا ۽ جتان ڪتان تمام گهٽي انداز ۾ مخلوق گڏ ٿيندي هئي ۽ پاڻ وعظ دوران، قرآن، حديث، شريعت، طريقت جا نُڪتا بيان فرمائيندا هئا ۽ حقيقت ۽ معرفت جا اسرار، اڳين پوين بزرگن جا قول ۽ گفتا، هر قسم ۽ هر زمان جا بيت نهايت سهڻي نموني سان ٻڌندڙن جي حالت موجب بيان فرمائيندا هئا. خليفي محمود رحمۃ الله تعالیٰ عليه بيان کيو آهي تہ سندن وعظ ۽ نصيحت جي کري ساري جماعت ۾ روح ۽ وجد جي حالت پيدا ٿي ويندي هئي ۽ روئندي روئندي ماٺهو بيهوش ٿي ويندا هئا ۽ حضرت جن پاڻ بہ وعظ ۾ گريو فرمائيندا هئا ۽ هن طرح فرمائيندا هئا تہ متان سياڻي قيامت جي ڏينهن حساب جي مهل کو حجت نہ آڻي تہ اسان کي ڪنهن بہ نہ ٻڌايو تنهن کري دل جي هوش سان ٻڌو تہ اسين اوهان کي ٻڌايون ٿا تہ هي جهان فاني نيٺ هڪ ڏينهن ڇڏڻو آهي، تنهن کري پنهنجي خدا سان هجو. اسان جو هي قول توهان جي حجت کي سياڻي باطل ڪندو. (١)

حضرت جن پنهنجي پوري زندگي جماعت ۽ اولاد جي تربيت ۾ اهڙي طرح صرف ڪئي، جو سندن ئي حياتيءَ ۾ سيئي صاحبزاد ۽ خليفا هدايت ۽ عرفان حاصل کري وڏا پير ۽ خانقاهن جا وارث بنجي ويا.

شريعت جو صاحب:

الله پاڪ جي پيارن ٻانهن ۽ مقبول بندن کان سواءِ ٻيو ڪير آهي جيڪو شريعت پاڪ جي حڪمن تي مضبوطيءَ سان قائم رهيو هجي ۽ تقويٰ تي استقامت سان عمل ڪندو هجي؟

شريعت پاڪ ذريعي انسانن ۾ پرهيزگاري، خوف خدا، سچ جي سچاڻ، خدائي فرضن جي بجا آوري، براين کان رڪجي پوڻ جون صفتون پيدا ٿيندڙون آهن. جيڪو شخص شريعت پاڪ جي دائري کان ٻاهر رهي کري خدا پاڪ کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪندو تہ اهڙو ماٺهو پڪ سان گمراهہ ۽ حقيقي رستي کان پٽڪي گمراهي جي

(١) ملفوظات مترجم ١ ص١١٨

www.maktabah.org

آڙاهه ۾ منهن پر ڪري هلاڪ ۽ برباد ٿي ويندو. ان ڪري حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم کي رب العزت جل شانه اهڙي ته شريعت پاڪ سان سينگاري انسانن ڏانهن روانو فرمايو، جيڪا شريعت پاڪ تمام انبياءِ ڪرام جي شريعتن کان تمام آسان ۽ وڌي مرتبي واري آهي.

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمةَ الله تعالىٰ عليه جن، قرآن حديث جا وڏا متبحر عالم هئا، شريعت پاڪ تي پاڻ به سختي سان عمل ڪندا هئا ته پنهنجي مريدن ۽ واسطيدارن کي به شريعت پاڪ جي تابعداري جو تاڪيد فرمائيندا هئا.

خليفي اميد علي جو بيان آهي ته "پاڻ هڪ دفعي فرمايائون ته ظاهري علم وارا ماڻهو شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جو مثال هن طرح ڏسيندا آهن ته شريعت شلوار جي مثال آهي ۽ طريقت قميص جي مثال آهي ۽ حقيقت چادر جي مثل ۽ معرفت دستار سمجهڻ گهرجي. تڏهن پاڻ فرمايائون ته ان باري ۾ اسان جو مذهب ۽ مسلڪ هي آهي ته شريعت جنهن کي ظاهري علم وارا شلوار جهڙو سمجهن ٿا، سا اسان لاءِ دستار ۽ مٿي جو چَٽُ آهي (۱)

سلف صالحين ۽ اولياءِ ڪبار جو پڻ اهو مسلڪ رهيو آهي جو سلوڪ جي طريقي ۾ انهن وٽ شريعت پاڪ سڀ کان زياده اهم ۽ مقدم پئي رهي آهي ڇو ته شريعت جي مڪمل پيروي کان سواءِ هدايت جي واٽ حاصل ڪرڻ ناممڪن بلڪ محال آهي:

خلاف پيغمبر کسي ره گزيد
که هرگز بمنزل نخواهد رسيد

(يعني) جيڪو رسول الله صلي الله عليه وسلم جي طريقي کان سواءِ ٻيو طريقو اختيار ڪندو ته ڪڏهن به حقيقي منزل نه ماڻيندو.

جيڪي ماڻهو شريعت پاڪ جا پابند ۽ مقيد نه هوندا، ته اهي الله پاڪ جي رستي کان هٽي ڪري غرور ۽ تڪبر ۾ گرفتار ٿي ويندا آهن ۽ شريعت جي مقرر ڪيل حد اورانگهڻ انهن لاءِ ڪو مسئلو نه هوندو آهي. پوءِ جڏهن شريعت کان تجاوز ڪرڻ شروع ڪندا آهن ته آخر ۾ هو اسلام جي دائري کان نڪري شرعي قانون جي پڇڙي ڪندي حلال ۽ حرام جا انڪاري ٿي پوندا آهن.

اهڙا ماڻهو جيڪي شريعت پاڪ جي پابندي ڪرڻ لازمي نه سمجهندا آهن. انهن جي خيال ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم جي تابعداري ۽ پيروي

(۱) ملفوظات مترجم جلد ۱ ص۴۶.

www.maktabah.org

ضروري نہ هوندي آهي ۽ آخر ۾ اهي آهستي آهستي الحاد ۽ بي دينيءَ ۾ گرفتار ٿي ويندا آهن. حضرت پير سائين محمد راشد روضي ڏٽي رحمةَ الله تعالىٰ عليه جي پوري حياتي، شريعت جي حڪمن تي عمل ڪندي صرف ٿي. سندن زندگي پاڪ جي نمايان خصوصيت جيڪا اسان جي آڏو آهي، سا شريعت جي مڪمل پيروي آهي.

پاڻ ملفوظات شريف ۾ بيان فرمايو اٿن تہ: شريعت پاڪ وڏي دولت ۽ خدا جي وڏين نعمتن مان هڪ نعمت آهي. جنهن جي تعريف زبان سان بيان نٿي ڪري سگهجي. ڪين شريعت پاڪ سان حد ڪان زياده محبت ۽ پيار هوندو هيو.

پاڻ وڌيڪ فرمايو اٿن تہ هن زماني جي انڌن صوفين جو حال عجيب ۽ حيرت جهڙو آهي، جو هو چوندا آهن تہ شريعت سنڌو ۽ فرق آهي.

نقلي صوفين، (رڳو ڳالهين جي شوقينن) تي ڪين حيرت لڳندي هئي. پاڻ مثال ڏيندي فرمايائون تہ مثلاً جيڪڏهن ڪو ننڍو بي سمجهہ ٻار رستي سان ڪنهن وات تان پيو وڃي ۽ ان جي رستي ۾ سامهون ڪوهہ هجي ۽ ٻيو شخص ان ٻار کي هٿ ڪان وٺي ڪوهہ کان پاسي ڦيرائي (صحيح) رستي سان ڪري ڇڏي تہ انکي سنڌو ڪيئن سڏبو؟ بلڪ سنڌو تڏهن ٿيندو جڏهن اهڙي ٻار کي ڇڏي ڏجي تہ پل وڃي ڪوهہ ۾ ڪري.

پاڻ شريعت جي پيروي ڪندڙن لاءِ فرمائيندا هئا تہ شريعت گمراهن کي وات ڏيڪاريندڙ آهي، سا وري سنڌو ڪيئن ٿيندي؟ (١) ڪين شريعت پاڪ جي حڪمن جي بجا آوري ايتري تہ عزيز هوندي هئي جو پوري حياتي مبارڪ ۾ ڪڏهن بہ هڪ دفعو بہ ڪائنس شريعت پاڪ جي خلاف ڪو ڪر ظاهر نہ ٿيو.

هڪ دفعي جو واقعو آهي تہ پاڻ جيسلمير جي سفر تي هئا تہ ڏڳهي سفر جي مسافريءَ سبب، فقير فقراءِ ٽڪجي بيحال ٿي پيا. تڏهن پاڻ دعوت واري کي فرمايائون تہ جيڪڏهن هٽ ڪو راڳ چوندڙ شخص هجي تہ ان کان ڪجهہ ٻڌون ۽ ان طرح سفر جي ڪجهہ ٽڪاوٽ بہ دور ٿيندي ۽ سائين جي تفريح بہ ٿي ويندي. تڏهن ماڻهن عرض ڪيو تہ سائين هٽ هڪ مڱٽهار آهي، جيڪو ڏاڍو دلپسند راڳ ڪندو آهي. تڏهن پاڻ ان لنگهي کي گهرايائون. مڱٽهار حاضر ٿيو ۽ پاڻ سان سارنگي بہ کنيو آيو. پاڻ ارشاد فرمايائونس تہ راڳ ٻڌنداسون پر ساز سان نہ. سارنگي ڇڏ ۽ بنا ساز جي ڪجهہ ڇو تہ ٻڌون. تڏهن لنگهي عرض ڪيو تہ قبلا! سارنگي کان سواءِ مون کان راڳ نہ هلندو آهي ۽ مجلس ۾ حاضرين بہ ڪين عرض ڪيو تہ قبلا! ان مڱٽهار کي موڪل ملي تہ ڪجهہ

(١) ملفوظات مترجم جلد ١ ص٢٦

www.maktabah.org

ساز سان راڳ ٻڌائي. پاڻ ٿوري فکر کرڻ کان پوءِ پنهنجي زبان فيض ترجمان سان فرمايائون ته شريعت پاڪ ۾ ساز ٻڌڻ منع آهي. جيڪڏهن بنا ساز جي راڳ هوندو ته ٻڌنداسين نه ته راڳ ٻڌڻ کان اسان کي بس آهي. تڏهن مگٿهار بنا ساز جي هڪ هنڌي ۽ ٻيو سنڌي ۾ بيت چيا (۱)

سندن زندگي مبارڪ جو ڪو به اهڙو واقعو يا مثال آڏو نه آيو آهي، جنهن ۾ تر جيترو به شريعت پاڪ کان هٽي ڪري قول يا فعل جو ظهور ٿيو هجي. خليفي ميان لقمان رحمة الله تعاليٰ عليه جن کان نقل آهي ته هڪ دفعو ارشاد فرمايائون ته جنهن شخص کي شرعي ڪمن ۾ نقصان يعني ان تي پورو عمل نه آهي ته انجي توحيد جي ڪماليت ۾ به نقصان هوندو (۲)

سندن ان فرمان مبارڪ جو مطلب اهو هيو ته اصل توحيد شريعت جي مڪمل پيروي ڪرڻ جو ئي نالو آهي. يعني جيڪڏهن شريعت پاڪ تي عمل نه اٽس ته ان جي توحيد جيڪا اسلام جو اهم ۽ پهريون رڪن آهي سا به اڻپوري ۽ اڌوري آهي.

سندن مڪتوبات شريف ۾ ذڪر آهي ته "شريعت پاڪ، حقيقت ۽ معرفت کان اڳ ۾ آهي." (۳) دراصل شريعت ظاهري اعمالن جي درستيءَ جو نالو آهي ۽ حقيقت مان مراد باطني حالت جي درستي آهي. شريعت ئي اصل ۾ حقيقت آهي جيڪا بغير شريعت جي قائم رهي نٿي سگهي. شريعت پاڪ ٻانهي جو فعل آهي ۽ حقيقت الله تبارڪ وتعاليٰ جي نگهباني ۽ حفاظت جو نالو آهي.

ان ڪري ائين ئي سمجهڻ گهرجي ته شريعت پاڪ جو قائم ڪرڻ حقيقت جي وجود کان سواءِ محال ۽ ناممڪن آهي ۽ اهو به يقين ڪرڻ گهرجي ته حقيقت جو قائم ڪرڻ شريعت جي حفاظت کان سواءِ ناممڪن آهي ان جو مثال انسانن جي بدن ۽ ساهه وانگر آهي جيڪي هڪ ٻئي کان سواءِ بيڪار آهن. اهڙي طرح شريعت حقيقت کان بغير بي فائدي آهي ۽ حقيقت بغير شريعت جي ڪجهه به نه آهي.

حضرت جن فرمائيندا هئا ته "الله پاڪ جي ٻانهي لاءِ ڪو به اهڙو مقام يا روحاني حالت ۽ ڪيفيت يا ڪو به ٻيو اهڙو علم نه آهي جيڪو شريعت پاڪ جي آداب کي پائمال ڪري ڇڏي، بلڪ ان جي ابتڙ شرعي آداب ظاهري حالت جو زيور آهن ان ڪري الله تبارڪ وتعاليٰ پسند نه ٿو فرمائي ته عام انسان، پنهنجي عضون کي سينگاريل آداب کان پري رکن.

(۱) ملفوظات مترجم جلد ۱ ص۲۴
(۲) ملفوظات مترجم جلد ۱ ص۲۶
(۳) مڪتوب نمبر ۱۸

www.maktabah.org

حضرت جن جي ان فرمودي جي مطلب هي آهي تہ شريعت پاڪ ئي اهڙو بهترين هٿيار آهي جو جنهن ذريعي نفس کي مهذب ۽ تابعدار بنائڻ لاءِ شريعت جي ڏسيل رستي تي کاربند رهڻ گهرجي، ۽ شريعت پاڪ تي استقامت سان کاربند رهڻ کري ناقص انسان بہ کامل ۽ انهو بنجي وڃي ٿو. شريعت پاڪ جو اصل رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جا احڪام آهن. کائنئن جيڪو بہ فرمايل آهي. انهن جو حقيقت ۾ مقصد اهو آهي تہ ماڻهن درميان ظلم نہ ٿئي ۽ هو آخرت جي عذاب کان ڇوٽڪارو حاصل ڪن. شريعت جو نالو ئي انهن احڪامن جي پروڙڻ ۽ ان جي معنيٰ کي سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جو نالو آهي. الله تبارڪ وتعالیٰ شريعت بہ انسان ذات لاءِ ان کري ضروري مقرر فرمائي آهي تہ جيئن انسان ذات جي، نيڪ عملن ذريعي اصلاح ڪئي وڃي. ان کي برن کمن کان روڪيو وڃي، دين جي نشانين کي قائم رکڻ لاءِ کين آماده ڪيو وڃي. دراصل شريعت خدا تبارڪ وتعالیٰ جي رستي جو نالو آهي، جيڪو پنهنجي ۽ بانهن لاءِ عبادت ۽ معاملات ۾ حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي دين مطابق مقرر فرمايو اٽائين.

ان کري اولياءَ الله ۽ صوفياءَ ڪرام شريعت پاڪ جي حڪمن تي عمل ڪرڻ ۾ ئي پنهنجي مراتب ۽ منازل جي ترقي جو سبب سمجهيو، ۽ ان تي دل و جان سان کاربند رهيا. ان کان سواءِ رضاءِ الٰهي جو سبب بہ شريعت پاڪ جي حڪمن جي بجاآوريءَ ۾ آهي.

خليفي ميان لقمان رحمةَ الله تعالیٰ عليه کان نقل آهي تہ هڪ دفعي پير سائين جن فرمايو تہ جيڪڏهن ڪو حوض پليت پاڻيءَ سان پريل هجي ۽ منجهس چار واهيون پليت پاڻيءَ جون ڇڻي طرفن کان پيون وهن تہ ان حوض جي پاڪائيءَ لاءِ ڇاهي ڪيتري بہ ڪوشش ڪجي ۽ ڇو نہ دلن سان پري پاڻي ڪيجي، تہ بہ نہ حوض جو پاڻي گهٽبو، نہ حوض ئي پاڪ ٿيندو، تنهن کري حوض جي پاڪائيءَ لاءِ هي مصلحت ٿي سگهندي جو پهريائين اهي پليت پاڻيءَ جون واهيون جيڪي منجهس وهن ٿيون سي بند ڪرڻ گهرجن پوءِ جيڪو پليت پاڻي حوض ۾ هجي، سو ڪڍي صاف کري ڏوئي ڇڏجيس. ان کان پوءِ ئي حوض پاڪ ٿي ويندو. پاڻ اهو مثال ڏيندي وڌيڪ فرمايائون تہ انسان جي دل حوض جي مثال وانگر آهي ۽ سندس حواس ۽ رڳون جيڪي غير شرعي کمن جي کري خراب خيالن سان پريل آهن سي پليت پاڻي جون واهيون آهن ۽ ذکر فکر جا جيڪي شغل مشغوليون آهن، سي دل جي حوض کي پاڪ ڪرڻ لاءِ دلي جي مثال آهن، پوءِ جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي اندروني ۽ بيروني حواسن کي غير شرعي کمن کان بند نہ ڪندو تہ انهيءَ جي دل جي صفائيءَ لاءِ ذکر فکر مان ڪوبہ فائدو ڪونہ ٿيندو. ان کري ضروري آهي تہ پهريائين پنهنجا حواس ناجائز (غير شرعي) کمن کان بند ڪري، پوءِ "لا"

www.maktabah.org

واري دلي سان اڳئين پليتي جي نفي ڪري ته پوءِ دل وارو حوض صاف ۽ پاڪ ٿي پوندو (۱)

سبحان الله! الله پاڪ جل شانه' جي پيارن بانهن کي مخلوق خداونديءَ جي صحيح واٽ تي هجڻ جو ڪيڏو نه اونو هوندو هو ۽ ڪهڙا نه سهٽا ظاهري مثال ڏيئي، سندن اصلاح جوفڪر دامنگير رکندا هئا.

سنت سان پيار:

انسان ذات تي رب پاڪ جا لکين احسان آهن جو سندن رهنمائيءَ واسطي مختلف وقتن ۾ پيغمبر، رسول ۽ نبي سڳورا ايندا رهيا، ان کان پوءِ صحابہ ڪرام، تابعين ۽ تبع تابعين ڪرام ۽ اولياءَ الله پڻڪيل انسانيت جي رهنمائيءَ لاءِ انساني اخلاقن کي اجاگر ڪندا رهيا ۽ انساني تهذيب و تمدن کي تباهي ۽ بربادي‌ءَ کان بچائڻ خاطر پنهنجي فريضي کي پورو ڪندا رهيا آهن.

تاريخي ۽ جاگرافيائي لحاظ سان سنڌ ڏرتيءَ مٿي اصل کان اهڙا نيڪ سيرت انسان پيدا ٿيندا رهيا جن جي اهميت ۽ هاڪ اوڙڪ زمين تائين مشهور ٿي وئي، ۽ اهوئي سبب آهي جو پوري برصغير ۾ سنڌ کي باب الاسلام جو شرف حاصل آهي. سندس تاريخ تمام اهم ۽ سبق آموز آهي. منجهس اهڙا ته گوهر پيدا ٿيندا رهيا جو صدين گذرڻ جي باوجود به انهن جي حڪمراني دلين تي ايا تائين جاري آهي.

اهو سڀ ڪجهہ صرف ان ڪري ٿي آهي جو انهن نيڪ سيرت انسانن پنهنجي پوري حياتي هڪ دائري ۾ صرف ڪئي ۽ اهو دائرو سنت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جي روشنيءَ ۾ قائم ڪيائون، جو ته ڪين چگيءَ طرح معلوم هيو ته انسان کي روحاني معراج سنت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم تي ڪاربند رهڻ سان ميسر ٿيندو آهي، انهيءَ ڪري صوفياءَ ڪرام ۽ اولياءِ عظام سنت رسول صلي الله عليه وسلم کي پنهنجي زندگيءَ جو اهم ۽ ضروري جزو قرار ڏنو.

اهڙن نيڪ سيرت انسانن جي احوال زندگيءَ تي نظر وجهڻ سان اها ڳالهہ به سامهون اچي ٿي ته ڪين سنت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم کان وڌيڪ ٻيو ڪو به عمل پسند ئي ڪونہ هيو.

سنڌ جي شمس السالڪين حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٿي رحمة الله تعالىٰ عليه جي زندگي ۽ سيرت پاڪ به سنت رسول مقبول صلي الله

(۱) ملفوظات جلد اول ص۱۵۶

www.maktabah.org